# ستارن ۾ لکيل
# سوڪيءَ جي ڪهاڻي

ايرنا انجبرگ موئن/ منور ٻٽ



ناري پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ

ناري پبليڪيشن جو ٻٽيهون ڪتاب

# ستارن ۾ لکيل

# سوڪيءَ جي ڪهاڻي

(ناول)

(WRITTEN IN THE STARS, THE STORY OF SUKI)

ليکڪا: ايريا انجبرگ موئن

سنڌيڪار: منور ٻٽ

ناري پبليڪيشنس

حيدرآباد سنڌ

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن

ڇاپو: پهريون

ڇپجڻ جو سال: فيبروري 2000ع

ڳاڻيٽو: هڪ هزار

ڇپائيندڙ: نذير ناز

پاران: ناري پبليڪيشن _ 443/3، صدر حيدرآباد سنڌ.

فون نمبر: 784700

ڪمپوزنگ: فرحان علي پاٽولي

ايسٽ لائين ڪميونيڪيشن

چانڊني شاپنگ مال صدر حيدرآباد

قيمت: 100/= روپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

| | |
|---|---|
| TITLE: | WRITTEN IN THE-STARS, THE STORY OF SUKI (IN SINDHI) |
| WRITTEN BY: | ERNA ENJBERB MOEN |
| TRANSLATED BY: | MUNWAR BUTT |
| PUBLISHED BY: | NAZIR NAZ<br>NARI PUBLICATIONS,<br>443/3, SADDAR, HYDERABAD, SINDH<br>PHONE: 784700 |
| COMPOSED BY: | FARHAN ALI<br>EAST LINE COMMUNICATION<br>**CHANDNI SHOPING MALL HYDERABAD.** |
| PRINTED BY: | EAST LINE COMMUNICATION<br>**CHANDNI SHOPING MALL HYDERABAD.** |
| EDITION: | FIRST |
| COPIES: | 1000 |
| PRICE: | 100/= |

## ناريءَ پاران ٻه اکر

سن 1999 جو آخري سج الهامي چڪو آهي ۽ نئين صدي سن 2000ع جي ناتهٔ سان نوان جذبا ڪٺي هر ڪيتر ۾ ڪاهي پئي آهي. نوان عزم ورجائڻ لڳا آهن... نوان نعرا گونجي رهيا آهن. ادب ڪان وينـدي موسقيءَ تائين، سماج ڪان ويندي سياست تائين، مذهب ڪان ويندي اخلاقيات تائين نوان لاڙا متعارف ٿي رهيا اهن.

مان بہ نئين صدي ۾ پير پائيندي، نئين جذبي سان ناريءَ پبليڪشن جو نئون ڪتاب "ستارن ۾ لڪيل سوڪيءِ جي ڪهاڻي" اوهان جي آڏو پيش ڪري رهي آهيان.

ناريءَ پبليڪشن جو سفر مارچ 1979ع ڪان شروع ٿئي ٿو. سندس پهرين وڪ ڪتاب "هيل نہ ڪو سنگ ڪاڏم" هئي ۽ پوءِ سفر هلندو رهيو ڪڏهن تڪي وڪ سان ڪڏهن پير پير سان..... هلندي هلندي اچي نئين صدي ۾ پير پاتو اٿئون... انهيءَ سڄي سفر ۾ مهربانن جي سلوڪن ڪڏهن ڪڏهن

ڏکارو ضرور ڪيو پر انهن ڏکن همت کي ماٺوڪين ڪيو. سندن روين هڪ نئون جذبو عطا ڪيو. جنهن جذبي تحت اڄ آءُ اهائي آهيان جيڪا ناريءَ پبليڪشن جي شروعات وقت پر عزم ۽ پر جوش هيس.

چون ٿا ته، " نئين صديءَ - نيون ڳالهيون ".... پر مان انهن ڪردارن کي ڪٿ ي ٿي وساري سگهان جن منهنجو هر قدم تي ساٿ ڏنو. ڪوڙ سارن اهڙن همدردن مان " هيل نه ڪو سنگ ڪاڏم " چوڻ واري " خيرو " به نئين صديءَ ۾ مون کان ڪوهين ڏوراهي آهي. خيرالنسا جعفري جيڪا " خيرو " ۽ گڏي جي ناءُ سان سڃاتي ويندي هئي سا منهنجي پر جهلو هئي. هر سفر ۾ گڏ رهي _ سندس ساروڻيون سانوڻي جيان پلٽي پيون آهن. اسلام آباد جي بازار ۾ ٿهڪ ڏيندي يا ڪوهه مري ۽ ايوبيه هل اسٽيشن جي ٿڌڙين ٿڌڙين هوائن ۾ ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري ڪرڻ ... نٿيا گلي جي هوٽل ۾ ويهي لنچ ڪرڻ يا وري عمري جي سعادت ماڻڻ لاءِ سعودي عرب جي سفر تي مقدس جڳهن جي زيارت وقت.... هوءَ هر وقت مون سان گڏ رهي..... ۽ پوءِ هوءَ وڇڙي وئي.... هڪ درد ناڪ وڇوڙي ڏئي.

خيرالنسا جعفري هڪ عورت هئي.... ۽ هڪ عورت هئڻ سان گڏ هوءَ هڪ بيباڪ ليکڪا هئي. سنڌي ادب جو هڪ روشن منارو هئي جنهن پنهنجين لکڻين ۾ قديم مدي خارج ريتن رسمن، پراڻ پرستيءَ ۽ تنگ نظري کي ڏکاريو

آهي. هوءَ عورت ۽ مرد جي مڪمل مساوات واري اصول جي حامي هئي ـ سندس لکيتون سماج جو چٽو عڪس آهن..... ۽ اهڙن عڪس چٽيندڙ پيارا ماڻهون اسان جي بي حسي جو شڪار آهن. خيرو به اسان کان ائين وسارجي وئي آهي ڄڻ هوءَ ڪجهه به ڪونه هئي ـ سندس ڦهلايل جاڳرتا به مانار جو شڪار ٿي ويئي آهي ـ ڇون ته ڪوتا سگها به وزن رکندا آهن پر اسان جا وڇڙي ويل اديب ۽ ڏاها شايد انهن ڪوتن سکن جيان به ڪونهن.

اسين ” عظيم آهيون ـ قديم آهيون “ جي ڏيڻ ۾ اجان تائين قاتل آهيون.اسان وڏي فخر سان رڳو موئن جي دڙي جي تهذيب کي ياد ڪندا آهيون ۽ وري شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو حوالو ڏيندي اڃي شيخ اياز تي دنگ ڪندا آهيون ـ سوچيان ٿي ته ڇا خيرو جهڙي ڪا بي سچي ليکڪا نئين صديءَ ۾ پيدا ٿيندي ؟..... پهرين پبلشر ته مان آهيان ڇا آخري به مان هونديس !؟.... اهڙا انيڪ سوال منهنجي ذهن ۾ گردش ڪري رهيا آهن ـ ڇاڪاڻ ته ڏينهون ڏينهن سنڌي ڪتاب پڙهڻ جو رجحان گهٽجي رهيو آهي ـ سنڌي زبان رڳو اخبارن تائين محدود ٿيندي پئي وڃي. ڪير لکندو؟ ڪير ڪتاب ڇپائيندو؟ ۽ ڪير پڙهندو؟ وارن نااميدي ۾ ويڙيل سوالن جي باوجود هڪ اميد اجان قائم آهي ۽ اها اميد ناول ” ستارن ۾ لکيل سوکي جي ڪهاڻي “ جي صورت ۾ اوهان تائين پهچايان پئي

ناول ”ستارن ۾ لکيل سوکي جي ڪهاڻي“ جي ليکڪا ايرنا انجبرگ موتن هڪ عورت آهي ۽ هڪ عورت جي دل جي صحيح ترجماني ڪئي اٿائين. عورت، ڪائنات جي اها لازوال تخليق آهي جيڪا ڪنهن به معاشري ۾ هجي، ڪنهن به ملڪ ۾ هجي، ڪنهن به مذهب سان واڳيل هجي، ڪيتري به آزاد هجي پر سندس جذبا ساڳيا هوندا آهن..... سندس دل ۾ پيار جي تڙپ ساڳي هوندي آهي. هوءَ مرد جي پناهه جي ڳولا ۾ هوندي آهي. هوءَ انهيءَ پيار ۽ پناهه جي ڳولا ۾ در در ڀٽڪندي رهي ٿي. ....... معاشري جا مهڻا ۽ رڪاوٽون به ڪيس انهيءَ ڳولا م روڪي ڪونه ٿيون سگهن...... هوءَ ته بس منزل جي ڳولا لاءِ هلندي رهي ٿي.....

”مرد جي پناهه ۽ پيار جي ڳولا“ هن ناول جو مرڪزي خيال آهي. جنهن ۾ هڪ بهادر عورت ڪيئن نه بهادريءَ سان معاشري جو مقابلو ڪري ٿي، ۽ ڪشالا ڪڍي منزل ماڻي ٿي. برما ڇائي هجي يا سنڌ ڇائي، متس تيندڙ ڏاڍ ساڳيو آهي. سندس تيندڙ رستي روڪ ساڳي آهي. سندس جذبن جي پائمالي هر هنڌ ساڳي آهي. سندس ڪومل جذبا ۽ ارمان جتي ڪٿي چيپاٽيا وڃن ٿا.

نئين صديءَ جڏهن نوان وڃن ڪٽي آئي آهي تڏهن اسان کي به اهو وڃن ڪرڻو پوندو ته. ”هاڻي ڪنهن عورت جي جذبن کي رانديڪن جيان نه سمجهون بلڪه انهن پوتر ۽

ڪومل جذبن جو احترام ڪريون“ ۽ جڏهن اسان ائين سچائي سان وچن پاڙينداسين تہ پوءِ هڪ بهترين معاشرو وجود ۾ ايندو جنهن ۾ برابري، خوشحالي، امن ۽ عزت پريو ماحول ميسر ٿي سگهندو.

گذريل صديءَ جي ڪهاڻي، نئين صديءَ ۾ اوهان جي هٿن ۾ آهي. اوهان جي راءِ جو انتظار رهندو.

هڪ نئين اميد سان
اوهان سيني جي
نذير ناز

# انتساب

انهن نارين جي نانءُ جن
پنهنجي حقن جي حاصلات
اءِ جدو جهد ڪري پنهنجا
مقصد ماڻيا

ستارن ۾ لکيل

# سوڪيءَ جي ڪهاڻي

ايريا انجبرگ موئن

---

منور ٻُٽ

# پنهنجي پاران :

انگريزي لکڻ پڙهڻ جي سڌارڻ لاءِ ڪنهن ڏکي موضوع واري انگريزي ڪتاب جي ضرورت هيم. محض پنهنجي انهي شوق واري عادت ڪري ئي ڪراچي شهر جي صدر واري علائقي ۾ فوٽ پاٿ تان ڪتاب ڏسندو پئي آيس تہ هڪڙي هنڌ ڪتاب جاچيندي، هڪ سفيد ۽ پڪي جلد واري ڪتاب تي نظر پئي. ان کي کڻي کولي ڏٺم جيڪو انگريزي ڪتاب هيو. جنهن جي اندرين صفحي تي انگريزي ۾ "Written in the stars,The Story of Suki" يعني "ستارن ۾ لکيل . سوڪيءَ جي ڪهاڻي" لکيل هو. جيڪو ئي عنوان ترجمي جي ڪتاب تي ڏنو ويو آهي. ڪنهن هڪ شخصيت جي ڪهاڻي هجڻ ڪري دل کي وڻي ويو ۽ ائين اهو ڪتاب خريد ڪري گهر کڻي آيس.

ڪتاب جي پهرين ڪاغذ تي، مون کان اڳ پڙهندڙ جي هٿ سان ڳاڙهن اکرن ۾ انگريزي ۾ لکيل هو"Wrong" يعني "غلط" : هن شايد انهيءَ ڪري ئي ڪتاب کي رديءَ ۾ وڪڻي ڇڏيو هوندو جو اچي فوٽ پاٿ تي پهتو هيو. پانيم تہ ڪتاب شايد ڪنهن غلط موضوع تي لکيل آهي، پر جيئن تہ منهنجو مقصد پنهنجي انگريزي سڌارڻ هيو، گهر اچي ڊڪشنري پاسي ۾ رکي پڙهڻ شروع ڪيم ۽ ڏکين اکرن جي معنيٰ پينسل سان انهن اکرن جي هيٺان لکندو ٿي ويس جيئن اکرن جي معنيٰ ۽ استعمال جي خبر پوي. جئين جئين مان ڪتاب کي پڙهندو ويس مون کي ڏاڍو پسند اچڻ لڳو ۽ انهيءَ جي خريد ڪرڻ تي خوش ٿيڻ لڳس. جڏهن ڪتاب ٽي باب پڙهي اڳتي وڌيس تہ مون کي هيءَ هڪ وڻندڙ ۽ دل ڏڪائيندڙ ڪهاڻي لڳي ۽ انکي پڙهي پورو ڪرڻ جو شوق انتها تي پهچي ويو. پڙهڻ سان اها ڪهاڻي مون کي حقيقت جي صرف ويجهڙو نہ پر بلڪل حقيقي ۽ پنهنجي ئي معاشري جي ڪهاڻي لڳي. منهن جي اکين آڏو ڪتاب ۾ چاٽايل "گرانڊما" يعني ناني، "مما" يعني ماءُ ۽ "سوڪي" يعني سوڪي نالي ڇوڪري (جنهن جي ڪهاڻي تي ڪتاب لکيل آهي) جا ڪردار ڦرڻ لڳا ۽ ان سان گڏ منهنجي ذهن ۾ مرحوم فضل احمد بچاڻي صاحب (الله ڪيس جنت نصيب ڪري) جا سندس طرفان ترجمي ڪيل ڪنهن ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيل لفظ تري آيا، "مان اهڙي ڪتاب ڪي ترجمو ڪرڻ چاهيندو آهيان جنهن لاءِ گهرندو آهيان تہ جيڪر اهڙو ڪتاب لکي سگهان ها."

انهيءَ جذبي هيٺ مون بہ هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جو

ارادو ڪيو تہ جيئن اهڙو ڪتاب پڻ ماڻهن کي بہ پڙهڻ لاءِ ملي. دراصل مون کي اها ڪهاڻي صرف هڪ ڪوريائي ڏکويل ڇوڪريءَ جي نہ پر پنهنجي چوڌاري هتي ڦرندڙ اهڙن ڪيترن ئي ڪردارن جي ڪهاڻي لڳي!

اسان جي معاشري جي اهڙن ڪردارن ۽ ڪتاب ۾ ڄاڻايل ڪردارن ۾ فرق صرف اهو آهي تہ هن ڪهاڻي ۾ ڄاڻايل "مما" يعني ماءُ صرف هڪ سوڪيءَ نالي ڇوڪريءَ کي جنم ته ڏني ۽ اها ڇوڪري سدائين انهيءَ ڪردار ۾ رهي ٿي ۽ ڪيس وقت بہ وقت همدرد ماڻهو ملن ٿا جيڪي ڪيس تعليم.ڏيارڻ، نوڪري ڏيارڻ ۽ پنهنجي پيءُ تائين پهچائڻ ۾ مدد گار ثابت ٿين ٿا. پيءُ بہ ڪيس قبول ٿو ڪري ۽ پنهنجي دل ۾ هن لاءِ اڪير ٿو محسوس ڪري،ءِائين اها پنهنجي ڪردار کي بدلڻ يعني معاشري جي زيادتين ڪري ماءُ وانگر ڪنهن جي "مما" ٿيڻ يعني ماءُ جي ڪردار اختيار ڪرڻ کان بچي ٿي وڃي ۽ ڪنهن نئين سوڪيءَ کي جنم ڪو نہ ٿي ڏئي. جڏهن تہ اسان جي چوڌاري سماج ۾ ڪيتريون ئي مائرون معاشري جي ظلم جو نشانو بڻجي گهمنديون رهن ٿيون ۽ "سوڪي" جهڙن ڪردارن کي جنم ڏين ٿيون. ۽ اهي سوڪيءَ جهڙيون نياڻيون بجاءِ همدرد ۽ محسن هٿن ۾ وڃڻ جي ۽ پنهنجي پيئرن سان ملڻ جي، انهيءَ ئي معاشري جي ظلمن جو نشانو ٿين ٿيون ۽ ائين هر "مما" يعني ماءُ "گراندما" يعني نانيءَ جي ڪردار ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ هر "سوڪي" نئين سوڪيءَ کي جنم ڏئي "مما" يعني ماءُ جي روپ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي! وڏو افسوس تہ اهو آهي تہ هتان جي "سوڪيءَ" کي اها بہ خبر نہ آهي تہ آيا هوءَ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي پيار جي "مما" (ماءُ) آهي يا پنهنجي ئي پيءُ جي پيار جي ماءُ بڻجي وئي آهي!!

اهو ئي سبب آهي، جڏهن مان رستن تان لنگهندو آهيان ۽ معاشري جي ظلم جو نشانو ٿيل نياڻيون پنندي نظر ايندي آهن تہ سوڪي پنهنجي مظلوم چهري سان منهنجي آڏو اچي بيهندي آهي ۽ اهي پنندڙ نياڻيون مون کي "مما" ۽ "سوڪي" لڳنديون آهن ۽ منهنجيون اکيون ڳوڙهن سان پرجي ويندئيون آهن تہ آيا سوڪي جهڙين هتان جي نياڻين کي بہ ڪڏهن سوڪيءَ وانگر سک ۽ عزت جو مقام نصيب ٿيندو يا اهي سدائين معاشري جي ظلم جو نشانو ٿي "مما" جي روپ ۾ تبديل ٿينديون رهنديون ۽ ائين اسان جي معاشري ۾ "سوڪيءَ" کان "مما" ۽ "مما" کان "گراندما" جو اڻ کٽ سلسلو جاري رهندو!!!

منهنجي ترجمي ڪرڻ جو خاص مقصد اسان جي معاشري جي ٺيڪيدارن ۽ اهڙن درندن کي آرسي ڏيکارڻ آهي جيڪي قوم جي معصوم نياڻين جي غربت ۽ مجبوريءَ جو فائدو وٺي انهن کي پنهنجي شرمناڪ هوس ۽ ظلم جو نشانو بڻائي

"مما" ٽا ٻڌائين ۽ انهن مان ڇمندڙ هر "سوڪيءَ" کي "مما" ۽ مما کي "گراندما" ٻڌڻ تي مجبور ڪري هن سماج واسطي ناسور جو سبب ٽا بڻجن. انهن وس وارن لاءِ پڻ اپيل ڪرڻ تہ اهي بہ مسزايندرسن ۽ ڊاڪٽر ڊونالڊ (ڪتاب جا بہ نيڪ سيرت ڪردار ۽ سوڪيءَ جا مدد گار) وانگر انسان دوستيءَ جو مظاهرو ڪري مظلومن کي عزت جي مقام تي پهچائڻ لاءِ عملي ڪوشش ڪن ۽ هن سماج کي پاڪ ڪرائڻ لاءِ مددگار ثابت ٿين.

مان پنهنجي مهربان استاد مسٽر محمّد صالح خاصخيلي صاحب جو ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي انهيءَ ڪم ۾ همت افزائي ڪئي ۽ منهنجي انهيءَ قدم تي خوشي محسوس ڪيائين. ڪتاب جي اصلي يعني آمريڪن ليکڪا محترم ايرنا موئن جو ٿورو نہ مڃڻ ان سان زيادتي ٿيندي ڇو تہ ان اهڙو ڪتاب پيش ڪري سماج تي وڏو احسان ڪيو آهي.

آخر ۾ انهيءَ شخصيت جو ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب کي خراب سمجهي درگذري ڪري ڇڏيو ۽ هي ڪتاب وڻانس نڪري پيهر وڪرو ٿيڻ لاءِ فوٽ پاٿ تي پهتو جتان مون خريد ڪري انهيءَ ڪتاب جو ترجمو ڪري ٻين کي پڙهائڻ جي همت ڪئي.

مخلص

منور ٻُٽ

نيرن پهاڙن واري سهڻي ماٿري ڳوٺن جي اوپر کان اولهه طرف پکڙيل هئي ۽ اها نديءَ جي ٻنهي ڪنارن سان سارين (چانورن) جي پوک لاءِ نهايت موزون ۽ ڪليل پئي لڳي. ڪنهن به ماڻهوءَ کي اها خبر نه هئي ته ان تي اهو نالو ڪيئن پيو، پر هر شام جو لهندڙ سج جا آخري ڪرڻا انهن جي لاهوندين سان ڪيڏيا ٿي ۽ انهن کي سج جي نظر کان گم ٿي وڃڻ کان پوءِ گهڻي دير دير تائين نيرڙو ڪري ٿي رکيو.

گهڻا، گهڻا سال اڳ ـــــــ ١٩٢٠ع ۾ ـــ هڪ ڇوڪري هن ماٿريءَ جي 'هئن' گهراڻي جي هڪ نوجوان جي ڪنوار ٿيڻ لاءِ آندي وئي هئي. اها پندرهن سالن جي معصوم نينگري هئي. ڪنوار واري ڏولي سندس ئي ڳوٺ جي چئن نوجوانن ڪنئي هئي، جن مان ٻه سندس پائر هئا. انهن کي نهايت شاندار ۽ اعليٰ قسم جا ڪپڙا پهريل هئا ۽ سندن تعلق 'ڪِم' گهراڻي سان هيو ۽ اهي 'ڪِم' جيڪي بادشاهه جي محلات ۾ ڪم ڪندا هئا ۽ شاهي گهراڻي جي زوال کان پوءِ به ماڻهن وٽ سندن عزت هئي.

ڇوڪري ان ڏينهن نهايت سادي ۽ نئڙت واري لڳي رهي هئي. سندس ڳاڙهي بروڪيڊ جي وڳي تي سونهري ڌاڳي سان مور جون تصويرون پرت پريل هيون. پوئتي گهر ۾ عورتن هن جي چهري کي پائوڊر سان رنگيو هيو ۽ سندس ننهن کي پڻ رنگ ڏئي وڻندڙ بڻايو هيو. هن انهيءَ ڏينهن هڪ دفعو به کلڻ جي ڪوشش نه ڪئي ته متان بدشگوني پيدا ٿئي ۽ سندس پهريون ٻار ڌيءَ ڄمي؛ ۽ انهيءَ لاءِ ڪيس ڪنهن به ياد نٿي ڏياريو ته ٿيندڙ مڙس ڏانهن نه ڏس. اها هر وقت شرميلي لڳي رهي هئي.

وهانءَ واري گرم شام جو سندس ماءُ جي نوڪرياڻي ڪيس پاڪر ۾ ڪري ٻاهر وٺي آئي ۽ ڪيس چيو ته گهبراءِ نه.

"اهو نه وسارجانءِ ته هينئر تنهنجي ذميواري هڪ زال واري آهي." اها سس پس ڪندي هبڪي به پئي. هن ڇوڪريءَ کي صبح جو ساجهرئي ڪيتريون اڏو گابريون سمجهائيون ڏنيون هيون.

"پنهنجي نئين ڪٽنب وارن جي تعظيم ڪرڻ ڪڏهن به نه ڀلجانءِ." هن ڇوڪريءَ کي هدايت ڪئي جو ته ڇوڪري اجا الڙ هئي ۽ پهريون دفعو شاديءَ سبب پنهنجي گهراڻي مان نڪري ٻئي گهراڻي 'هئن' سان گڏ گذارڻ لاءِ وڃي رهي هئي توڻي جو ڪيس اها ذات اختيار ڪرڻ جي اجازت نه هوندي جيڪا ذات سندس مڙس ۽ ٻارن لاءِ مخصوص هئي. اها ذات جي 'ڪِم' ئي رهڻي هئي سواءِ جو اڳتي لاءِ انهن جي هوندي.

# ٢

ڏيءُ جو نالو نبل(*) هو، ڪورياڻي ٻوليءَ ۾ جيڪو پوپٽ کي سڏيو ويندو آهي. جيئن هن جي ماءُ گهڻو اڳ هوندي هئي، هاڻي هيءَ پندرهن سالن جي ڪنواري هئي. پر ٻين سڀن لاءِ. ان جي پٺيان سندس ٻاراڻي زندگيءَ واري ماڻري شعلن ۾ تباهه ٿي چڪي هئي ۽ اڳيان ڀڪڙيل دنيا جنهن جي ڪيس ڪا به خبر نه هئي.

ٽئي ڄڻا بي گهر مسافر، بنا ڪنهن ڄاڻ جي ته رستو ڪيڏانهن وٺيو پيو وڃي، اڳتي وڌندا رهيا. وٽن صرف هڪڙي ويلي جا چانور هئا جيڪي انهن ڏينهن جي وچ ڌاري ۽ ٻي منزل مسافريءَ جي وچ ۾، يا اهو انهن کي اينئن ٿي لڳو، کاڌا. انهن وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه به ڪونه هو، انهن جيڪي ڪجهه ڳالهائڻ پئي گهريو ان ڪين وڃايل دنيا جي ياد ٿي ڏياري ۽سندن اکين ۾ ڳوڙها ڀري ٿي چڙيا.

ٻئي ڏينهن اهي جبلن کان ٻاهر هئا ۽ ٻين ماڻهن سان ملڻ لڳا جيڪي انهن وانگر ئي پڄنڊڙ هئا . جيئن ئي اهي ماڻهو مٽيءَ تي ٿهيل قدمن جي نشانن تي چڙهڻ لڳا نبل پنهنجي ماءُ ۽ پاءُ سان گڏ انهن ٿڪل انسانن جي ان جيئري گاڏيءَ جي پٺيان لڳي پئي؛ ۽ اڄان ٻيا به انهن سان گڏبا ٿي ويا. ڪراڙا، نوجوان ۽ مائرون پنهنجين پٺين تي ننڍڙن ٻارن سان.

انهيءَ شام جو جهاز پهريون ڀيرو ظاهر ٿيا. اهي ڪڪرن جي اندر ۽ ٻاهر قطار ڪيون آيا ۽ حملو ڪري ڏنائون. انهيءَ کان اڳ جو انهن ماڻهن کي وقت هجي ۽ سمجهي وڃن ته ڇا ٿيڻ وارو آهي، جهاز واءُ ميڻهن هڪ ڪندا انهن جي مٿان پهتا ۽ پڄنڊڙ ماڻهن تي گوليون ۽ بم وسائڻ شروع ڪري ڏنائون. مٿان کان اهڙي غضب جوڪير بيان ڪري سگهندو؟

جهاز هڪ ڀيرو وري موٽيا ۽ نبل کان سندس پاءُ جو هٿ ڇڏائجي ويو. اها ماءُ کي چنبڙي پئي. ان کان پوءِ ان جي چوڌاري سڄي دنيا تباهه ٿي وئي. صرف ڳالهه جيڪا ڪيس بعد ۾ ياد آئي سا سندس پاءُ جون مٿي ڪڇنڊڙ ٻانهون هيون جنهن وقت اهو ٽڪرا ٽي مٿي اڏامي رهيو هو. ان هوندي به هن ڏٽيءَ جو شڪر ادا ڪيو جنهن ماڻس کي ان مصيبت مان بچائي ورتو هو، پر نبل پنهنجو پاڻ انهيءَ هاڃي کي ڪڏهن به وساري نٿي سگهي. هن پنهنجي ماءُ کي اڳتي گهلڻ شروع ڪيو.

---

* انگريزيءَ ۾ اصل لفظ "نبي" "Nabi" آهي. جيڪو ڪورياڻي ٻوليءَ ۾ پوپٽ کي سڏيو ٿو وڃي. پر ترجمي ۾ عورت جو نالو بڻائڻ لاءِ نبل لکيو ويو آهي. مترجم

مير بحرن جون مڇيون ڪٽي پچندي هئي . هن جي ماءُ پريشان هئي پر ڇپائڻ ڪجهه به نه ٿي. مامي سڀ ڪجهه سمجهيو ٿي پر خاموش هوءِ ته اهو پاڻ به ايئن ڪندو هو.

آخر ڪار نبل کي خبر پئي ته ڪاڏي ڳولڻ لاءِ بهترين جڳهه "مڪوڪ" کان آيل ماڻهن جون فوجي ڪئمپون هيون . خوبصورت ڌرتي- آمريڪا لاءِ ڪورريائي نالو. سو ڪاڏو ئي هيو جو اها اتي وئي. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هن مٺو کير ۽ سٺو ڪاڏو چکيو ۽ ڦڪو تيز بوءِ وارو ڪاڏو پڻ جنهن کي انهن ٻاهرين ماڻهن " پنير" ٿي سڏيو. پر هن جا اوڏانهن ٿيندڙ دورا سندس زندگيءَ جي سموري معمول کي به تبديل ڪندا پئي ويا.

هڪ ڏينهن - اهو پڇاڙڪو سرءُ هو ۽ تيز ٿڌ وارو سيارو به بلڪل ويجهڙو هو- نبل جي ڪاڏي لاءِ ڳولا ڪيس فوجي تنبن جي ويجهو وٺي وئي. هوءَ بکايل هئي. اوچتو ڪنهن ماڻهوءَ جي آواز تي خوف ڪان سندس ڪن ڪڙا ٿي ويا. لفظ وچندڙ ۽ اوپرا هئا. اهي انهن اوپرن ماڻهن سان واسطو رکندڙ هئا جن کي هن ڪڏهن به ويجهڙائيءَ کان نه ڏٺو هو، البته، انهن بابت هورا ڪورا پر رهندي هئي. ٻه ماڻهو پنهنجون رائفلون پاسي ۾ رکيو پٽ تي ويٺا هئا، پر جنهن ڳالهه نبل کي منجهي ڇڏيو اهو ڪاڏو هو جيڪو اهي کائي رهيا هئا. هوءَ اهڙي ڪاڏي تي هريل نه هئي، اها چئي نه ٿي سگهي ته اهو ڇا هيو، نه وري ته اهو ڪهڙي ذائقي وارو هوندو پر ان جي خوشبو ڏاڍي هرڪائيندڙ هئي. سو اهو هرڪائيندڙ واس ئي هو جنهن هن جو ڊپ وساري ڇڏيو ۽ هوءَ پکي ڪانه.

ماڻهو گدلا هئا، پر هن ڏانهن نهاري مرڪڻ لڳا.

"ڪجهه کپرجني؟" هڪڙي ٿانءَ ڏي اشارو ڪندي ڪانئس پڇيو. نبل ان ماڻهوءَ جي رڳو اڻ واقف زبان سمجهي نه سگهي.

"هلي آ" ان چيس، يا اهو ائين ٿي لڳو جڏهن ان ڇوڪريءَ ڏانهن هٿ لوڏيو. نبل هڪ قدم اڳتي وڌايو؛ پوءِ هن ٻه قدم وڌايا. ۽ ٻي حال ڪندڙ بک ڪري هن پاڻ کي ڪاڏي تي اڇلايو ۽ پنهنجو وات ٻنهي هٿن سان پرڻ لڳي. فقط پوءِ ئي، هن ماڻهن طرف مٿي نهاريو،پر ايستائين هن انهن جي رات جي مانيءَ جو ڳچ حصو کائي ڇڏيو هو. ۽ انهن ڪيس کائڻ ڏنو هو.

هڪ ماڻهو نوجوان هو ۽ ٻيو ڪجهه وڏو. هن کي خبر هئي ته ڪيس محتاط ٿيڻ گهرجي چو ته اونده ٿيڻ واري هئي، پر هن مانيءَ کان پوءِ غفلت محسوس ڪئي. نوجوان پنهنجو ٽوپلو مٿي کان هٽائي پوئتي ڪنڌ ڏي ڦيري ڇڏيو ۽ لاڳيتو ڪلندو پئي رهيو. نبل ان ڏانهن گهٽو ٿي نهاريو. ان جا وار ڪنهن جهڙا به نه هئا جيڪي

ڪجهه ڇوڪريءَ اڳ ۾ ڏٺو هو. چمڪندڙ، پر اهڙا نه جهڙا ماڻس جا ٿيندا پئي ويا. ۽ اهو ڪپڙو هو، ويچارو ماڻهوا ۾ خاص ڪري هوءَ ان جي اکين تي حيران هئي جيڪي آسماني رنگ جون هيون. ڇا هو بيمار هو؟ نه، پيو به انهيءَ جهڙو هو: اهو پڪ انهيءَ ڪري هوندو جو اهي ڏورانهين نيري سمنڊ جي طرف جا هئا.

انهن هن سان ڳالهايو ۽ پيهر ڪليا. نوجوان ته گهٽ ۾ گهٽ اٿين ڪيو. ان ڪاغذ جو مروڙيل ٽڪر ڪيسي مان ڪڍيو ۽ نبل ڏانهن وڌايائين. هن اهو نٿي ڄاتو ته اها دولت هئي. ان انهيءَ کي هن لاءِ ويڙهيو ۽ پنهنجي ڪيسي ڏانهن اشارو ڪيائين جڻ ائين چوندو هجي "پنهنجي ڪيسي ۾ رک." هن جا ڪپڙا رڳو قاتل هئا ۽ انهن ۾ ڪو به ڪيسو ڪو نه هو.

نبل ان وقت حيران ۽ پريشان ٿي وئي ته ڇا ڪري جڏهن وڏو مرد پنهنجي ساٿي سان تيز لهجي ۾ بحث ڪندي اٿيو. اٿين تي لڳو ته ان وجڻ تي گهريو، پر هٿي نبل ڏانهن وري وري ڪنڌ لوڏي انڪار ٿي ڪيو. ۽ هر پيري اهو ڪليو ٿي. ڇوڪري پنهنجون اکيون ان تان هٽائي نه سگهي، نه وري ان جي سونهري وارن تان. آخرڪار وڏو سپاهي انهن کي ڇڏي هليو ويو.

اتي صنوبر جي وڻن جي جهڳٽن هيٺان نبل کي دنيا غير حقيقتي ٿي لڳي. جڏهن کان اها سيٽال آئي هئي، اها گوڙ ڪندڙ ماڻهن ۾ رهندي ۽ سمهندي هئي. هتي اها هڪڙي ڏارئي ماڻهوءَ سان اڪيلي هئي. هن خيال ڪيو ته جيڪر سندس ڪپڙا گدلا نه هجن ها، پر ڇئي نٿي سگهي ته ڇو. سپاهيءَ جي وردي پڻ مٽي هاڻي هئي.

هتي ٽنبن جي شهر ۾ روشني جو بندوبست ٿيل هو ۽ نوجوان ماڻهوءَ، جيڪو مشڪل سان ٻارن کان ڪجهه وڏو ٿي لڳو، ٻاڻ کي پاڇن هيٺان سوريو. ان نبل کي به ساڻ ڇڪيو. ڇوڪريءَ جون ٻانهون سنهڙيون ۽ ڪمزور هيون: جڏهن ان هن جي ڪارائيءَ کي مظبوطيءَ سان جهليو ته ڪيس ايذاءُ محسوس ٿيڻ لڳو. فوجيءَ پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ هنيو ۽ هڪڙي ٽافي ۽ چيڪم جيڪي ڪجهه وٽس باقي بچيو هو ڪڍي ڇوڪريءَ کي ڏنا. نبل ان کي پنهنجي پاسي ۾ هيٺ رکي ڇڏيو ۽ هر وقت سوچي رهي هئي ته ڪيس ٽڪريءَ طرف پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن روانو ٿي وڃڻ گهرجي نه ته ماڻس انتظار ۾ نهاريندي رهندي. پر هوءَ ترسي پئي: هيءَ ان ڏانهن ڏسي مرڪڻ لڳي ۽ هو پڻ موٽ ۾ مرڪڻ لڳو. ان پنهنجو ڳورو هٿ هن جي جسم تي رکيو- جنهن هن کي گرمائي ڇڏيو. انهيءَ عمل سندس اندر ۾ ڪنهن شي کي ڊوڙائي ڇڏيو جنهن کي هيءَ بلڪل سمجهي نه سگهي.

بنا ٻڌائڻ جي هو هن جي مٿان چڙهي ويو، جنهن لاءِ نبل بلڪل تيار نه هئي.

هن کي ڪنهن مرد ۽ عورت جي لاڳاپن بابت ڪجهه ٻڌايو هو؟ هن جي شاديءَ جو وقت مقرر ڪو نہ ٿي سگهيو هو ڇو تہ لڙائي شروع ٿي وئي هئي، ۽ شاديءَ جو ڏينهن ٿي پنهنجي ماڻهوءَ جي ڇيو مچڻ جو وقت هوندو آهي. وڌيڪ ڪجهه بہ نہ، نبل پهريائين تہ ڊپ ۾ سن ٿي وئي هئي، ان اهو ٿي سوچيو تہ هوءَ مري رهي آهي. مظبوط هٿن هن کي زور سان هيٺ دٻايو، انڌن وانگر ڌونڌاڙيو، ۽ پوءِ هن جا ڪپڙا ڦاڙي الڳ ڪيا. "امان ڇا چوندي؟" سندس دماغ کي جهٽڪو آيو. هن دانهن ڪرڻ گهري پر سندس وات تي رکيل سخت هٿن هن کي گهٽي ڇڏيو ايستائين جو هن ان کي آڱرين ۾ هڏي تائين چڪ هڻي ڪڍيو. نبل پاڻ ڇڏائڻ لاءِ وڙهڻ ۽ موڙا ڏيڻ لڳي؛ هن جي اندر ۾ ڪاشي باهہ وانگر ٻرڻ لڳي. هوءَ ايتري تائين وڙهندي رهي جيستائين غشي ۾ بيهوش ٿي وئي، ڪيتري وقت تائين بي ستي ٿي پئي هئي.

هوءَ آهستي آهستي سجاڳ ٿي ۽ سڄي بدن ۾ سور محسوس ڪرڻ لڳي. ٽڌ پڻ هئي. هن کان وسري ويو هو تہ پاڻ ڪٿي هئي. تڪليف مان اٿي ۽ ميرانجهڙي آسمان وٽ جبل جي چوٽي ڏانئين مٿانس صنوبر جا وڻ لڙڪيا بيٺا هئا؛ ۽ پوءِ ان ياد ڪيو.

"مون کي هتان پري وڃڻ گهرجي،" اها ڊڄي وئي. "پري گهر." پهريون ڀيرو ٽڪريءَ وٽ جهوپڙي لاءِ ڪيس احساس ٿيو تہ اها 'گهر' آهي. اها هٿوراڙيون ڏئي مٿي اٿي ۽ ڪالهوڪي واقعي جو ڊپ ٻيهر سندس وجود ۾ موٽي آيو.

نبل فوجين جي پر وارن ٽنبن ڏانهن نهاريو، جيڪي ڪجهه بہ نہ هئا، پر صبح آڏو سندس ڀيانڪ يادن جو ثبوت. هوءَ تڙ تڪڙ ۾ وري شهري آبادي ڏانهن ڀڄڻ لڳي. ڪجهه گهڙين ڪان پوءِ گهر ڏانهن ويندڙ رستي جون آخري چاڙهيون ٿاٻا کائيندي مٿي چڙهڻ لڳي ۽ ڏرتي تي بد حواسيءَ مان ڪري پئي.

هن جي ماءُ سڀ ڪجهه سهي ڪري ورتو: اهو اهوئي هو جنهن جو ڪيس گهٽو انديشو هوندو هو. هوءَ ڌيءَ جي اڳيان ٽٽي پئي ۽ پنهنجن ڏکن دوران پهريون ڀيرو هوءَ هيانءَ ڦاڙي روئڻ لڳي ۽ ڪيس ائين پئي لڳو تہ سندس زندگي ۾ باقي ڪجهه بہ نہ بچيو آهي ۽ هن پنهنجي باقي ڌيءَ بہ وڃائي ڇڏي هئي.

پاڙي وارا جن اچا تائين ٻاهر انتظار ٿي ڪيو، جوش جي گهٽتائيءَ ڪري هڪ هڪ ٿي واپس موٽڻ لڳا. انهيءَ کان اڳ جو ماڻس ڪيس منع ڪري، نبل مامي کي مشوري لاءِ سڏ ڪيو. ڪجهه ماڻهواچا بہ ٻاهر انهيءَ انتظار ۾ اميد لڳايو بيٺا هئا تہ ضرور ڇوڪريءَ کي منهن واري چماٽ لڳندي، پر ڪجهه نہ ٿيو .

مامي نبل سان اتفاق ڪيو. "ناني، ڇري نہ ٿي." اهو ڪيس سدائين 'ناني' سڏيندو هو. " چاهي تون هتي هجين يا هوڏي شهر ۾، تنهنجي ڌيءَ اجان پنهنجي ليکي شهر ۾ دولت ڪمائيندي ٿي رهي. هن دور ۾ هڪڙي کي ضرور پنهنجي اصولن يا ارمانن جو دم گهٽڻو پوندو يا - مري وڃي."

پوءِ ان ننڍڙيءَ ڏانهن نهاريو جيڪا ڪاڏي لاءِ پنهنجون ننڍڙيون ٻانهون لوڏي رهي هئي. هو ڪا گهڙي خاموش ويٺو هو . اهو نبل لاءِ ٻارڙيءَ کي ٿڃ پيارڻ جو وقت هو ۽ ان ڇولو ڪولي سوڪيءَ کي پنهنجي پريل ڇاتي تي رکي ڇڏيو.

" هن جو نالو "ان سوڪ" آهي،" ان ماءَ تي ڊگهي نظر وجهندي مامي کي ٻڌايو. "سوڪي."

ڪوئي انهن ٽنهي سان گڏ اندر گرم هئي. مامو پنهنجن گوڏن تي هٿ رکيو يادن ۾ گم هو.

"تون 'ان سوڪ' ٿي چئين؟"

"هون."

"منهنجي ننڍڙي ٻچڙيءَ جو نالو 'مي سوڪ ' هو - معنيٰ خالص سونهن."

"تنهن جو مطلب تہ توکي بہ هڪڙي ننڍڙي ڇوڪرڙي آهي؟"

"هائو، "ان هڪ ٿڪل هٿ پنهنجي منهن تي هٽي ڪڍيو. "مونکي هڪ نياڻي هئي. اهي اتي مري ويون. منهنجي زال پڻ." مامي ڪنهن بہ شيءِ تي غور ڪرڻ کان سواءِ سڏڪن کي گهٽي ڇڏيو. اهي جن مامي لاءِ ڪڏهن ڪونہ سوچيو هو تہ مامي سان بہ اهڙي واردات گذري هوندي! هو پنهنجين تڪليفن ۾ ڪيترا نہ غرق ٿي ويا هئا. هن مان هرهڪ پنهنجا ڏک پنهنجي ئي ذهن ۾ وسايو پيو هو .

پر هن ٻارڙيءَ جي ڪير ڏائڻ وارين ڇڪڙين ڪين سڪون پهچايو.انهيءَ سنڌن ڏڪويل دلين کي آرم تي پهچايو . امن، جيڪو ننڍڙو ٻار آئي تو هن پراڻي جهوپڙيءَ ۾ ڪريو ٿي. " انهن سيني ڳالهين جي باوجود منهنجو ڏهٽاٽو ٻار آهي." ڪراڙيءَ ويچاريو.

ٻاهر اڳئي اونداهي ڇانئجي وئي هئي. هتي هتي ڪنهن رڙين جو آواز ٿي ڪيو جو هتي جهوپڙين جي ڪئمپ ۾ ڪو قانون ڪونہ هيو. نبل ٻارڙيءَ کي پنهنجي ماءُ جي پٺيءَ سان ٻڌو .

# ٦

جڏهن مسواڙ ڏيڻ جو وقت آيو تہ نبل وٽ هڪڙي ٻئي سال جي مسواڙ ڏيڻ جيترا پئسا هئا. انهيءَ دوران لڙائي بہ ختم ٿي چڪي هئي، پر پناه گيرن لاءِ ڪو بہ ارمان ڪونہ هو ڇو تہ نقشي تي هڪڙي اهڙي ليڪ ڪڍي وئي هئي جنهن ڪي ايندڙ ڏهاڪن وارن سالن ۾ بہ اورانگهي نہ سگهبو. انهيءَ ليڪ ملڪ کي ٻن حصن(*) ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ لکين ماڻهن لاءِ ڏک ۽ ارمان ڪٺي آئي.

نانيءَ لاءِ اهو ڪو مسئلو ڪونہ هو ،هن کي خبر هئي تہ هن ڇا ڪجهہ وڃايو آهي. ۽ جيڪوڪجهہ هن وقت هيس ان لاءِ ڏٺيءَ جو شڪرانو ٿي ڪيائين. سوڪيءَ نانيءَ جي ٻئي ڇڏي ڏني ۽ پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو. نانيءَ کي اهو اندازو ٿي ڪونہ هو تہ لڙائيءَ جي پڄاڻي ڪي ايڏيون تبديليون آڻيندي. ڏارين فوجي ٽولن هاڻي هتي رهڻ لاءِ فيصلو ڪيو ۽ نبل جهڙيون ڇوڪريون اڳي کان بہ وڌيڪ مصروف هيون.

هڪ ڏينهن اها لڏندي لمندي گهر آئي.

"امان! " هن ڪاڏي جو هڪ پڙو فرش تي رکيو جتي اهي ٽنگون ڊگهيريون ويٺيون هيون. اهو غاليچي سان پريل گرم فرش هو. "اسان هتان لڏي رهيا آهيون."

" او، نہ، نبل، ٻيهر نہ."

"هائو، اسان لڏي رهيا آهيون. مون هڪ سٺو گهر ورتو آهي، سينگار جو دڪان ۽ هڪ هوٽل."

" مان ڪونہ ٿي سمجهان. تو اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن خريد ڪيو؟"

"مون خريد ڪونہ ڪيو. مون ڪٽيو آهي."

ناني ڏڪي وئي. اها هينئر تائين ڇا ڪندي رهي آهي ؟

"تو اهو ڪٽيو آهي، انهيءَ مان تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ ڇا تون جوا کيڏندي رهي آهين، جيئن ماڻهوڪندا آهن، جڏهن اهي شراب پيتل هوندا آهن؟"

"نہ، اصل ۾ اهو گهر منهنجي ساهيڙيءَ جو هو. اها منهنجي بلڪل کهري ساهيڙي نہ هئي، پر مان ان کي سڃاڻيندي هيس. هوءَ مون کان اڌار پئسا وٺندي هئي ۽ ڪڏهن بہ واپس ڪونہ ڪيائين. مان هڪڙي ماڻهوءَ سان مليس جيڪو قانون جو ڄاڻو آهي: ان صلاح ڏني تہ ان ڇوڪريءَ کان لکرائي وٺ تہ جيڪڏهن ان ڪجهہ وقت اندر پئسا نہ ڏنا تہ ڇوڪريءَ جي ملڪيت منهنجي ٿي ويندي. ۽ ان پئسا ڪونہ

* برصغير وانگر ڪوريا کي بہ اتر ڪوريا ۽ ڏکڻ ڪوريا جي ٻن نالن سان ٻن ملڪن ۾ ورهايو ويو.

مترجم

ڏنا، ايئن هاڻي گهر منهنجو آهي."

نانيءَ جي بدن کي ڪنبڻي وٺي وئي.

"اها ڇوڪري هاڻي رهڻ لاءِ ڪٿي وڃي رهي آهي؟"

"مونکي خبر نہ اهي."

"تون غلط ڪري رهي آهين."

"سوڪيشن!" نبل ڪاوڙ ۾ سمورو ڪاڌو فرش تي ڪنهڙائي ڇڏيو. "جڏهن مون وٽ ڪجهہ ڪونہ هو ڪنهن منهنجي پرواهہ ڪئي؟ هون؟ ڪنهن بہ نہ. مون بکون ڪاٽيون، مون پنيو، مون چوري ڪئي. ۽ ڏس مان ڇا آهيان . هڪڙي -هڪڙي رنڊي."

"بس ڪر!"

"مونکي بس نہ ڪراءِ، مون جهڙي انسان کي اهو ئي سڏيو ويندو آهي. ڇا تون سمجهين ٿي تہ مان ان کي پسند ٿي ڪريان؟ "

هڪڙي هفتي اندر هو نئين گهر ۾ رهڻ لڳا. اهو وڏو ۽ مختلف گهر هو. گهٽيءَ طرف بہ دروازا حجامڪي دڪان ڏانهن کلندا هئا جتي ڇوڪريون نبل لاءِ ڪم ڪنديون هيون. گراهڪ اتان سڌو هوٽل ۾ ويندا هئا جتي ويهي ڪچهري ڪندا هئا ۽ نبل پاڻ سڄي ڪارو بار جي سنڀال ڪندي هئي. دير سوير اها هر وقت قيمتي ڪپڙن ۾ ملبوس اتي موجود هوندي هئي. هاڻي ان کي ڏارين ماڻهن سان راتيون گذارڻ جي ضرورت نہ رهي هئي، هوءَ هاڻي پاڻ وٽ رکيل ڇوڪرين تي اٿين ڪرڻ لاءِ حڪم هلائيندي هئي-- اهي ڇوڪريون بہ هن کي انهيءَ گهر سان گڏ مليون هيون. هڪ سال کان پوءِ هن لڳو لڳ هڪ ٻي جاءِ خريد ڪئي."ڇاڪاڻ تہ ان کي اهڙو ئي ڪوٽ ڏنل آهي جهڙو اسان جي ماتريءَواري گهر کي هو؟" هن لڇي ٿيندي پنهجي ماءُ سان مڃيو. "مون سوچيو تہ تون ان کي پسند ڪندينءَ."

جڏهن نانيءَ ان کي ڏٺو تہ ڪائنس ٻيهر رڙ نڪري وئي جيڪا ماتريءَ ڇڏڻ کان پوءِ ٻيو ٻيرو هئي. ۾ هن ٻيري سندس دل ماٺ ۾ روئي رهي هئي.

نبل کي هاڻي پنهس لاءِ پريشان ٿيڻ جي ڪابہ ڳڻتي نہ هئي، اها خوش هئي ڇو تہ ان ضمير جي آواز کي گهٽي ڇڏيو هو جيڪو ڪيس هرهر اندر ۾ ياد ڏياريندو هو تہ هن اهو سڀ ڪجهہ ڪهڙي غوني حاصل ڪيو آهي. هوءَ مصروف هئي ۽ سخت، ڇو تہ قسمت ڪيس اهڙي وات تي آڻي بيهاريو هو. پنهنجين ڇوڪرين کان نبل الڳ ٿلڳ هوندي هئي ۽ ڪيس هڪڙيءَ ۾ بہ پروسو ڪونہ هو.

هڪڙي ڏينهن پنهنجي گهر جي اڱڻ ڏانهن نهاريندي جتي سوسن گل مکڙيون ڪڍي ڦٽي نڪتا هئا، هن پنهجي ماءُ کي چيو " مون کي هڪ ڪم ڪار واري

ماڻهوءَ جي ضرورت آهي. خبر نہ آهي ڇو مامو هتي ڪڏهن بہ نہ ٿو اچي؟" هن ان سان ملڻ جو فيصلو ڪيو.

پراڻن پاڙيسرين مان هن خوش پوشاڪ عورت کي جيڪا ڏکيائيءَ سان مٿي ٽڪريءَ طرف چڙهي رهي هئي، ڪنهن کي نہ سڃاتو. سوڙهي رستي سان گڏ ماڻهو ساڙيلا هئا. انهيءَ امير عورت جو هتي ڪهڙو ڪم ڦاٿو آهي؟ انهيءَ نبل کي ششدر ڪري ڇڏيو.

مامي جي جهوپڙي بلڪل اهڙي هئي، جيڪا هن کي ياد هئي، پر اهو پاڻ جهونو ۽ ڪبڙو ٿي ويو هو.

"ماما! ڇا تون بيمار آهين؟ "

" صرف ٿوري کنگهہ آهي، بس."

نبل ان کي پنهنجي منشا ٻڌائي. " مون کي هڪ ماڻهوءَ جي ضرورت آهي جنهن تي مان ڀروسو ڪري سگهان،" هن چيو. "ڇا تون هلندين ۽ اسان سان گڏ رهندين؟" هوءَ حيران ٿي وئي جڏهن ڪيس محسوس ٿيو تہ مامو راضي ٿي ويو آهي. دراصل هن انهيءَ ڳالهہ تي گهڻو غور نہ ڪيو پر هڪدم اٿي پنهنجي جهوپڙيءَ جي دروازي پر ڪلف هيائين، هن پنهنجو سامان هڪ هٽ پر ڪنيو ۽ ڇوڪريءَ سان گڏ پاڙي وارن جي خاموش حيرانيءَ پر لاهوندي لهڻ لڳو.

سوڪي پنهنجي ٻاراڻپ جي ٽن ماڻهن سان وڏي ٿيندي رهي: ماءُ، ناني ۽ مامو. ڇو تہ مامو ساڻن ڪم ڪار لاءِ رهيل هو. هو سڄي جاءِ کي ايئن صاف رکندو هو ڇڻ هن جو پنهنجو گهر هجي. مامو جلد ئي گهر جو ڀاتي ٿي ويو.

سوڪيءَ لاءِ ماءُ مختلف پر سٺي هئي: اها هڪڙي ئي هئي جنهن کي سيئي ڇوڪريون سلام ڪنديون هيون ڇو تہ اها انهن کي پگهار ڏيندي هئي. ماٺس کي سٺا سٺاڪپڙا پاتل هوندا هئا. ان جي وارن پر جن پر سينڊ نڪتل هوندي هئي سونا ڪانٽا لڳل هوندا هئا. سوڪي اهي ڪانٽا ڏسي حيران ٿي ويندي هئي، اڪثر انهن مان گهڻن پر قيمتي هيرا پڻ جڙيل هوندا هئا. ماٺس ڇوڪرين ۽ گراهڪن جي وچ پر آرام سان گهمندي رهندي هئي. سوڪي ڪڏهن ڪڏهن ان کي چنبڙندي هئي، ۽ گهڻو ڪري رڳو هن جي ڪپڙن کي پڪڙيندي هئي . ماٺس ڏانهنس ڏسي صرف مشڪندي هئي، جيئن اها ٻين کي ڏسي پڻ ڪندي هئي ۽ سوڪيءَ لاءِ اهوئي سڀ ڪجهہ هو. پر اها دنيا پر بهترين ماءُ هئي.

صرف ناني ئي جيئن وقت گذرندو ٿي ويو تئين ڪبڙي ٿيندي ڏسڻ پر آئي ۽ ننڍڙي ٿيندي ٿي وئي. ان جا ڪپڙا ٿڌي رنگ جي سلڪ جا هئا. سوڪيءَ جي ماءُ ان لاءِ اهي ڪپڙا خريد ڪيا هئا. ۽ ناني سوڪيءَ ڪان سواءِ ٻين سان مشڪل ڪو

ڳالهائيندي هئي. ٻارڙي هن لاءِ سڀ ڪجھ هئي ۽ ٻارڙي پڻ ان سان محبت ڪندي هئي .

" ناني،" سوڪي اڪثر چوندي هئي، "مون کي ڳالھ ٻڌاءِ." پوءِ ناني گذريل وقت جو قصو ٻڌائڻ لڳندي هئي.

" هڪ وڏي وڏي آکاڻي ٻڌاءِ." ٻارڙيءَ اصرارڪيو. هن ان ماڻريءَ بابت ٻڌو جنهن ۾ ٽي ڇوڪرا ۽ هڪ ڇوڪري پلجي وڏا ٿيا هئا، ڳاڙهين سرن واري گھربابت ٻڌو هو: ان مسافريءَ جي ڪهاڻي جيڪا سندس نانيءَ ڪئي هئي ۽ هڪ جهوپڙيءَ جي جيڪا ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هئي. ناني هميشہ ڳالھ کي اتي ختم ڪندي هئي ۽ هڪدم ٻين ڳالهين ۾ مصروف ٿي ويندي هئي ۽ وڌيڪ ٻڌائڻ لاءِ ٻي صبح جو واعدو ڪندي هئي.

ٻارڙي نانيءَ جي جهوليءَ مان ٽپو ڏيندي سڪ جو ساهہ کڻندي هئي. حوض ۾ هن جون ٻہ بدڪون پاليل هيون جن کي هروقت سوٽيءَ سان تنگ ڪندي هئي. ماڻريءَ واري گھر جي وچ ۾ ڪنول جي گلن جو هڪ حوض هوندو هيو. پر سوڪيءَ کي ان جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. هن جوحوض اهڙوئي سڻو هو.

# ٧

ماستر پارڪ عادت پٽاندڙ پنهنجن گهاٽن وارن ۾ هٿ ڦيريندي چيو، ”مان اوهان مان هر هڪ کي هڪ هڪ پنو ٿو ڏيان. مان جيڪو ڪجهه بورڊ تي لکان ان کي چڱيءَ طرح اتاريو. هاڻي جلدي ڪريو!“

ماستر پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو ۽ ڇهن ڇوڪرن کي ڪاغذ ڏنائين تہ ٻارن ۾، جيڪي گوڙ ڪري رهيا هئا، ورهائين. هن وٽ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو گڏيل هڪ وڏو ڪلاس هو- ٨٢ سيٽي. اسڪول کليل ميدان ۾ ڪاري سيمينٽ سان ٺهيل جاين جو هڪڙو احاطو هو، جتي بيد مشڪ جا ڪجهه ٻوٽا پنهنجي باقي رهڻ جي جدوجهد ۾ لڳيا ٿي. جايون جيڪي اصل ۾ سفيد هيون، هاڻي ميدان جي مٽيءَ سان ڳاڙهسريون ٿي ويون هيون. هر شئي مٽي هاڻي هئي.

”ڏسو!“ ماستر پارڪ بورڊ طرف وڃڻ وقت چيو، ”پهريائين، توهان هتي مٿي ڪاپي پاسي پنهنجو نالو لکو.“ بورڊ تي چاڪ جو گهڪو ٿيو. ”پوءِ توهان جي ايڊريس، ۽ ڄمڻ جي تاريخ نہ وسارجو.“

ٻيا سڀ ٻارن چاهہ مان هلڪو گوڙ ڪندي لکڻ شروع ڪيو.

”خاموش!“ ان جي سونٽيءَ جو هڪ ٺپ سٽڪو، ڳهٽ ۾ ڳهٽ ڪجهه وقت لاءِ تہ ڪين ماٺ ڪرائڻ لاءِ ڪافي هو. ماستر پنهنجي مٿي کي ساڄي کان کاٻي گهمائيندو ٻارن جي قطار تي نظر ڪندو ويو. ڪلاس جي ڪمري کي هڪ طرف کان دريون هيون. تازين سامونڊي هوائن ۽ مينهن پوڻ ڪري چونو ٿيل پٽيون ڇت کان وٺي فرش تائين سڄيون ميرن نشانن سان داغدار ٿي ويون هيون.

”۽ توهان پنهنجي ايڊريس جي هيٺان پنهنجي پيءُ جو نالو ضرور لکجو.“

ٻار نهايت چاهہ مان ڪم ڪري رهيا هئا ۽ سواءِ پينسل جي ڪاغذ تي گسڪڻ جي ڪو آواز ئي ڪو نہ ٿي آيو. هڪ ڇوڪري پنهنجي پينسل ڪيرائي، ٻئي ڪنگهيو. انهن کي اهو ڪم چڱيءَ طرح سان ڪرڻو هو ڇو تہ اها ساليانين راندين جي موقعي جي چونڊ لاءِ سندن درخواست هئي ۽ انهن مان صرف پنج ڄڻا وڃڻ لاءِ چوندجڻا هئا.

ڇوڪرا ساڄي طرف کان ويٺل هئا، وار ڪياڙيءَ وٽان ڪتريل ۽ ڪاري يونيفارم ۾ پڳهر سان شل ٿيل. سيني پرائمري اسڪولن ۾ يونيفارم جو رواج ڪو نہ هو، صرف انهن ۾ جن ۾ شاهوڪار ماڻهن جا ٻار پڙهندا هئا، جيئن هي

هڪڙو. ڇوڪرين کي نيرا فراڪ ۽ سفيد پاجاما پاتل هئا. انهن جا وار پنيان کن جي پاپڙين وٽان سٽا ڪتريل هئا. ماستر جي سامهون ڇهن ڪارن مٿن جو سمنڊ هو. ڪنهن کي بہ انهن ڪارن وارن جي نموني ۽ يونيفارم جي انفراديت کي ٽوڙڻ جي اجازت نہ هئي. صرف هن ڪلاس ۾ معمولي فرق هو. جڏهن ان جي نظر ڇوڪرين جي قطار کان ٿيندي دريءَ وٽ ويٺل ڇوڪرين تي پهتي تہ انهن مان هڪڙو مٿو پورو هو. جيترو گهٽو هن ان کي ڏٺو ٿي ايترو ئي گهٽو اهو هن کي وڻيو ٿي. مڙني ڇوڪرين مان اها هڪڙي مختلف هئي ۽ اها ڇوڪري "ان سوڪ" هئي. ان جي پورن وارن کي ڪن جي ڇوڏاري ٿوريون گهنڊيون هيون. انهي کان سواءِ اهي اکيون بلڪل وڏيون هيون، انهن ۾ سايون لڪيرون بہ هيون.

سوڪي ستن سالن جي هئي. پنهنجي درجي ۾ هجڻ ڪري ڪيس خبر هئي تہ هوءَ ٻين ٻارن کان شڪل ۾ مختلف هئي، پر اُتي ڏسڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ايترو تہ گهٽو هو جو انهيءَ ڳالهہ ڪيس ڪڏهن بہ پريشان نہ ڪيو، انهيءَ گهڙيءَ تائين بہ نہ. هن پنهنجي پني جي ڪاپي پاسي تي، ان سوڪ، لکيو. ايڊريس پڻ سولي هئي، نانيءَ ڪيس اها سيکاري هئي جي متان ڪڏهن گم ٿي وڃي. آخر ۾ هن پنهنجي ڄمڻ جو سال درج ڪيو: اها اٺن سالن جي ٿيڻ واري هئي، هر پني ماڻهوءَ وانگر هوءَ نئين سال جي ڏينهن تي هڪ سال جو اضافو ڪندي هئي.

"پورو ٿيو،" هڪڙي رڙ ڪئي ۽ پنهنجو ڪاغذ لوڏيو.

"مون پڻ."

"مون بہ"

"ٻارو، انهيءَ کي آرام سان رکو،" ماستر ڪين هدايت ڪئي ۽ ڇهن ڇوڪرن کي سڏيو تہ اهي سڀني درخواستون گڏ ڪري اچن.

سوڪيءَ ساڙيندڙ گرمي محسوس ڪئي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هُن پنهنجي پينسل کي ڏندن ۾ پڪڙيو ڇو تہ هوءَ حيران هئي تہ پيءُ جو نالو ڪهڙو لکان. "هئن" ٿي سگهي ٿو؟ اهو تہ اُهو آهي جيڪو امان تي رکيل آهي. پر پيءُ جو نالو- هن جو ڪو بہ پيءُ ڪو نہ هو، اها هڪ- هڪ- انهيءَ کان ڀهريائين جو هن کي سوچڻ جو وقت ملي، هڪڙو ڇوڪرو وٽس پهچي ويو ۽ سندس هٿ مان پنو ڪسي ورتائين.

پيءُ جو نالو، هن سوچيو ۽ ڏکي وئي. جيڪر مون کي خبر هجي ها! پر هن جو پيءُ هتي ڪو نہ هو: اهو ڪوريا ئي بہ ڪو نہ هو. اوچتو هن لاءِ واضع ٿي ويو.

"ڇوڪرا، هر هڪ پنو جاچي ڏسو." (سوڪيءَ لاءِ اهو ڇڻ پري کان ايندڙ آواز هو.) "اميد آهي تہ اوهان سڀني چڱي نموني سان لکيو هوندو، ڇو تہ هڪ منٽ اندر رسيس ٿيڻ واري آهي."

هوءَ ڇا ڪري سگهندي؟ ٿي سگهي ٿو استاد انهيءَ ڪي جاچي وٺي، ۽ هو پوءِ، هن تي وري کلندا ۽ هن کي چيڙائيندا. هن انهيءَ کان نفرت ڪئي. اهو ڪهڙو نالو ٿي سگهي ٿو؟ هن پاڻ سان مناڪت ڪئي. هن جيترا به ٻاهران آيل ماڻهو ڏٺا هئا، انهن مان هن هڪڙي کي به نالي سان نٿي سڃاتو. اهي جيڪي هر وقت ماڻس سان ملڻ ايندا هئا انهن جي وردين تي سندن نالن جون چٽڪيون لڳل هونديون هيون پر انهن جي پنهنجي اوپري ٻولي ۾. او، ها! هن هڪڙي کي سڃاتو ٿي! اسپتال وارو ڊاڪٽر! ان وقت هن سٽرتي هٽ هنيو! ان جو نالو ويسٽر هو. ڪجهه اهڙي ئي نموني.

سوڪيءَ اهو پاڻ کي هوريان ٻڌايو. ويسٽر، ڪنهن به لحاظ کان اهو هڪڙو نالو هو.

بلڪل، سوڪيءَ کي جنهن ڳالهه جو گهڻو انديشو هو، اها ئي ٿي. "ڇو" ماستر رڙ ڪئي، "مان اوهان کي جيڪي ڪجهه ڇوان ٿو اوهان ڪڏهن به نٿا ڪري سگهو. هتي ڪو هڪڙو آهي جنهن پيءُ جو نالو وساري ڇڏيو آهي. توهان مون ۾ اها اميد ڪيئن ٿا ڪري سگهو ته ان جي مون کي خبر هوندي؟" هو ڇرڇائي هو.

سوڪي پنهنجن ڳوڙهن کي پي وئي. اهو هن جو ئي ٽيٽو هو.

"مون کي ڏسڻ ڏيو،" اهو بغير همدرديءَ جي ڳالهائيندو رهيو. "ان سوڪ. ان سوڪ ڪير آهي؟" ماستر پارڪ هن سال ڪلاس ۾ اچا نئون هو ۽ گهڻو ڪري ڪيس سيني نالن جي خبر ڪا نه هئي.

"ان سوڪ ڪٿي آهي؟"

"اِجها."

هرڪو ڏسڻ لڳو ۽ سوڪي ڇقندر وانگر ڳاڙهي ٿي وئي. ماستر پارڪ هڪيو. "ٺيڪ" هن ڪجهه نرمائي سان ڇيو، "تو کي خبر آهي ته ڪير-- نالو؟"

"او پڪ، بلڪل مان ڄاڻان ٿي." هن تڪڙو ڳالهايو "انهيءَ جو نالو آهي-- هون، ويسٽر."

"واقعي؟ چوڪري، پوءِ تو ان کي هتي ڇو نه لکيو؟" ان تڪڙ ۾ قلم کنيو.

"مان شرمسار آهيان، مون کان وسري ويو."

ماستر پارڪ اهو لکيو ۽ ايتري ۾ گهنٽي به وڳي، پر جيئن ته ڪوريا جي الف، ب ۾ لفظن جي شروع ۾ "وي" جي پڙهڻي ڪو نه آهي، ان ڪري سوڪيءَ جي هٽ نرڪبل پيءُ جو نالو "پيسٽر" ٿي ويو.

رسيس ۾ ٻار هن جي چوڌاري مڙي ويا.

"اهو سچ آهي ته تنهنجو ايترو وڏندڙ نالو آهي؟" انهن چيڙايس.

ايتري ۾ رسيس ختم ٿيڻ جي گهنٽي وڳي ۽ هنن کي واپس ڪلاس ۾ وڃڻو هو. ٻارن پاڻ کي غيرارادي طور هن کان الڳ ڪيو ۽ هيءَ ٻي جان احساس سان اڪيلي رهجي وئي. اهو سڀ تمام جلدي ٿيو هو، صرف ان وقت جڏهن ماستر پارڪ کاغذ گڏ ڪيا، ۽ سندس پيءُ لاءِ اُڪير ڪيس لوڏي وڌو.

"توهان اهو ٻڌو؟ رانديڪا!" مريم چيو، ڇوڪريون ته اڳيئي سڙنديون هيون.

رانديڪن جي اها ڪهڙي پرواهه ڪري ها جيڪڏهن ڪيس صرف پنهنجو پيءُ هجي ها. هوءَ اسڪول کان سڌو گهر ويندي ۽ ماءُ کان ٻيهر پڇندي. جيڪڏهن امان کي وقت هوندو، ائين آهي.

سوڪيءَ پنهنجي ماءُ کي ڇڻ خواب ۾ پئي ڏٺو. اها ڪيتري نه خوبصورت هئي! بلڪل، هن اُن کي صبح جو ڪڏهن به ڪو نه ڏٺو هو: ماڻس دير تائين ٿي ستي. ان کي ايتري دير تائين ڪم ڪرڻو پوندو هو، جيستائين ڇوڪرين رات جو دير تائين آخري گراهڪ کي واندو نه ڪيو هجي. ماڻس رُوزانو ٿڪل هوندي هئي. شام جو ماڻس ننهن کي پالش ڪندي هئي جڏهن ته حجام سندس وار ٺاهيندو هو ۽ چهري کي سينگاريندو هيس. جڏهن فوجي اچي ويندا هئا ته ڪنهن کي اندازو ڪو نه لڳندو هو ته اها ٿڪل آهي.

سيٺي ايندڙ ماڻهو به فوجي ڪو نه هئا پر اهي سيٺي ٻاهريان هئا. شام جو ماڻس خوبصورت ڪپڙا پائيندي هئي. سوڪيءَ کي اُها ساون ڪپڙن ۾ ڏاڍي وڻندي هئي. هن کي صرف ماءُ جي پنيان ڪڏهن به شراب خاني ۾ وڃڻ جي اجازت نه هوندي هئي، جتي نوجوان فوجي جوڙو جوڙو ٿي اچي وڏن اسٽولن تي ويهندا هئا.

"نانيءَ ڏي وڃ." ماڻس سدائين چوندي هيس.

۽ سوڪي اڄ پڇڻ وڃي رهي هئي ته هن جو پيءُ ڪير هو. هوءَ انتظار ڪري نٿي سگهي.

پر سوڪي جڏهن پهتي ته ماڻس ٻن ڇوڪرين سان تاس راند کيڏي رهي هئي. ٽئي هڪ سوڙ مٿان پنهنجي آڏو پئسن جو وڏو ڍڳ رکيو ويٺيون هيون. ڪڏهن ڪڏهن اهي وڙهيون ٿي. ماڻس سوڪيءَ کي ڪو نه ڏٺو هو، ۽ ڪيشن به ان کان هينئر پڇا ڪرڻ نيڪ نه لڳندو.

آخر ڪار ماءُ پنهنجي ڌيءَ کي ڏٺو، پر ايستائين نه جيستائين سوڪيءَ ڪنگهيو ۽ هميشه وانگر جهڪي سلام ڪيائين.

"او، تون واپس گهر اچي وئي آهين؟ ناني ڏي وڃ ۽ وڃي کاڌو کاءُ."

ماڻس ٻيهر تاس کيڏڻ ۾ لڳي وئي ۽ اهو ئي سڀ جواب هو جيڪو سوڪيءَ کي مليو.

هوءَ مايوس ٿي وئي، پر سندس ناني هن جي پسند جي چانورن جي ماني، سوپ ۽ پاجيءَ سان ننڍڙي ميز پري تيار ويٺي هئي. سوڪيءَ جيئن ئي ادب مان مٿو جهڪايو ان هن جي مٿي تي پيار مان هٿ گهمايو. "ناني مان اسڪول مان واپس اچي وئي آهيان، سلام ٿئي، تون خوش آهين نه؟"

ناني مهربان هئي. ٿي سگهي ٿو هيءَ ان ڪان پڇي سگهي؟ اها مشڪل سان ڪڏهن ڪو ڳالهائيندي هئي، پر اها جڏهن ڪلندي هئي ته سندس چهري ۾ گهنج پئجي ويندا هئا. نانيءَ جا وار سنهڙا ۽ هر وقت هيٺ لڙڪندا رهندا هئا جن ڪي هوءَ هر وقت، بي فائدو، ڪنن جي پنيان رکڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. توڙي ڪٿي جو ناني عمر جي پنجين ڏهي ۾ هئي پر اها سوڪيءَ جي نظر ۾ تمام وڏي عمر جي هئي. زندگيءَ نانيءَ سان چڱي ڪا نه ڪئي هئي جنهن سبب هوءَ عمر ڪان ڪيترو ئي وڏي نظر ايندي هئي.

مانيءَ ڪان پوءِ سوڪي باغيچي ڏانهن ڪلندڙ در وٽ پنهنجي نانيءَ جي پر ۾ ويهي رهي. هن جي سامهون اڱڻ ڪي مامي تمام صاف سٿرو رکيو هو، ان پاڙي وارن جي گهر سان گڏ جهنگلي سان ڪيترائي خوبصورت گل پوکيا هئا جيڪي سوڪيءَ کي ڏاڍا وڻندا هئا، توڙي ڪٿي انهن جا ڪيس نالا به ڪو نه ايندا هئا. ڪنڊ ۾ مامي دگهن وڻن جي چوڌاري پٿر رکي ڇڏيا هئا: هن انهن ۾ ٻج پوکڻ ۾ ان جي مدد ڪئي هئي، جڏهن اُهي ڦٽي نڪتا ۽ مکڙيون ڪڍيائون ته ان انهن کي صنوبر جا گل ٿي سڏيو.

"پر اهي صنوبر وانگر ڏسڻ ۾ ته ڪونه ٿا اچن." سوڪيءَ اعتراض ڪيو ۽ مامي چيو ته ڪائنات جي پئدا ڪندڙ جڏهن گل ٿي پئدا ڪيا ته انهن تي اهو ئي نالو رکيو هو. سوڪيءَ ننڍڙن گلن لاءِ ڏک محسوس ڪيو جن تي اهڙا نالا هئا.

سڀ ڪان وڏيڪ خوبصورت حوض هو. مامي نانيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ ان ۾ ڪنول گل پوکيا هئا. سفيد ڪنول ۽ ڳاڙهو ڪنول، جن مان هڪ کي "سچ جي ڏي" سڏيو ويندو آهي. ڪڏهن اهي سڀ گڏ ٽڙندا هئا، پر مامي سوڪيءَ کي انهن کي هٿ لائڻ ڪان منع ڪري ڇڏي هئي. سوڪيءَ جون بدڪون جڏهن ڏيڏرن کي پڪڙينديون هيون ته اهي انهن سان ٽڪرائبيون هيون، پر مامو چوندو هو ته اهي صرف ۽ صرف بدڪون آهن ۽ انهن کي اهو سمجهائي نٿو سگهجي.

سوڪيءَ اسڪول جي باري ۾ سوچيو، قسمت سان اهو ڪو گهڻو پري نه هو، نه ته هوءَ پنهنجو پاڻ اسڪول وڃڻ ۾ خوف محسوس ڪري ها. هن رستي سان هن کي گهڻن ٻارن سان ملڻو ڪو نه پوندو، جيڪي ڪيس چيڙائيندا هئا. سوڪيءَ رڙ ڪرڻ گهري جڏهن هن اهو سوچيو. ڪنهن هن جي وارن کي ڇڪيو ۽ پڪاريو

"ڇا تون بيمار آهين؟"

"نه، بيمار نه آهيان."

"ته پوءِ هنڌ ۾ وڃ." ان شوڪارو ڀريو.

سوڪيءَ ان جي هٿ کي پڪڙيو. "جيجڙي"، سوڪيءَ مڻ مڻ ڪئي. "مان-مان" ۾ ماڻس اڳئي پنهنجي ڪورياڻي لڙڪندڙ وڳي جون ڏوريون کولي ڇڏيون هيون. پراڻي زماني ۾ اهي ڏوريون ڳوڙهن اگهڻ يا شرمائيندڙ منهن کي لڪائڻ لاءِ ڪم اينديون هيون. هاڻي ان پنهنجو چولو به ڍرو ڪري ڇڏيو.

"امان، مون کي تو کان پڇڻو آهي. منهنجي- منهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟"

ماڻس پنهنجو وات کوليو ۽ سوڪيءَ ڏانهن ائين ڏسڻ لڳي ڄڻ اها سڪتي ۾ ڇميل هجي.

"امان، ان جو نالو ڇا آهي؟"

ائين ٿي لڳو ته ماڻس ڪيس ڇڙٻيون ڏيندي پر بجاءِ انهيءَ جي ڪجهه به نه چيائين. هڪدم ان پنهنجو پلاند منهن تي رکيو ۽ ڇوڪريءَ ان جو ڪنڪهڻ ٻڌو. ٿي سگهي ٿو اهو ڪنڪهڻ نه هجي. انهيءَ کان اڳ جو سوڪي ٻيو ڪجهه چوي ها، ماڻس جلديءَ ۾ پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ خلافِ معمول دروازي کي زور سان بند ڪيائين. سوڪيءَ جي ننڊ پوڻ تائين ڪجهه وقت گذري ويو. پٽ جي ڀٽي پاسي هن ماءُ کي نڙي صاف ڪندي ٻڌو ڄڻ ان کي سخت ٿڌ لڳي هجي. اهو روئڻ نٿو ٿي سگهي. سوڪيءَ اندازو لڳايو، ڇو ته امير ماڻهو روئيندا ڪو نه آهن. يا اهي روئيندا آهن؟

# ٨

فقط ناني ئي هئي جنهن وٽ سوڪي آخر ۾ وئي. ڪراڙي مائي سوڪيءَ ڪي ڪيترن هفتن کان جاچيندي رهندي هئي. ماڻس سدائين گهڻي دير تائين مصروف رهندي هئي ۽ ان ڪي سوڪيءَ سان ڳالهائڻ لاءِ مشڪل ڪو وقت هوندو هو. سواءِ رات جو سلام ڪرڻ جي.

"سوڪي"، هڪ ڏينهن شام جو نانيءَ چيس، "تون اڳي وانگر ڪائين چو نٿي؟"

"مون کي بک ڪين آهي." سوڪي اداس هئي. وڌيڪ ڪو به بهانو ڪو نه ڪيو. اسڪول ۾ ٻارن هن جي پيءُ بابت پڇا پڇي ڪئي. "هن رانديڪا موڪليا آهن؟" ڇوڪرين چٽر ڪيس. سوڪيءَ ڊاڙ هڻئي ته سندس پيءُ آخري خط ۾ لکيو هو ته اهو ايندڙ سال اچڻ جي تياري ڪري رهيو آهي. ٿي سگهي ٿو. پر- هن لاءِ اهو پڪ سان چوڻ مشڪل هو جو ڪيس تمام گهٽا ڪم هوندا آهن.

"اهو ڏسڻ ۾ ڪيئن آهي؟"

"او، هو خوبصورت آهي." سوڪي چيو "۽ ڊگهو: پهلوان پڻ، هو مون کي هڪڙي هٿ تي کڻي سگهندو، ايترو سولو جڻ ڪنپ."

"ٿي سگهي ٿو هو هاٿي ائين نه ڪري سگهي جو تون ستن سالن جي ٿي وئي آهين."

"اٺي، تون تمام ڳوري آهين، مان شرط ٿي لڳايان." اهي سڀئي ان تي متفق ٿيون. "اهو جڏهن هتي هو تنهن کي گهڻو وقت ٿي ويو آهي."

"پڪ،" مريم ڪلي ڏنو. "اهو پڪ ڪرڻ لاءِ آهي، جڏهن تون ٻارڙي هئينءَ ته ڪٺڻ ۾ سولي هئينءَ." اها حقيقت ته مريم بين ٻارن سان هڪ ٿي وئي آهي سوڪيءَ لاءِ وڏو صدمو هو ۽ هن ان کي پنهنجي اڪيلي سنگتياڻي سمجهيو هو.

جيڪر ان جو صرف هڪڙو فوٽو وٽس هجي ها ته اهو ڪيس گهڻي مدد ڏئي ها. عجب آهي، جيڪر هوءَ ماءُ جي شيءِ ۾ ان لاءِ جاچي ڏسي؟ وڏا وڏا ڳوڙها سوڪيءَ جي منهن تان وهي هليا، جڏهن هوءَ ڪجهه پنڌ ڪندي ڪجهه ڊڪندي اسڪول کان گهر آئي.

"منهنجي راڻي مون کي بڏاءِ ته ڪهڙي ڳالهه آهي." نانيءَ سمجهيو ٿي ته ڇوڪريءَ کي اسڪول ۾ تڪليف آهي پر اها مڃڻ کان انڪاري هئي. "ڇا ٻار تو کي تنگ ٿا ڪن؟"

جيڪڏهن اوچتو ٻاهرين در وٽ ظاهر ٿئي ته ٿا پنهنجي مٿي کي ڍڪ لڳڻ کان بچائڻ لاءِ ان کي شايد هيٺ جهڪڻو پوندو. هن ڪيترن ٻاهرين ماڻهن کي بلڪل اڻين ڪندي ڏٺو هو ۽ هن جو پيءُ به ڊگهو هو.

"ناني" ، هن رڪائيءَ مان چيو، " جڏهن مان پنهنجون اکيون بند ٿي ڪريان، مان ان کي ڏسان ٿي-- جيئرو جاڳندو."

"منهنجي ٻچڙي تون سچ ٿي چوين. ڪنهن مهل تو کي پنهنجن جي ڏسڻ لاءِ اکيون بند ڪرڻ ڪپن." نانيءَ جواب ڏنو. پوءِ اها ڪنڌ ۾ بيد جي وڻ وٽ وٺي ۽ اتي هيٺ پٽ تي ويهي رهي.

# ٩

ايندڙ وقت ۾، سوڪيءَ پنهنجي پيءُ جو جيڪو تصور دل ۾ ويهاريو هو، تنهن سان پيار ڪرڻ لڳي. پهريائين هن ان لاءِ ابوجي سوچيو- پر اهو مٽجي ”پاپا“ ٿي ويو. پاپا، اهو آهي. اسڪول ۾ ڪجهہ وقت لاءِ سيني انهيءَ کي وساري ڇڏيو، صرف مريم هن کان پڇا ٿي ڪئي. خاص طور تي ان جي تصوير ڏسڻ لاءِ. اها اڃا تائين سوڪيءَ جي ساهيڙي هئي، پر صرف اسڪول تائين. ٻيون ڇوڪريون پاڻ ۾ گڏجي کيڏنديون هيون ۽ سوڪي انهن کي هڪبئي سان سڄي رات گڏ رهڻ لاءِ چوندو ٻڌندي هئي، پر هن کي ڪنهن بہ دعوت ڪو نہ ٿي ڏني. اها بلڪل اڪيلي هئي. جڏهن هن جو پيءُ جو فوٽو ڏيکارڻ وارو وعدو پورو ڪو نہ ٿيو تہ مريم بہ ڪانئس الڳ ٿي وئي.

گهر ۾ زندگي گذرندي رهي. سوڪيءَ کان سواءِ، هر شئي پنهنجي محور تي هئي، هن جي گفتگو کان پوءِ، ناني اڪثر ڪلاڪن جا ڪلاڪ منجهيل رهندي هئي. هوءَ دروازي ۾ ويٺي تلاءَ ۾ پوکيل ڪنول جي گلن کي دير تائين ڏسندي رهندي هئي، ايتري تائين جيستائين ڏينهن گرم ٿيندو هو. سياري ۾ جڏهن ان کي اندر رهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو، ناني سنهڙي دروازي مان هڪ سوراخ ڪيو ۽ ان مان ٻاهر جهاتيون پائيندي رهندي هئي. هن جو وهاڻو تمام پراڻو ٿي ويو هو سو سوڪيءَ هن لاءِ هڪ نئون وهاڻو ٺاهيو جنهن تي ناسپاتي جي پنن وارو پرت پريائين، نانيءَ ان کي پسند ڪيو.

سوڪي سوداڻڻ ٿي وئي هئي. جيڪر بابو هاٺي انهيءَ دروازي مان اچي وڃي تہ امان پڪ حيران ٿي ويندي. ضرور هو کين حيران ڪرڻ ٿو گهري. انهيءَ ڪري ان ڪڏهن بہ خط ڪو نہ لکيو آهي. ڏينهن ۾ هڪ گهڙي بہ اهڙي نہ هوندي هئي جو سرڪي هن لاءِ نہ سوچيندي هجي.

ڇا هو انهن ماڻهن مان ڪو هڪڙو هو جيڪي امان جي گٽي ۾ ايندا رهندا آهن؟ نہ، اهو ضرور هن کي ٻڌائي ها. سوڪي انهن مان هر هڪ کي جاچڻ لڳي، سواءِ ڪنهن بہ نوجوان جي؛ هوءَ پيءُ جو ايتري ننڍي عمر وارو هجڻ پسند نہ ڪندي. نوجوان فوجي گهڻو ڪري شرميلا لڳندا هئا، اهي گڏجي ايندا هئا ۽ ائين لڳندو هو تہ ڄڻ اهي هن جاءِ تي وڃي ڪري غلط ڪري رهيا آهن، جتي کين وڃڻو نہ آهي. هن بہ هڪڙو پيرو ائين ڪيو هو؛ هڪڙي سياري ۾ جڏهن هيءَ ڦيٿن وارن بوٽن سان ڊڪندڙ ماڻهن جي پٺيان نديءَ طرف وئي هئي. هوءَ ماءُ جون سڀ تنبيهون وساري ويٺي هئي ۽ ان وقت هلڪي اونده ٿي رهي هئي جڏهن برف جي ڇپ ڪري

پئي. پاڻي تمام سخت ٿڌو هو ۽ ڪيس هڪڙو پوليس وارو گهر ڪٺي آيو هو. ماڻس سخت ڪاوڙ ۾ هئي. ان هن کي هميشہ واسطي بند ڪرڻ لاءِ سمهڻ واري ڪمري ۾ ڪلف هڻي ڇڏيو، توڙي جو ناني ضد ڪري رهي هئي تہ اهو اينڌڙ صبح تائين هوندو.

سوڪيءَ کي وچولي عمر وارا ماڻهو گهڻو وڻندا هئا. ڪن کي ورديون پاتل هونديون هيون، ڪن کي نہ. هن گُتي جي دروازي جي چوڌاري ڪڍڻ شروع ڪيو، جنهن شئي جو هن اڳ ۾ ڪڏهن بہ خيال ڪو نہ ڪيو هو. گُتو هن جي ٻاراڻي عمر جو هڪ رواجي حصو ٿي ويو هو. ساڳيا ماڻهو وري وري ٿي آيا پر انهن مان گهڻن سوڪيءَ ۽ سندس جاچيندڙ نظرن کان پري ٿي ڏٺو.

ماڻس جي چوڪرين ڪيس پري پڇاڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. انهن ماڻس کي ٻڌايو ٿي جيڪا ڪيس توري ٿڦا ٿڦي ڪندي هئي؛ پر انهيءَ ڪيس ايذاءُ ڪو نہ ٿي پهچايو. بهرحال، هوءَ پنهنجي تصور کان بہ گهڻو ڪجهہ وڌيڪ ڏسي چڪي هئي. ماڻهو ڊگهن اسٽولن تي ويٺا هوندا هئا ۽ انهن جڏهن شراب ٿي پيتو تہ پنهنجون ٻانهون چوڪرين تي ٿي رکيائون. ڇا اهو ضروري هو؟ هڪ ڀيري انهن مان هڪڙي ٿلهي ماڻهوءَ ماڻس کي ڇيلهہ مان پڪڙيو هو. سوڪيءَ انهن کي پوري طرح ڏٺو. هوءَ پنهنجي ماءُ جي مدد ڪرڻ لاءِ وڏي رهي هئي، پر انهيءَ بابت سمجهي وئي. ماڻس دانهن ڪو نہ ڪئي هئي پر مرڪڻ لڳي هئي. ڇا هوءَ اهو پسند ٿي ڪري؟ سوڪي منجهي پئي. ان جرئت ڪيئن ڪئي! بابو انهيءَ کي پسند نہ ڪري ها! "بابا" ، هن آهستي رڙ ڪئي، "تون هتي ڇو نٿو رهين؟" سندس ڳلن تان ڳوڙها وهي هليا. سڏڪا ڀريندي هوءَ گندي هوٽل کان پري پڇي وئي هئي ۽ جنهن کان هن هاڻي نفرت ٿي ڪئي. هوءَ هڪ ٻوٽي سان، جيڪو مامي پوکيو هو، ٽڪرائجي ڪري پئي. ان هن کي اتي ڪريل ڏٺو، ۽ هن کي ڪٺي وڃي هنڌ تي سمهاريو. لڳو ٿي مامو سمجهي ويو آهي.

انهيءَ رات سوڪيءَ کي سخت بخار هو ۽ هوءَ جاڳي پئي. ان پيءُ کي صاف ڏٺو، پر هر ڀيري جيئن ئي هن پنهنجا هٿ ان طرف ٿي وڌايا هو گم ٿي ٿي ويو. ماڻس يوناني حڪيم کي گهرايو، جنهن هن کي دوا ڏني. "ڪنهن شئي جي ڪري هيءَ خواب ۾ ڊڄندي رهي آهي." اها حڪيم جي تشخيص هئي، معمولي اندازي سان هو حقيقت جي ڪيترو نہ قريب پهتو هو.

اهو آخري دفعو ڪو نہ ٿيڻو هو جڏهن هن گُتي کي ڏٺو هو. هڪ ماڻهو خاص طور تي هن کي پسند ڪرڻ لڳو. اهو ڪجهہ ٿلهو لڳي رهيو هو. جنهن سوڪيءَ کي احساس ڏياريو تہ جي ٿلهي ٿيڻ لاءِ هو گهڻو ٿو ڪائي تہ ضرور شاهوڪار

هوندو. گهٽ ۾ گهٽ، ٿورو شاهوڪار ضرور. اهو هفتي ۾ ٻه يا ٽي ڀيرا ايندو هو ۽ هڪ رات ان ساڻس ڳالهايو. تمام ٽٽل ڦٽل ڪوريائي ٻوليءَ ۾،

"تنهنجو نالو ڇا؟"

سوڪي انهيءَ لاءِ ڪيترن ڏينهن کان اميد رکيو ويٺي هئي پر جڏهن ائين ٿيو ته هن موڳائي محسوس ڪئي. بس هوءَ ان ماڻهوءَ کي جواب ڏئي نه سگهي. هو ڪيس ڏسي مرڪيو ۽ ان جي مرڪ هن کي خوش ڪري ڇڏيو. اها هڪ اونداهي رات هئي، پر هن کي ڇت جي ڇاڇن هيٺان لڪنو ٽي پيو ورنه ڇوڪريون ڪيس ڏسي وٺن ها. اونده ۾ لڪندي هو گهر موٽي ۽ گهر جي اڳڻ ڏي ڊوڙي وئي. هُن ساڻس ڳالهايو هو. ڇا جيڪڏهن اهو هجي......؟ او، نه، ائين نٿو ٿي سگهي.

ٻي شام جو هوءَ اتي واپس وئي پر اهو ماڻهو ڪو نه آيو. اهو ڪيترن راتين کان پوءِ آيو. ان کي ڇهنبدار ڪالرن سان هڪ صدري پاتل هئي. سوڪيءَ ان ڏي ڏٺو ۽ هن پيري هن ان کي اڳ ۾ ئي ڪيڪاريو.

"تنهنجو نالو ڇا؟" ان ٻيهر ڪوشش ڪئي.

"ان سوڪ." دراصل ان جي ڳالهائڻ جو انداز ڏاڍو دلچسپ هو. هن کي مرڪڻو پيو هو.

"تون هتي ڇا ڪندي آهين؟"

سوڪي اهو سمجهي نه سگهي ته ان جو ڇا مطلب آهي. "هتي؟" هتي هن جو گهر هو ۽ هن جي ماءُ به هئي. "امان آهي.........." هن چوڻ شروع ڪيو، ايتري ۾ هڪ ڇوڪري ڳُتي مان ظاهر ٿي ۽ ڪيس اڪيلي ڪڏ گهلي وئي. "هتان نڪري وڃ." ان ڇڙٻيس.

ٻي ڇوڪريءَ ان ماڻهوءَ کي ٻانهن کان ورتو ۽ اهو رنگين ستارن پريل پردن جي پويان انهن جي پٺيان هليو ويو. جيئن ئي ستارن جون لڙهيون ڇڻڪيون ته سوڪيءَ انهن جو آواز ٻڌو. جيستائين پردا لڏندا رهيا انهن جي ڇڻڪار جو آواز جاري رهيو.

انهيءَ کان بعد هن ان ماڻهوءَ کي پنهنجو دوست سمجهيو. واقعي دوست نه پر ڪنهن ماڻهوءَ کي سڃاڻڻ لاءِ اهو ڪافي هو. هڪ رات ان هن کي ڪاغذ جي ٿيلهي ۾ بند ٿيل ٽافيون ڏنيون. انهن هڪ ٻئي سان ڪڏهن به ڪو ته ڳالهايو پر اهو ڪو مسئلو نه هو. سوڪيءَ ماڻ کي سندن وچ ۾ هڪ راز ٿي سمجهيو، جيئن ڇوڪريون انهن کي ٻڌي نه سگهن. هن کي ڪڏهن به وردي پاتل ڪو نه هوندي هئي، ٿي سگهي ٿو هو ٻين وانگر فوجي نه هجي.

پنهنجي لڪي جهاتيون پائڻ ڪري، هوءَ هر رات ڪا نئين ڳالهه ضرور ڏسندي

هئي. مثال طور، ماٿهو رڳو ڳتي پر يڪو ڪو نہ ويهندا هئا. شراب پيئڻ کان پوءِ اڪثرَ اهي پنيان ٺهيل ننڍين ڪمرن پر گم ٿي ويندا هئا جن جي استعمال جي سوڪيءَ کي خبر نہ هئي. سوڪيءَ جي ڏسندي اهي ڪڏهن بہ اتان ٻاهر ڪو نہ آيا- ايتري تائين نہ جيستائين سوڪي اتي ڏسندي هئي. هن هڪڙي ڀيري ان بابت نانيءَ کان پڇيو، پر هوءَ ايترو تہ ڪاوڙجي پئي جو ذري گهٽ هن کي ٻهاريءَ سان ڌڪ هنيو هيائين. ان کان پوءِ هن ڪيترا ڏينهن ڇوڪريءَ سان ڳالهايو بہ ڪين.

اهو ماٿهو ايندو رهيو. اهو ٿي سگهي ٿو-؟ نہ. آخرڪار ان جو چهرو ۽ سندس پيءُ جي خيالي تصوير گڏ ٿيڻ لڳا تان جو اهي پئي هڪ ٿي ويا. ماٿس ڪيس هوٽل جي در وٽ ڏسي ورتو هو ۽ ڪيس اتي بيهڻ وڃڻ کان سخت منع ڪئي هئائين. انهن ڏينهن پر ماٿس اوپري لڳندي هيس. هن سوڪيءَ جي گهر لاءِ اسڪول جي ڪم تي نظر وجهڻ واسطي بہ ڪڏهن وقت ڪو نہ ڪڍيو ۽ نہ وري ان هڪ دفعو بہ ڪيس ڳرانڙي پاتي.

پوءِ، هڪ رات، ان ماٿهوءَ سوڪيءَ لاءِ هڪڙي ڳوٿري آندي، هڪ وڏي.

"تون ڪيتري وڏي؟" هُن پڇيو

"اٺ." سوڪيءَ پٽڪيو.

"اٺ؟ هُمر." هن سوچيو تہ اٺن سالن جي تہ هيءَ تمام ننڍي آهي.

سوڪيءَ هن جي ٻانهن کي پڪڙيو، "پيو درجو،" هن ٻن آگرين سان ڏيکاريس. هن انگريزي ڪونہ ٿي سمجهي، صرف ماءُ جي ڇوڪرين کان ٻڌي هئائين جڏهن اهي فوجين کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون. "چارلي، تون مون کي پسند ڪرين ٿو؟" يا "هيلو، ڪمانڊر صاحب." هاڻي اٺين پئي لڳو تہ ماٿهو وڃڻ وارو آهي.

"مهربان، ائين نہ ڪر." هوءَ پنهنجي همت گڏ ڪري ڳالهائڻ لاءِ لفظ ڳولهي رهي هئي. اهو ڏکيو هو. هوءَ هيڪي ۽ روئي ڏنائين: "تون--- تون---- منهنجا ابوجي--- بابا؟"

ان ماٿهوءَ ڇتائي ڏنس. ان پنهنجو وات کوليو ۽ بند ڪيو. هُن جون ٻانهون سندس پاسن کان لڙڪنديون رهيون.

"نہ،" ان چيو "نہ!"

خير، هن ان کي پڪ سان اهو ڪو نہ سمجهيو هو. اهو سچ هجڻ لاءِ ڏاڍو سٺو ٿئي ها، پر---

ماٿهو پنهنجو متو لوڏي رهيو هو. ان سوکڙي تڪڙ پر ڇوڪريءَ جي ٻانهن پر وڌي ۽ هڪدم هوٽل پر هليو ويو جتي هو ستارن سان مڙهيل پردن پنيان گم ٿي

# ١٠

توٽي ڪٽي جو سوڪيءَ جو ڪلاس هن سان گهائل مائل ٿي ويو هو، پرائمري اسڪول جا سال اهاڻڪا هئا. بار هڪ پيرو سندس گم ٿيل پيءُ بابت ضرور پڇندا هئا، خاص ڪري مينهن وارن ڏينهن ۾ جڏهن ڪين رسيس ۾ اندر ويهڻو پوندو هو. اها ڪوڙ هٽڻ ۾ ماهر ٿي وئي هئي: هُن ڪين لکيو هو ته ڪيس ٻئي ملڪ وڃڻو پئجي ويو هو؛ هن کي هڪ آپريشن جي ڪري اسپتال ۾ رهڻو پيو هو، نه ٻه. هن جو پيءُ ذري گهٽ مري ويو هو. ۽ ان ڪان پوءِ تمام ڪمزور ٿي ويو هو ۽ اڃڻ جهڙو بلڪل نه هو.

"پوءِ،" مريم چيو، "هن توکي جيڪي رانديڪا موڪليا آهن انهن مان هڪڙو اسان کي ڏيکار."

"وو، مون رکي وساري ڇڏيا آهن. ان ڪان سواءِ اهي ڪافي وڏا آهن، مان انهن کي مشڪل سان کٽي سگهنديس."

ڇهن سالن جي پڄاڻيءَ تي سوڪي اسڪول ۾ پنهنجي ڪلاسين ڪان وڌيڪ قد ڪري وئي هئي. هوءَ تکو ڊوڙي سگهندي هئي ۽ ورزش ۾ پڻ سٺي هئي. هوءَ حسابن ۾ به هوشيار هئي ۽ پڙهڻ ۾ به سٺيون مارڪون هيس، پر سندس وٽندڙ خواب ڪڏهن به سچو ڪونه ٿيو. سندس ڪلاس جي پنين پت تي شاگردن جون سٺيون ناهيل تصويرون تنڪيل هيون ۽ انهن جا والدين سال ۾ ٻه پيرا ڏسڻ ايندا هئا. هن پنهنجي ساٿين سان ريس ڪيئن ٿي ڪئي! " او، ڪهڙي ته خوبصورت آهي." هڪ ماءُ هڪ تصوير ڏسي ٻٽاڪ ٿي هنئي. (پر منهنجي سٺي هئي، سوڪيءَ سوچيو) "پڪ منهنجا پت، تون ناهي سگهندين،" هن هڪ پيءُ کي چوندي ٻڌو. هن جون تصويرون هتي ڇو نه هيون؟

ماستر پارڪ پرائمريءَ جي آخري سال تائين سوڪيءَ جو ڪلاس ورتو. اهو هن تي مهربان هو، ٻين سيني ڪان وڌيڪ مهربان. سرٽيفيڪٽ ورهائڻ واري ڏينهن هن سوڪيءَ جي ماءُ کي چيو " هيءَ بهترين شاگرديائي رهي آهي." ماٿس شرمائجي وئي ۽ ماستر کي ادب سان سلام ڪيائين. انهن لفظن هن کي خوش ڪري ڇڏيو، خاص ڪري انهيءَ ڪري جو ان اهي لفظ سندن سوکڙي وٺڻ ڪان اڳ ۾ چيا، پوءِ نه. هن کي سيني ڪان سوکڙيون وٺيون هيون. ڪنهن ان کي پئسا، ڪنهن ڪپڙن جو جوڙو ته ڪنهن سونيون منديون ٿي ڏنيون. جي ٻارن جون مارڪون گهٽ اينديون هيون ته والدين استاد کي وڌيڪ سوکڙيون ڏيندا هئا ته جيئن خوش ٿي سندن ٻارن

ڇوڪري ڪڏهن به گهر کان ايترو پري ڪو نه ٿي هئي ۽ نه وري ڪيس ياد پئي آيو. اهو سال جو ٻارهون مهنو هو جڏهن اسڪول ناتال جي موڪل ڪري بند هئا ۽ اونده به ٿيندي پئي وئي. هاڻي جلدي چند جو نئون سال شروع ٿيندو جڏهن هوءَ ماءُ وٽ ڪيس سلام ڪرڻ لاءِ ويندي ۽ اهي ٻئي وري پوءِ نانيءَ کي سلام ڪرڻ ويندي يون.

"سنو آهي ته اسان ٽيڪسي جهليون." ماڻس چيو ۽ گهڻي ۾ هيڏي هوڏي نهاريائين. پوءِ ان هٿ لوڏيو ۽ سوڪي خوش ٿي وئي. هيءَ هن جي ٽيڪسيءَ جي پهرين سواري هئي. هڪڙي سچي ڪار صرف هن لاءِ. هوءَ حيران ٿي وئي جڏهن ڊرائيور سندن در ٻاهران پئسا گهريا. هُن ماڻس کي ريزگاريءَ لاءِ چيو ۽ جڏهن هن جي ماءُ ان کي اهي پاڻ وٽ رکڻ لاءِ چيو ته ان کلي ڏنو. سوڪيءَ سوچيو ته جيڪر سواري اڃا گهڻي دير تائين ٿئي ها.

گهر ۾، جڏهن ماڻس اندر پهتي ته ڇوڪريون هيڏي هوڏي ٽڙي ويون. هن ڪين ڪم نه ڪرڻ ڪري ڇڙٻون ڏنيون ۽ جلدئي هر شيءِ پنهنجي ساڳي حالت ۾ اچي وئي، سواءِ ان جي ته نانيءَ کي پنهنجو نئون وڳو پاتل هو.

"ڇو، ناني؟" سوڪيءَ پڇيس.

"ڇو ته هي تنهنجو ڏينهن آهي."

مامي ڪيس هڪ ننڍڙو تحفو ڏنو. اهو هڪ قلمدان هيو جيڪو ان پاڻ ٺاهيو هو. ۽ جيڪو هُن محسوس ٿي ڪيو ته اهو تمام معمولي تحفو آهي، ان هن لاءِ هڪ تصوير جو فريم به خريد ڪيو هو. " اهو اخڙوٽ جي ڪاٺيءَ جو ٺهيل اٿئي." هن وضاحت ڪئي. هن فريم ۾ هوءَ فوٽو رکي سگهندي، جيڪي هن اڄ ڪڍرايا هئا ۽ ان کي هميشه لاءِ رکندي.

"ماما، وڏي مهرباني،" هن چيو.

"ڏهه هزار معافيون،" مامي جواب ڏنو جنهن جي معنيٰ هئي ته سوکڙي تمام معمولي آهي ۽ صرف شرمساريءَ جو سبب.

سوڪيءَ اهو پنهنجي جاري ۾ رکيو ڇو ته ان وٽ پنهنجي ڪمري ۾ ميز ڪانه هئي. هوءَ پنهنجو گهر لاءِ اسڪول جو سڀ ڪم فرش تي ويهي ڪندي هئي، جنهن ڪمري ۾ هوءَ اڃا تائين نانيءَ سان گڏ رهندي هئي.

ورتل مريض متعلق ڳالهايو هجي. "تو داخلا ڇو نہ ڪرائي آهي؟" هن پڇيس.

جيڪڏهن سوڪي وڏي هجي ها، ضرور سمجهي ها تہ، معاشري ۾ جيڪو ٻار ڄمندو آهي اهو ٻيءَ جي نالي سان ضرور داخل ٿيندو آهي، هوءَ ششدر هئي.

"تنهنجو پيءُ ڪير آهي؟" ڪلارڪ پنهنجي مطلب تي آيو.

"ان جو نالو مسٽر---" سوڪي ڏڪي وئي.

"اهو مري ويو آهي،" نانيءَ اڳ ۾ ڳالهايو.

سوڪيءَ احتجاج ڪرڻ گهريو، پر سندس نڙي خشڪ هئي. اهو مري ڪو نہ ويو هو پر هن کي آمريڪا وٺي وڃڻ لاءِ هڪ ڏينهن ضرور اچڻو هو.

"انهيءَ صورت ۾،" ڪلارڪ چيو،" سنو ٿيندو تہ توهان انتظار ڪيو جيستائين سپ واندا ٿي وڃن." ان قطار مان ٻئي کي سڏيو. هن واقعي جي ڪري سوڪيءَ جا مڊل اسڪول وارا سال اونداها ٿيڻ وارا هئا.

جنهن مهل انهن کي ٻيهر سڏ ٿيو ان وقت تقريبن شام ٿي وئي هئي. اتي ڪيترائي ماڻهو ڇوڏاري مڙي ويا هئا.

"بنان پيءُ جي صورت ۾ تون داخلا ڪيئن وٺي سگهنديءَ؟ جيڪڏهن قانوني طور تي تون ڪتابن ۾ داخل ٿيل نہ آهين، تون 'هڪ ناجائز ٻار' آهين. ۽ هڪ ناجائز ٻار اسڪول ۾ داخل نٿو ٿي سگهي."

هن سوچيو تہ جيڪر مري وڃي ها. هڪ ناجائز ٻار؟ انهيءَ جو ان مان ڇا مطلب آهي؟ اسڪول جو عملو بي وس هو. هتي اڳ ۾ هن جهڙو مسئلو ڪڏهن بہ ڪو نہ ٿيو هو. ناني اهڙن ڏکين ماڻهن جي آڏو لاجواب بيٺي هئي.

"صبحاڻي موٽي اچو." آخر ڪار، انهن چيو.

سوڪيءَ سوچيو تہ ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ مامي کي ماڻس کان ٿلهو لفافو وٺي گهٽ ۾ گهٽ اسڪول جا ٻہ چڪر ڪاٽڻا پوندا، ۽ پوءِ بہ هوءَ پنهنجي ناجائز ٻار قرار ڏيڻ واري بي عزتي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي.

مڊل اسڪول سندس گهر کان پرائمري اسڪول جي مقابلي ۾ گهڻو پري هو. پر هوءَ اتي وڃڻ کان نفرت ڪندي هئي. ڇوڪرا ڪيس بي درديءَ سان طعنا هڻندا هئا، ۽ ڇوڪريون ڪيس چيڙائڻ لاءِ پٺيان ڪلنديون رهنديون هيون.

هي اسڪول هڪ ٽڪريءَ تي ٺهيل هو. هن ۾ چار هزار شاگرد هئا. هيءَ جيئن ئي وڏي ٿيندي پئي وئي تہ سوڪيءَ ۽ ٻين ٻارن ۾ فرق واضح ٿيندو پئي ويو. قانون مطابق هن پنهنجا وار ڪترائي ننڍڙا ڪرايا، پر اهي اجا تائين سندس منهن آڏو لڙڪندا رهندا هئا. انهيءَ ڪيس مغربي نموني لاءِ تہ وٺندڙ ڪري ڇڏيو پر، اهڙي ڌرتيءَ تي جتي ٻارن جو ڪارن وارن ۽ صاف اکين سان ڄمڻ روايتي هو، اتي اهو

جو گهر هڪ -- هڪ ---." اهو ظاهر ڪرڻ تمام ڏکيو هو تان جو ڇوڪرين مان هڪڙيءَ ڦٽ ڪاڍو، "عصمت فروشيءَ جو هڪ اڏو." ۽ ويجهڙو بيٺلن مان هڪ چيو. "۽ تنهنجي ماءُ آهي هڪ -- هڪ --."

سوڪيءَ کي ڳهڻ لاءِ زمين ڪو نہ ڦاٽي توڙي ڪٽي هن گهريو تہ اُئين ٿيندو. انهن لفظن کان پوءِ مڪمل مات ڇانئجي وئي، ايتري گهري جو ان هر هڪ شاگرد تي اثر ڪيو. ماستر جي واپس نہ اچڻ جي باوجود اهي هڪ هڪ تي پنهنجين جاين ڏي سرڪيا ۽ جيستائين هو موٽي آيو هي ڪوئن وانگر ڇپ هنيو ويٺا رهيا. انڌا ڏنڊ سوڪي پنهنجو ڪتابن جو ٿيلهو بہ وساريندي ڪلاس مان وٺي ڀڳي. اسڪول ۽ پنهنجين اذيتن کان پري. بي خبريءَ ۾ هوءَ پنهنجو رستو ڀلجي وئي، پنهنجي شرمساريءَ جي پهچ کان ڏور. هوءَ گهنٽين ۾، جيڪي هن اڳي ڪڏهن بہ ڪو نہ ڏٺيون هيون، بي مقصد رلندي رهي. "اهو سچ ٿي نہ ٿو سگهي،" هن رنو.

"ڇا سچ نہ آهي؟" هڪڙي پڇيس ۽ سوڪي ٻيهر خوف ۽ حراس ۾ ٻڏي وئي. هن کي ٻڪ ۽ اڄ جي پرواهہ ڪو نہ هئي. پوءِ، اوچتو، سندس اکين اڳيان اونده وڪوڙي وئي ۽ هوءَ ڏڪندي ڏڪندي ڪري پئي.

هڪڙي پوليس واري ڪيس مٿي ڪنيو. "تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟" هن ڪانئس پڇيو.

"منهنجو ڪو بہ گهر ڪونهي." جيئن ئي سندس مٿي هاٿي منهن تان ڳوڙها وهڻ لڳا هوءَ سڏڪا ڀرڻ لڳي.

آخر ڪار انهن ڪانئس ايڊريس پڇي ۽ گهر وٺي ويا.

ماڻس ان جي مٿان جهڪي وئي ۽ روئڻ لڳي. "پري ٿي!" سوڪيءَ ڇڙٻيس، "پري ٿي!" تي سگهي ٿو ماڻس سمجهي وئي هجي، ڇو تہ هوءَ اتان جتي سندس ڏي ستي پئي هئي، سرڪندي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. ان رات هر ڪنهن ماڻس جي ڪمري مان زور زور سان روئڻ جو آواز ٻڌو ۽ جڏهن کان وئي هوءَ ڪاروبار جي مالڪياڻي ٿي هئي اها پهريون پيرو ڳئي ڏانهن ڪو نہ وئي.

نانيءَ سوڪيءَ جي ڀنيءَ کي مالش ڪئي؛ هوءَ دير تائين ساڻس ڳالهائڻ کان سواءِ ويٺي رهي. آخر ڪار هن هلڪڙي آواز ۾ چيو، "تو اسان کي ڊيڄاري ڇڏيو هو، اسان سمجهيو تہ تون هاٿي ڪڏهن بہ گهر نہ ايندينءَ."

"مان چاهيان ٿي تہ جيڪر نہ اچان ها، هي ماڻهن -- جي -- جسم --وڪڻ --- جو هڪ گهر آهي --- عصمت فروشيءَ جو هڪ اڏو. ۽ مون کي خبر ئي نہ هئي! مان مرڻ ٿي گهران. او، بابا، تون هتي ڇو ڪو نہ آهين؟"

انهيءَ رات کان پوءِ سوڪيءَ لاءِ حالتون اڃا بہ گهٽو بدلبيون ويون؛ نانيءَ هن

کي ٻئي ڪمري ۾ سمهڻ لاءِ ڇڏيو. سوڪيءَ کي ڪو هوش نہ هو، اها ڪيترن ڏينهن تائين ڪاڏي ڪاٺ ڪان سواءِ پنهنجي هنڌ تي پئي هوندي هئي، صرف ڇت کي گهوريندي رهندي هئي.

صرف ماموئي هڪڙو شخص هو جنهن آخرڪار سوڪيءَ کي پنهنجي دنيا ۾ واپس آندو. "جڏهن تنهنجي ماءُ تو کان سال کن وڏي هئي،" هن بيان ڪرڻ شروع ڪيو، "اها هڪ خوبصورت ماٽريءَ ۾ رهندي هئي. پوءِ هڪڙي لڙائي ڇڙي وئي ---" ۽ ائين سوڪيءَ کي هڪ ڏکويل ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي معلوم ٿي، جنهن کي مجبور ڪيو ويو هو تہ هوءَ، ٻنهي -- ماءُ ۽ پاڻ کي جيئرو رکي،انهيءَ ئي طريقي ساڳيڪو هوءَ ڪري سگهي. سوڪيءَ ڪيترن ڏينهن تائين انهيءَ ڪهاڻيءَ تي غور ڪيو ۽ ٿي سگهيس تہ هن ماءُ کي معاف ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ معاف ڪرڻ جي هئي.

ڪيترن هفتن جي غير حاضريءَ کان پوءِ جڏهن سوڪي اسڪول پهتي تہ اها بلڪل بدليل ڇوڪري پئي لڳي. اها صرف استاد جي سوالن جو جواب ڏيڻ لاءِ ڳالهائيندي هئي ۽ ٻين ٻارن هن کان پاسو ٿي ڪيو. اهڙي تعصبي سماج ۾ هوءَ هڪڙي ڳاڏڙ نسل جي ٻار جي لڙائي اڪيلي سر وڙهندي رهي. ۽ اهي ڪيتريون لڙايون هيون: هر وقت ان کي گهٽيءَ مان لنگهڻو پوندو هو، ننوليون برداشت ڪرڻيون پونديون هيس، اسڪول وڃڻ وقت ۽ ڏينهن ۾ ڪنهن وقت بہ هوءَ اتي ٿوري گهڙي بہ ڪو نہ ويهندي هئي. اهڙي حالت ۾ سوڪي اسڪول ۾ پنهنجي ٻئي سال ڏانهن وڌندي رهي. ۽ پوءِ اهو اونهاري جي ڏکئي موڪل جو وقت هو جڏهن برسات ڪوريا کي هڪڙي سائي باغ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

# ١٢

انهيءَ اونهاري ۾ هڪڙي شام جو سوڪيءَ کي ماٿس چيو ته هوءَ نانيءَ سان گڏ ڀهراڙي گهمڻ ضرور وڃي. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي ڇو ته اسڪول جا مهينا ڏاڍا ڏکيا رهيا هيس. ڪيترا ڀيرا هن سوچيو هو ته هوءَ ڀڄي نڪري وڃي! پر ڪاڏي؟ گهٽيون ته ڪڏهن به ان لاءِ موزون نه هيون، هوءَ جتي به ويندي هئي هن کي ڇيڙايو ويندو هو.

ڀهراڙي ڪجهه ٻي طرح هوندي: سايون سارين جون پوکون. گل، ۽ ڪڪائين چتين وارا ڪُهر. اهو ڪهڙو نه سٺو وقت ٿيندو!

"امان، ڇا تون نٿي هلين؟"

"نه، منڙي، مان مصروف آهيان، پر هي تنهنجي لاءِ هڪ نئون ٿيلهو آهي ۽ ٽڪيٽ لاءِ پئسا پڻ." ان پيار مان سوڪيءَ جي منهن کي پنهنجي هٿن ۾ جهلي ڏاڍو پيار ڪيو.

"سچ ته مون به چاهيو پئي ته جيڪر مان به توهان سان گڏ هلان ها،" ماٿس آهستڙي چيو.

ڇوڪري ششدر ٿي وئي هئي پر شهر کان ٻاهر سندس پهرين دوري جي تياري ۾ هوءَ جلدئي ماءُ بابت ڀلجي وئي. نانيءَ اونهاري جو وڳو پاتو هو. اهو سفيد رنگ جو هو ۽ ڪلف لڳڻ ڪري ڦوڪجي ويو هو ۽ نانيءَ کي سندس بت کان ٻيٺو ڪري پئي ڏيکاريائين پر ان جون سنهڙيون ٻانهون چولي مان ڏٺيون پئي. سوڪيءَ ڇاتو ٿي ته هوءَ سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ نانيءَ کي چاهي ٿي، ننڍڙي قد واري ناني جيڪا سندس ڪلهي تي ايندي هئي ۽ جنهن جي چهري ۾ سوڪيءَ جي ڳٽڻ کان به وڌيڪ گهنج پئجي ويا هئا. هن سوچيو ته ڀهراڙيءَ جي آبهوا ان کي تندرست ڪري ڇڏيندي، جنهن بابت هن اڳ ۾ ائين ٻڌو هيو. صبح جو اهي ريل گاڏيءَ تي پهچڻ لاءِ جلدي اٿيون. بورچياڻيءَ کان سواءِ سڀ ڇوڪريون ننڊ ۾ هيون، جو هن کي سندن لاءِ سُوپ ۽ چانور ناهڻا هئا. اها ڇيڙاڪ هئي؛ انهن ڏينهن ۾ هرڪو ڇيڙاڪ لڳو پيو هو ۽ سوڪي حيران هئي ته الائي ڇا جي ڪري. ماٿس پڻ سدائين سوچ ۾ ٻڏل هوندي هئي، ناني به ڪونه ڳالهائيندي هئي، پر اها ڪا نئين ڳالهه نه هئي. مامي پڻ پاڻ کي مصروف ڪري ڇڏيو هو، تنهنڪري سوڪيءَ کي مشڪل ڪو موقعو ملندو هو جو ان سان ڪل ڀوڳ ڪري. هوءَ اڪثر سوچيندي هئي ته جيڪر ڇمي ئي نه ها. ڀلا، آمريڪا ۾ رهڻ ڪهڙو ٿيندو؟ بابي سان؟ ٿي سگهي ٿو ان کي ٻيون به ڏيئون هجن ۽ هيءَ انهن سان ڪيڏنديءَ؟ نه، بلڪل نه، ان کي نه

هونديون. ان کي ڪيئن هونديون، جڏهن تہ هيءَ ۽ ماڻس ان لاءِ هتي انتظار ڪري رهيون هيون؟

ماڻس در وٽ آئي ۽ نانيءَ کي ڪچھ چيائين. پوءِ ان سوکيءَ کي پيار مان ياکر پاتو ۽ کين الوداعي سلام ڪرڻ لاءِ پوئتي هٽي. هوءَ ايترو تہ تکڙ ۾ ڪانئس جدائي موڙي جو ڇوڪري ذري گهٽ ڪري پئي هئي. انکانسواءِ، انهيءَ کي گهڻو وقت ٿيو هو جو ماڻس کيس آخري ڀاکر پاتو هو: ايترو اوچتو. هاڻي ڇو؟ پياري امڙ، هن سوچيو. ڪا ڳالهہ نہ آهي ڇو تہ اها ٻاهرين ماڻهن سان مصروف رهندي هئي، جيڪي اچا تائين ايندا ويندا رهندا آهن. رڳو فوجي نہ، ٻيا بہ ماڻهو هئا جن کي ڪارا وڳا پاتل هوندا هئا ۽ هٿن ۾ چمڙي جون ٿيلهيون هونديون هُيون. ڪورياڻي ڪپڙن ۾ مايون بہ، جيئن ماڻس جو شام جو پاڻ وارو گهگهو. سوکي سمجهي نہ سگهي تہ انهن ڇا بابت ڳالهايو پر هن ڏٺو تہ هو ڪليون ڪونہ جنهن سوکيءَ کي پريشان ڪري ڇڏيو.

هوءَ "ڀهراڙي" جو نالو پڇڻ وسري وئي هئي. هن لاءِ اهو دورو ئي خوش ڪندڙ هو. وڏي ريلوي اسٽيشن ماڻهن جي هجوم سان ڀري پئي هئي. انهن گهڻو ڪري هن ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏنو. انهيءَ سوکيءَ کي حيران ڪري ڇڏيو، هوءَ تہ هن ڏانهن گهوري ڏسڻ وارن ڪري هريل هئي. ريل گاڏيءَ جو گاڏو گرم هو جنهن ڪري ناني سڄي واٽ پاڻ کي پکو جهليندي رهي. هن انهيءَ کي هيٺ صرف ان وقت ٿي رکيو جنهن وقت انهن ٽڏو تيل ڪاڌو ٿي کاڌو جيڪو انهن پاڻ سان آندو هو.

سڄي عمر شهري ڇوڪري هجڻ ڪري، سوکي دريءَ مان ٻاهر شوق سان ڏسي رهي هئي. اها جيڪي گهر ڏسي رهي هئي اهي اڪثر ننڍڙا ۽ ڪکاوان هئا. سوکي ڏاڍي خوش ٿيڻ لڳي، جڏهن سبزيءَ جا باغ سارين جي پوک وارين ٻنين ۾ تبديل ٿي ويا. اهي بلڪل ساوا هئا، ماڻس جي وڳن وانگر، گهٽ ۾ گهٽ ان جي وارن واري بڪل وانگر- هڪڙو وڏو جيڪو ٻن ساين پنکڙين ۾ لڏندو رهندو هو. ان کان پوءِ گاڏي جيئن ئي اڳتي وڌندي رهي، سوکي ڀهريون ڀيرو صنوبر جي وڻن سان ڍڪيل جبل ڏٺا. اسڪول ۾ شاگردن کي ٻڌائڻ لاءِ اها هڪڙي خبر ٿيندي! پر هن هڪدم اهو خيال ختم ڪري ڇڏيو، ڪنهن بہ حالت ۾، اهي هن ڏي ٿورو بہ ڌيان ڪونہ ڏيندا، هن پاڻ کي وري اڪيلو محسوس ڪيو ۽ تڪليف ۾، ڇو تہ دريءَ مان مٽي اندر اچڻ لڳي. هوءَ ڪنگهڻ لڳي جنهن ڪري کيس دري بند ڪرڻ پئي.

"اسين ڪاڏي هلي رهيا آهيون؟" هن نانيءَ کان پڇيو.

"اوير طرف ۽ ان کان پوءِ ڏکڻ."

آخرڪار گاڏي هڪڙي ننڍڙي اسٽيشن تي بيٺي. اها اڳ ۾ بہ ڪيترين

”سچ تي نٿو سگهي،“ هيءَ انهن کي ٻڌڻ لڳي. ”تنهنجو مطلب آهي هڪڙي حقيقي، جيئري جاڳندي، وڏي نڪ واري؟“

”سچ، ۽ ٻيو ڪجهه به نه صرف سچ، پٽاٽن وانگر گول اکين سان.“ پٽاٽا سيني ڪاڏن مان وڏيڪ نفرت وارا هئا ڇو ته رڳو غريب ماڻهو ئي انهن کي کائيندا آهن.

فارم ڪو مڪمل فارم ڪونه هو، صرف هڪ ڪڪائين ڇت وارو گهر هو جنهن تي ڪک پن ٻي ترتيبيءَ سان ڏرتي ڏانهن لڙڪي رهيا هئا. اتي ڪو جهنگلو ڪونه هو پر صرف ٽاريون هيڏي هوڏي گول پٿرن سان جهليل هيون. ڀرپاسائين سوڪيءَ سمجهيو ته ٻڪن لاءِ واڙو آهي، جيستائين ٻلي سٽڻ ۽ چولو پاتل هڪڙي عورت ننيڙي دروازي مان ظاهر ٿي. ان کي دَرَ جي چانئٺ وٽ ٿورو جهڪڻو پيو هو. ناني پنهنجي هڙ هيٺ رکي ۽ کيس ڪيڪاريائين، ”توهان خوش آهيو؟“

”هائو،“ جواب مليو. عورت تمام پوري هئي ۽ سندس چمڙي خشڪ هئي. ان جي مٿي تي ٽوال وارن کي ڏکيو ٿي بلڪل انهن ماڻن وانگر جيڪي سوڪيءَ کي لاريءَ ۾ مليون هيون. انهن سيني کي رَوَن بدران ٽوال پاتل هئا.

وڏيڪ ڳالهائڻ ڪانسواءِ مائي موٽي ۽ اندر وئي. اندر ڪمرو ايترو ته اونداهو هو جڻ کيس ڳهي ويو. ناني اڱڻ ۾ هيٺ هڪ بنڊ تي ويهي رهي ۽، چوڌاري نهاريندي، ان ٿڌو ساهه کنيو. ٿورو ٻوڙ هاريل هو جتي اهو سڙيل پاڇين جي پٺن سان لتاڙجي ويو هو، پر نانيءَ انهيءَ ڏي ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنو. ٽارين وٽان هڪڙي لنگهه وٽان هڪڙو ڪُتو اندر ٽپيو ۽ اوپرن ماڻهن تي ڀونڪڻ لڳو. اهو ڏٻرو هو ۽ ڦٽن سان ڀريو پيو هو، پر ناني ڌنئي ڪونه ٿي. ”ماٺ ڪر،“ ان ڪتي کي هڪل ڏني، ”پٺي وڃ.“ تان جو ڪُتو ڪڪائين گهر جي پٺيان هليو ويو.

سوڪيءَ زمين جي مٿاڇري کي ڏٺو. هيڏي هوڏي صنوبر جي وڻن جي جهڳٽن جي وچ ۾ ننڍڙن گهرن جا ٽولا هئا. هر ٻي شيءِ سنئين هئي ۽ دڳ وٽ مٽي ڪکرن وانگر اڏامي رهي هئي. ڇا اها ”ٻهراڙي“ آهي؟ هوءَ بس مان ڪابه شيءِ ڏسي ڪونه سگهي هئي: سڀي واٽ سندس نظر هيٺ جوتن جي چوٽين تي کُتل هيس. اهي ماڻهو جيڪي ڏانهنس ايترو تنگ نظر رهيا هئا، هن سوچيو اهي اٿين رهندا آهن؟ جهوپڙين ۾ جن مٿان گاهه پيل هو؟ ۽ ميرا ڪپڙا هين؟ جڏهن ته هن کي هڪڙي خوبصورت ماءُ هئي جيڪا سنگمرمر جي سرن سان ٺهيل گهر ۾ هئي؟ ڪيڏي ناانصافي، اهو بلڪل صحي نه هو. اهي هن کي چيڙائڻ جي جرئت ڪندا هئا، جيڪا اسڪول ويندي هئي ۽ هرهڪ ماڻهو سان مهربان هئي- ۽ - رڳو انهيءَ ڪري جو هن جو جيڪو پيءُ هو، اهو هڪ ڏاريو هو.

”او، بابا،“ هن جي دل ٻاڪاريو، ”جيڪڏهن رڳو توکي خبر پوي ها ته تون

# ١٣

ٻئي ڏينهن صبح جو مينهن وسي پيو. هوا جي جهوٽن اڱڻ ۾ چوڌاري پاڻي هاري ڳاڙهي رنگ جو دٻو ڍاهي ڇڏيو. ننڍڙي ڪوٺيءَ ۾ پنج نئي ماڻهو ڄنڪهون ڊگهيڙيو ويٺا هئا، صرف ان وقت ٿي چريا جڏهن ڪڪائين ڇت مان پاڻيءَ جا ڦڙا ٽپڪي سندن مٿان ٿي ڪريا.

اڪهاڙي پٽ تي سمهڻ جي عادي نه هجڻ ڪري، سوڪي بي آرامي ۾ ڏکي هئي. هوءَ سڄي رات جاڳندي، چوڌاري ڪونڪهرن هڻڻ ۽ ڊگهن ساهن کڻڻ جا آواز ٻڌندي پئي رهي. هن کي پڪ ڪانه هئي ته ناني به ننڊ ڪري سگهي هوندي، پر ٻيا ٽئي مختلف هئا، جو ته اهي، هن گهر جي اڪيلي ڪوٺيءَ ۾ سمهندا پئي آيا هئا جنهن جو فرش انهن سيني لاءِ ڪافي وڏو هيو.

مائيءَ صبح جو ٻاهر دڪائي هئي: اها انهن ٽي ساڳين ڪپڙن ۾ اٿي جيڪي ان کي ڪالهه پاتل هئا ۽ جن ۾ هوءَ رات ستي هئي. مائيءَ هن کي نيرن ۾ جَوَ ۽ گرم پاڻي ڏنو ۽ هن کي رات جو ٻه ڪين اهوئي ڏيڻو هيو. ايتري وقت ۾ تمام ٿوري گفتگو ٿي هئي، پر ڇوڪريءَ جي سمجهڻ لاءِ اهو ڪافي هو ته مرد مامي جو پري جو مائٽ هيو جيڪو هن کي اتي رهائڻ لاءِ راضي ٿي ويو، جڏهن ”شين کي ٻاهر لڳل هئي.“ اهو ڏسڻ ۾ خراب ڪونه ٿي لڳو. ان شهر بابت ٻه پڇيو جنهن جا نانيءَ ڏک مان جواب ڏنا. پر مائي ڪين قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي: هن سوڪيءَ ڏانهن به نفرت مان ٿي ڏٺو ۽ ڳالهايائين به ڪو نه ٿي.

ڏينهن جي وقت گهٽو ڪري منجهائن ڪو به هڪڙو ماڻهو ڪيڙو ٿي هيٺ ليٽي ٿي سگهيو. جيئن ويهڻ جي حالت ۾ ٽي ماڻهو ڪيڙو ٿي سمهي پوندو آهي. اتي ٻيو ڪجهه ڪرڻ لاءِ هيو ٽي ڪونه هن ڪنهن طرف ڪان ڳئون جو آواز ٻڌو پر ڪنهن به ماڻهوءَ ان ڏي ڌيان ڪو نه ڏنو. بعد ۾ ڪيس معلوم ٿيو ته جانور کي ٻن ٻڪرن سان گڏ صنوبر جي وڻ سان ٻڌو هيائون. باقي ڪتو انهن سان گڏ ڪمري ۾ رهندو هو جيڪو هرهر پنهنجي ڦٽن کي ڪرڙيندو رهندوهو.

سوڪيءَ کي وقت جو اندازو ڪو نه هو. اها وڏي ڳالهه هئي. هوءَ ماءُ ۽ سندن شهر ۾ سهڻي گهر کي ياد ڪري اداس ٿي وئي، جتي اهي، گهٽ ۾ گهٽ اهڙي ڦوهار جي وقت ورانڊي ۾ ته ويهي سگهندا هئا.

”پسٽ،“ ڇوڪري اوچتو آواز ڪيو. ”هَئي!“ اهو هڪ سنهڙو جوان هو ۽ سندس ڊگها ڪارا وار ٻاهر لڙڪي رهيا هئا. هن ان جي پنهنجي اسڪول جي سٺن ڪپڙن پاتل ڇوڪرن سان ڀيٽ ڪئي ۽ سوچيائين ته هن کي سنوارت ڪرائڻ جي

ضرورت آهي. هوءَ شرمائجي وئي. ڇوڪرو مرڪيو ۽ قلابازين ڪائڻ واري راند شروع ڪيائين. اهو ايترو تہ وڻندڙ هو جو سوکي ڪل ۾ ٽهڪ ڏيڻ کان بچڻ لاءِ پنهنجو هٿ وات تي رکي ڇڏيو. انهيءَ وچ ۾ مائي ڪيترا ڀيرا موسم کي جاچڻ لاءِ اٿي، يا اهو سندس پٽ لاءِ هيو، جيڪو هر ڀيري ڪنوڻ جي چمڪاٽ وانگر ٽڪڙو ٽڪڙو ڪرتب مٽائي رهيو هو. سوکيءَ پنهنجي پيرن ڏانهن پئي نهاريو. يا پنهنجي فراڪ تان مٽيءَ جا ذرڙا ٿي ڇنڊيائين تيستائين مائي ٻي گهڙيءَ لاءِ هيٺ ليٽي پئي. ائين سوکيءَ جي ننڍڙي زندگيءَ ۾ ڏکهو ڏينهن پنهنجي پڇاڙيءَ ڏانهن سرڪڻ لڳو.

ڀهراڙيءَ جو هر هڪ ڏينهن انهيءَ پهرين ڏينهن وانگر خراب ڪو نہ هو. مينهن بند ٿي ويو ۽ اس زمين جي مٽاڇري تي ڀيهر پکڙجي وئي. پر مينهن هجي يا اس، سوکي اڃاتائين گهر لاءِ اداس هئي. ڪانگ باڪ --- اهو ڇوڪري جو نالو هو --- هن کي خوش رکندڙ ٿي ويو. شايد سوکي انهيءَ سمجهڻ کان ڪافي ننڍي هئي تہ اها ۽ سندس ناني هن گهر ۾ ٿيندڙ آدرياءَ کان گهٽ هيون. ناني ڪجهہ بہ نہ ڪندي هئي رڳو لتاڙيل گاهہ تي ويٺي پنهنجو وقت گذاريندي هئي.

معمول سارو پيءُ پٽ صبح جو سوير نڪري ويندا هئا. ڇوڪرو پنهنجي پيءُ کان ٻہ قدم پوئتي هلندو هو. هو سوکيءَ ڏانهن پيار مان ڏسندو هيو، اها نهار سوکيءَ کي سڄو ڏينهن خوش رکندي هئي. هن ڀهراڙي متعلق اهو ڪڏهن ڪو نہ سوچيو هو تہ اتي اهڙو معمولي ڪاڏو ۽ گهٽي مٽي هوندي. هوءَ ڪيترا ڀيرا ٻاهر رستي ڏانهن گهمڻ ويندي هئي، جتي مڪين سان ڀريل گدلا ٻار ڏسندي هئي. جيڪا ڳالهہ هن کي اڃان سمجهہ ۾ نٿي آئي سا اها هئي تہ ڀهراڙيءَ ۾ مختلف حيثيتن وارا ڪڙمي هئا: هڪڙا اهي جن کي پنهنجون زمينون هيون ۽ شاهوڪار هئا، ٻيا ڳوٺاڻا جن کي پنهنجا گهر تہ هئا پر زمينون ڪو نہ هيون ۽ اهي هاريو ڪندا هئا. هي ڪٽنب تہ مورڳو ٻنهي طبقن مان ئي ڪو نہ هو؛ پيءُ هڪ معمولي مزدور هو، ڏهاڙي دار مزدور، اهو صرف تڏهن ڪمائي سگهندو هو جڏهن ڪيس ڪم ملندو هو، پر جيڪڏهن زميندارن کي ان جي محنت جي ضرورت نہ هوندي هئي تہ هفتن تائين وينو ڏينهن ڪاٽيندو هو.

ٻئي ننڍڙا دوست ٿي ويا. ڪانگ باڪ سوکيءَ کان قد ۾ ٿورو ڊگهو هيو ۽ سورهن سالن جو هيو. جيڪو ڳالهائڻ وقت ڪيس مائي چوندو هيو ---- هوءَ بہ پاڻ کي فقط هڪ "مائي" سمجهندي هئي -- جيڪا ڪٽي ٻئي هنڌ گهيريل هئي.

هڪ ڏينهن جڏهن هو ٻنيءَ تان واپس ٿي آيو، سوکي ڪيس گهر کان پري صنوبر جي جهڳٽن ڏانهن ويندڙ رستي وٽ ملي. انهيءَ طرف نظارو ڏاڍو وڻندڙ هو، پر هن کي پنهنجي قدمن کي جاچڻو ٿي پيو. ڇو تہ رستو ٻن پوکن جي وچان صرف هڪڙو

# ١۴

نيٺ جڏهن ماڻس وٽان خط آيو، تيستائين هڪ مهينو گذري چڪو هيو. ان ماڻهوءَ نانيءَ کي اهو خط پڙهي ٻڌايو جنهنجي نظر ڪمزور ٿي وئي هئي. سوڪي خوش به هئي ته ڏکويل به: ماءُ سان ملڻ ۽ وري نرم گاديلن تي سمهڻ جو خيال ڪيس خوش ڪندڙ هيو،پر جڏهن هن ياءُ کي ڇڏڻ لاءِ تي سوچيو ته هوءَ پاڻ تي گذرندڙ جذبات کي ظاهر نه ٿي ڪري سگهي. اهو هڪ ڏکندڙ زخم جي نشان وانگر هو. هوءَ ان کي خط لکندي، بلڪل، جيئن ئي اها گهر پهچندي، پنهنجي گهر جي اڱڻ ۽ ان ۾ بٺايل حوض جي تصوير ڪڍي ڪيس موڪليندي .

مٽيءَ جي ڪڪرن ۾ اڏ لڪل بس روڊ تي استاپ طرف چڙڻ لڳي. اها ٽيٽار هئي سو هٿن لاءِ جاءِ ڪانه هئي. ڪنهن به نانيءَ کي جاءِ ڏيڻ جي آڇ ڪونه ڪئي، ڇو ته اها هڪ ڏاري هئي: ان ڪان سواءِ گهٽ حيثيت واري هئي. سوڪيءَ سس پس ٻڌڻ ڪان نٽائي ڇڏيو، هوءَ پنهنجي گهر جي منزل طرف هئي ۽ اهو خاص مسئلو نه هيو. هن ڪانگ باڪ جي ڇهري کي ڏٺو جڻ ڏنڌ ۾ هجي. پر، اهو پڻ، غائب ٿي ويو.

بس،ريل گاڏي، ۽ پيهر بس. جڏهن نانيءَ چيو ته اهي لهڻ وارا آهن ته ان مهل اونده اچي ٿي هئي.

"ڇو ، ناني؟ هيءَ اسان جي گهٽي نه آهي؟"

پر نانيءَ ڪو جواب ڪونه ڏنو . هن پاڻ کي بي يقينيءَ جي ڪيفيت ۾ محسوس ڪيو. گهٽي بغير فرش واري هڪ گندي گلي هئي. جنهن جي وچ ۾ کليل نالين مان گندو پاڻي وهي رهيو هو. ٻنهي طرفن کان گهر ميٽوڙا هئا ۽ انهن جون ڇتيون ۽ دروازا به ميٽوڙا هئا، جيڪي گهٽيءَ طرف کليا ٿي. نانيءَ وٽ هڙ ايتري وڏي نه هئي جيتري پهريائين گهر ڇڏڻ وقت هئي: هوءَ ان کي هاڻي هڪ هٿ سان به جهلي ٿي سگهي.

"اهو هتي آهي،" هن چيو"هلي آ."

سوڪي ڪِٽتيءَ ۾ هئي. ناني دنيا ۾ ڪيئن ٿي هلي؟ اهو ئي سڀ ڪجهه هيو جيڪو هن سڄي ڏينهن ۾ ڳالهايو هو. جڏهن هن انهن ميرن گهرن مان هڪڙي گهر جو دروازو کڙڪايو ته ڇوڪري ڇڙي پئي:

" ناني نه ڪر! اسان کي انهيءَ اوپري گهر ۾ وڃڻ جي ضرورت ڪانهي."

" اهو ڪنهن ڌارئي جو نه آهي. تنهجو گهر هاڻي اهو آهي."

جيڪڏهن مٽس بجلي ڪري ها ته به سوڪي ايتري برباد نه ٿي وڃي ها. هاڻي

"مان ٺڪل آهيان. " بس، هوءَ ايترو چئي ماٺ ٿي ويندي هئي. مامو اجان تائين هنن سان رهيو پيو هو. وقت بہ وقت سوکي جڏهن مامي ڏانهن نهاريندي هئي، اهو ڪيس پيءُ جو سنڌس وسريل تصور ياد ڏياري ڇڏيندو هو. گذريل اونهاري ايترين تہ تبديليون آنديون هيون جو اهي پيءُ کي وسارڻ جو سبب ٿي ويون هيون. شايد هوءَ ان کي پنهنجي ذهن مان خارج ڪرڻ واري ڏاکي تي هئي، پر نئين اسڪول پراڻا سيئي سوال وري ڪوٺي ڪڍيا: اکيون، وار، نڪ ۽ "مون کي پنهجي آمريڪي پيءُ جي تصوير ڏيکار." هن لاءِ انهيءَ بابت گهڻي محنت ڪري پئسا ڪمائڻ واري ڌاڙهڻ بہ ڏکي ٿي پئي جڏهن هڪڙيءَ ڇوڪريءَ کائنس پڇيو "پوءِ توهان اهڙي غريباڻي گهر ۾ ڇو ٿا رهو؟"

سوکي جهڙي گهر جو ذڪر ڪندي هئي، هي ان کان تمام غريباڻو هو. اهي ٽئي هڪ ئي گهر ۾ سمهنديون هيون ، پر اهي ڪوريائي ماڻهن جي گڏجي رهڻ واري محبت وانگر ان جو مزو ماڻينديون هيون. مامو رات جو انهيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ سمهندو هو جتي هو ڪوئلو ۽ ٻيون شيون، جيڪي باقي وڪڻ هيون، رکندا هئا.

"هي هڪ سٺو ماڻهوآهي." نانيءَ هڪ ڀيرو وري پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو. "زندگيءَ جو ديوتا جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي پئدا ڪرڻ گهرندو آهي تہ ان کي دل سان ٺاهيندو آهي." هي اهو ڏينهن هو جڏهن مامي گهر ۾ هڪڙو ڪتي جو ٻچو آندو هو، جيڪو مارڪيٽ ۾ ڪونڪاٽ ڪري رهيو هو.

سرءُ ختم ٿيو ۽ سياري هنن ڇنن حياتين کي بک جي پاڇي ۾ اچي ورتو. پر هڪ ڏينهن، مامي انهن کي ٻڌايو تہ هن مارڪيٽ ۾ صفائي ڪرڻ واري جي نوڪري ورتي آهي. انهيءَ جو مطلب هو تہ اهو چانورن لپ، پاڇي يا ٻيو ڪجهہ ٻچو سچو گهر ضرور آڻيندو.

"مون کي افسوس آهي تہ توکي اسان لاءِ محنت ڪرڻي پئجي وئي،" سوکيءَ ماڻس کي هڪ ڀيرو ائين چوندي ٻڌو. مامو انهيءَ جي ٽڏي وٽ ويٺو هو ۽ ساڻس آهستي آهستي ڳالهائي رهيو هو.

"نبل، بيوقوف،" سوکيءَ اڳ ۾ مامي کي ماڻس کي "نبل " سڏيندي ڪڏهن ڪونہ ٻڌو هو. "هڪڙو ڀئي لاءِ ضرور داڻا ڪمائيندو." هو مرڪيو. سوکيءَ کي هڪ وڏندڙ درد محسوس ٿيو. جيڪڏهن هو هن جو هجي - او، نہ! هو ڪڏهن بہ نٿو ٿي سگهي. هن پنهنجي اسڪول جو ڪتاب کنيو ۽ پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، پر ائين پئي لڳس ڄڻ مامي هن جي سوچن کي پڙهي ورتو هجي. ننڍڙي ڪمري ۾ خاموشي ڇانئجي وئي ۽ ڌڪهي ٿي وئي، تيستائين ماڻس ٿڌو ساهہ کڻي چيو "اي مالڪا! - ساهہ قبض ڪندڙ - انهيءَ کي ماري ڇڏ!" هن جو اشارو اونيءَ لاءِ

هو پر هن ڏانهن سڌو ڏسي رهيو هو ۽ هن سمجهيو ته اهو ئي سندس پيءُ آهي.

سوڪي ڪجهه به ڳالهائي نه سگهي ۽ ماڻس به ڪجهه ڪو نه چيو. هن پاڻ تي ساهه سڪائڻ وارو خوف محسوس ڪيو. ڇا هن پنهنجي سڄي عمر ان لاءِ انتظار نه ڪيو هو؟ هن تصوير کي هٿ ۾ جهليو ۽ ان ماڻهوءَ لاءِ حيران ٿي وئي جيڪو ان ڏنو تي. اهو نوجوان هو ۽ تندرست پڻ لڳي رهيو هو، هو اهڙو ئي سگهارو هو جهڙو هن " انهن "کي ٻڌايو هيو. اها انهيءَ ڪري خوش هئي. ماءُ کي وساريندي هوءَ فوٽوءَ سان سس پس ڪرڻ لڳي تانجو سندس اکيون پورجي ويون. اهڙي نئين خوشيءَ سوڪيءَ کي پرجوش ڪري ڇڏيو هو.

"امان، مان انهيءَ کي رکي ٿي سگهان؟"

"ها،" ڏکويل ماڻس ڏکهو ساهه کنيو. سوڪيءَ ڏٺو ته ماڻس وهائي تي ڏکهي ٿي ستي پئي هئي ۽ سندس زرد چهري تي مرڪ پکڙيل هئي. هيءَ جيتري به ڏکهي حياتي ماڻيندي اها هن گهڙيءَ کي ڪڏهن به وساري نه سگهندي جڏهن پٽس ڇڻ هڻ سان گڏ هو. گهٽ ۾ گهٽ هاڻي هوءَ ٻارن کي چوندي ته ان کي ڏسن. هوءَ انهن کي ٻڌائيندي ته اهو مري ويو آهي، پيا ڪا به ڳالهه جيڪا هوءَ ٽڪڙ ۾ ٿاهي وٺندي ۽ ثابتي موجود هئي ته هن جو پيءُ هيو، ڪافي امير، نه ڪي غريب سمجهڻ جهڙو.

"مان سمجهان ٿي ته اهو خوبصورت آهي." هن سس پس ڪئي.

"تون جيڪي ڪجهه سمجهين،" ماڻس ٿڌو ساهه کنيو، "هو خراب ماڻهو نه هو. سوڪي تنهنجو پيءُ مهربان هيو."

مڪمل خاموشيءَ سان ڇوڪريءَ احتياط ڪري فوٽوءَ کي پنهنجي اسڪول جي ڪتاب جي پنن جي وچ ۾ رکيو ۽، ڪن ٿورين گهڙين لاءِ، ڇڻ اهي ڪمري ۾ گڏ هئا.

# ١٥

ناني سدائين چوندي هئي ته سال جو ٻيو مهينو " نئين شروعات " آڻيندو آهي. سوڪيءَ کي ائين لڳي رهيو هو ته سيارو گهڻو ئو وڃي چڪو ته ڏينهن وڏا ٿيندا پئي ويا. هوءَ خيال پچائيندي رهندي هئي. جو ته غريب ماڻهو خيال ئي پچائيندا رهندا آهن. هن جا خيال سٺي مستقبل ۽ سهڻي گهر جا هئا، ۽ ماڻس لاءِ ته هوءَ وري ٻيهر پنهنجي منفرد سٺي پوشاڪ ۾ پنهنجي ساڳي رستي سان پنهنجي پيرن تي بيهي وڃي. ان کان سواءِ سندس پيءُ جي اچڻ لاءِ "خيال" هئا. توڙي اهو هڪ ڏينهن در ۾ ظاهر ٿئي يا اسڪول جي اڱڻ ۾ اچي ته جيئن اهي سڀئي ڪيس ڏسي سگهن. پاڻ انکي ياڪر پائيندي ۽ چوندي "مون کي تنهنجو خط مليو." ايترو ڏاڍيان ته جيئن هرڪو ماڻهو ٻڌي. پوءِ ڪيس ڪو به چيڙائي نه سگهندو ته تون بنا پيءُ جي حرامي ٻار آهين.

مامو روزانو ڪم ڪندو هو. اهو صبح جو ساجهر ئي، جڏهن نديءَ جي مٿان ڪوهيڙو پکڙيل هوندو هو ته گهر مان نڪري ويندو هو. گندي پاڻي جو ڪليل نالو هنن جي گهٽيءَ جي گندگي وهائي انهيءَ نديءَ ۾ وجهندو هو. نديءَ جي چوڌاري نين سرن سان ٺهيل گلن جي باغيچن وارا گهر ٽڪريءَ جي سامهون ڄڻ چنبڙيا پيا هئا. سوڪي پنهجي اسڪول واري رستي کان بيهي ٽڪريءَ جي لاهوندي طرف نهاريندي هئي. اتي رهندڙ ماڻهن کي حسرت سان ڏسندي هئي جيئن اها پاڻ به ڪڏهن رهي هئي.

مامي جي ڪوشش ۽ صفائي ڪرڻ جي باوجود سندن گهر جي ڀتيان سوڙهي گهٽي ڪوئن کان ڪڏهن به واندي ڪانه ٿي. ڊگهن پڇن وارا اهي جانور سندن چانور کائيندا هئا، جيڪي ايندڙ ڏينهن لاءِ رکيل هوندا هئا. ڪوئا بنا خوف جي هر گهر ۾ ڪڏ تي ويندا هئا جو ته ڪوبه ماڻهو انهن جو پيڇو ڪري ڪونه ٿي سگهيو. ڪڏهن ڪڏهن ته سوڪي ننڊ به ڪونه ڪري سگهندي هئي جو ته اهي رات جو سنهڙي ڇت تي راند ڪندا رهندا هئا.

ٽن عورتن جو ڪٽنب مامي کي چنبڙيو رهيو. اهو سوڪيءَ سان گڏ مڊل اسڪول ۾ ان جي ٽئين سال جي داخلا ڪرائڻ لاءِ گڏجي ويو ۽ خرچ ڀريائين: ان نانيءَ لاءِ هڪ گرم صدري خريد ڪري آندي؛ اهو ماڻس کي دوائون آڻي ڏيندو هو ۽ ڪيترائي ڪلاڪ لاڳيتو ان جي ڀرسان ويٺو هوندو هيو.

ناني حسبِ معمول خاموش هوندي هئي. اها ڀاتين لاءِ ڪاڏو تيار ڪرڻ کان سواءِ معمولي ڪمِ ڪم ڪندي هئي. انهيءَ ڪري ڪيس سندس ماضيءَ تي سوچڻ جو گهڻو وقت هوندو هو. بي جان مجسمي وانگر هوءَ فرش تي ويٺي پنهنجي هٿن جي ترين کي گهوريندي هئي.

"ناني،" سوڪيءَ منٿ ڪيس، "مون کي ڪا آکاڻي ٻڌاءِ." پر آکاڻيون سندس دل ۾ ائين سڪي ويون هيون جيئن سندس دل ۾ مستقبل جون تمنائون. صرف هن جا خيال گهمندا رهندا هئا. خوبصورت رنگن واري ماٿريءَ کان، جتي هوءَ خوش گذاريندي هئي، ٽڪريءَ تي جهوپڙين جي جهڳٽن ڏانهن، جتي دنيا جون سڀ تڪليفون سمايل هيون؛ ۽اتان کان عصمت فروشيءَ جي اڏي طرف، جتي ٻاهرين ماڻهن کي مرڪن سان بيوقوف بڻايو ويندو هو. ان کان پوءِ هن ڪمري ڏانهن، جنهن لاءِ ڪيس خبر هئي ته هتان ڪاڏي به وڃي نه سگهندي مگر سندس لاش کي آخري سفر لاءِ ڪنيو ويندو.

"سياڻي جي ڪڪرن کي اڄ جي آسمان تي نه رنگيو." ناني ڪنهن ٻئي سڪن جي ڳولاٽوءَ کي اهو ٻهراڙيءَ جو پهاڪو ضرور ٻڌائي ها؛ پر سندس پنهنجي حياتيءَ جي مٿان هاڻي اونداها ڪڪر ڇانئجي ويا هئا: پراڻا پهاڪا پڻ ڪنهن ڪم جا نه رهيا هئا.

هوءَ سوڪيءَ جي مستقبل لاءِ پڻ پريشان هئي، "مان گهران ٿي جيڪر مونکي خبر هجي ها." هن ٿڌو ساهه کڻندي ايترو آهستي چيو جو سوڪيءَ جي ماءُ ٻڌي نه سگهي. "پر، نه. اهڙيون به شيون آهن جن لاءِ نه ڄاڻڻ سٺو هوندو آهي." ڪراڙيءَ پنهنجي ڏوهٽيءَ کي تقدير جي هٿن ۾ ڇڏيندي مشرقي نموني جو مظاهرو ڪيو. اهوئي سبب هو جو ان آخرڪار نبل جي قسمت کي قبول ڪيو هيو. هن صرف اڪيلي ڏيءُ، جيڪا هڪ گهڙيءَ لاءِ اعليٰ مقام تي پهتي هئي، ڪانه وڃائي هئي.

"ڇاڪاڻ ته،" نانيءَ پنهنجو پاڻ سان مڻ مڻ ڪئي "ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ڪير جبل جي چوٽيءَ تي پهچي وڃي ۽ اتي رهڻ نه گهري ته صرف هڪڙو رستو آهي ۽ اهو صرف هيٺ ترو آهي." ۽ نانيءَ پنهنجي انومان تي ڪنڌ ڌوڻيو.

ان پنهنجي ڏينهن کي سوڪيءَ جي ڏينهن سان پيئيو. ڇوڪري اسڪول کان واپس اچي ڪري جڻ ان مٿان تازي هوا جو جهوٽو آڻيندي هئي ۽ ان کي گهر لاءِ اسڪول جو ڪم ڪندي مشغول ڏسي خوش ٿيندي هئي. پر نانيءَ اهو به نوٽ ڪيو ته ڇوڪري پنهنجين ساين اکين سان خاموش پولار ۾ ڪيتري دير تائين نهاريندي رهندي هئي.

انهيءَ بهار ۾ سوڪيءَ جو ڪلاس ساليانى دوري تي گهمڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ وارو هيو. اهو تمام ڏکو دورو هو جنهن لاءِ ماڻس وٽ پئسا ڪو نه هئا. نه وري مامي وٽ ئي هئا.

"اسان هڪڙي سوني منڊي وڪڻي ٿا سگهون،" ماڻس ڪمزوريءَ مان مشورو ڏنو.

"نه، اسان ائين نٿا ڪري سگهون،" مامو حقيقت پسند هيو چو ته ڪيس خبر

گهڻن ڪيڻ باقائدي ڏسي سگهي.

اها چپر تي ويٺي هئي ۽ پنهنجي ڪلاسين سا گڏ منجهند جي مانيءَ ۾ ٽڏا چانور ۽ سڪل مڇي کائي رهي هئي. هي انهن سان "جابلو سيهڙ" ۽ جنهنگلي گلن "دوراجي" جا گيت ڳائي رهي هئي. هوءَ يونيفارم پاتل پاڻ جهڙن ٻارن سان رلجي وئي هئي ۽ خوش هئي. لڙيءَ رات هن پوئنتي گهر ۾ رهيل ٽن ماڻهن بابت سوچيو، هوءَ انهن کي ياد ڪري رهي هئي، پر صرف انهيءَ ڪري ته هيءَ انهن کي هن سير بابت ڇا ڇا ٻڌائيندي.

جنهن شام جو هوءَ گهر موٽي آئي ته ڪيس سندن گهر واري گهٽي اڳي کان به وڌيڪ گندي نظر پئي آئي. ڇا جڏهن کان هوءَ وئي هئي ته انهيءَ کي صرف ٽي ڏينهن ٿيا هئا؟ وچ ۾ سڄي نيشن دنيا وچايل هئي. سوڪيءَ کي آسرو هيو ته ناني دروازي ۾ سندس آڌر ڀاءُ ڪرڻ لاءِ بيٺي هوندي ڇو ته هوءَ پنهنجن تجربن کي انهيءَ سان ونڊڻ لاءِ بي چين هئي. ناني ۽ ماڻس ڪڏهن به ڪانگجو ڪو نه ويون هيون ۽ ڪيس گمان هو ته مامو به ڪتابن ۾ پڙهيل ڳالهين کان سواءِ پراڻي شهر بابت ڪو ڄاڻندو هوندو.

"ناني، امان، مان واپس اچي وئي آهيان،" هوءَ عام رواج وانگر دروازي تان ئي سڏڻ لڳي. پر جيئن هن کي اميد هئي ائين دروازو ڪو نه کليو. بجاءِ انهيءَ جي هن کي پاڻ ان کي پاسي تي سوڙهو پيو ۽ اونداهي ڪمري ۾ پير رکيائين.

"توهان ٺيڪ ٺاڪ ته آهيو؟" هن تعظيم مان جهڪي چيو پر ڪنهن به جواب ڪو نه ڏنو. ناني پنهنجي گهنجيل منهن کي هٿ ۾ جهليو فرش تي ڳنڍڙي وانگر ويٺي هئي، ۽ ماڻس گاديلي تي ائين ليٽي پئي هئي جيئن هوءَ انهن پوين ڏينهن ۾ پئي هوندي هئي.

"امان،" سوڪي گهبرايل هئي، "ڇا تون ننڊ آهين؟" ماڻس جون اکيون بند هيون. پر ماڻس انهن کي کوليو ڪو نه ۽ نه وري اها چري پري.

"اهو ڇا آهي؟" سوڪيءَ سخت ڏک مان دانهن ڪئي. "ناني مون کي ٻڌاءِ."

پوءِ ناني هڪ گهڙيءَ لاءِ منهن مٿي ڪيو ۽ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هن جو آواز ٽڙڪندڙ ڪانيءَ وانگر ٽٽي پيو ۽ هڪ لفظ به ٻڌڻ ۾ ڪو نه آيو.

"ڇا -- ڇا اها مري وئي آهي، ناني؟" سوڪيءَ اهي لفظ چيا. پرهن پنهنجو پاڻ کي ٻڌايو ته اهو سچ نه آهي ۽ اهڙا لفظ چوڻ سراسر بي وقوفي آهي. "ڇا امان مري وئي آهي؟ اها مون ڏانهن ڏسي به نٿي، ناني ---"

ڪراڙيءَ ڪنڌ لوڏيو ۽ اها گهڙي هن کي ڏکي پئي لڳي. "ها-ئو،" سڀ ڪجهه هيو جيڪو ان جواب ڏنو ۽ سوڪيءَ جي دنيا ڪوماڻجي وئي.

# ١٦

"امان، او، نه!" هن روڄ راڙو ڪيو. "نه-ئن-." آخرڪار جڏهن هن ماءُ جي هٿ کي ڇهڻ جي همت ڪئي، اهو ايترو ته ٿڌو هو جو هن اهڙو ڪڏهن به ڪو نه ڇهيو هو. اهو سچ هو ته هن جي خوبصورت ماءُ فوت ٿي چڪي هئي جيڪا صرف ٽيهه سالن جي عمر جي هئي.

مامو تابوت خريد ڪري موٽي آيو. اهو ماتم ڪندو رهيو هو جنهن سوڪيءَ کي حيران ڪري ڇڏيو. ٿي سگهي ٿو ته اهو امان سان پيار ڪندو هجي؟ بي شڪ، جڏهن هن اهو سوچيو، اهو ڪيترن ڪلاڪن تائين ان جي پرسان پاسي ۾ ويٺو هوندو هو. پيهر پنهنجو پاڻ کي ڏکن جي حوالي ڪندي، سوڪي ان جي هٿن کي پنهنجي وارن ۾ ڦرندو محسوس ڪيو.

"ماڻهين زنده رهڻ کان تمام ٿڪجي وئي هئي،" مامي پنهنجا ڳوڙها اگهندي آهستي چيو. "هائو،" ان ڪنڌ لوڏيو، "تمام ٿڪل."

"پر تو ان کي دوا ڇو نه ڏني؟"

"مون ڏني. هاڻي ٻڌ، سوڪي، تون ڪافي وڏي ٿي وئي آهين ته سچ ڄاڻين. ماڻهين مون کي چيو ته مان ڪيس هر رات ننڊ جون گوريون ڏيندو رهان. مون ائين ڪيو، ۽ اها پيري پيري سان هڪڙي گوري ضرور پاسي تي رکندي وئي هوندي، ڪٿي لڪائيندي وئي هوندي، تان جو ونس ڇگيون گوريون گڏ ٿي ويون. گذريل رات اهي هن سيئي ڳهي ڇڏيون. سوڪي، هوءَ زنده رهڻ کان ڪافي ٿڪجي وئي هئي. هن کي الزام نه ڏجانءِ!"

انهي ڏکهي گفتگوءَ کان پوءِ هن ڪٿي ماٺ ڪئي. جيئن اڄ رات لڙڻ لڳي ته مامي نانيءَ سان گڏجي هن جي ماءُ جي لاش کي تابوت ۾ رکيو، ۽ ڇوڪري سڄي رات روئيندي ۽ روايتي ڏک ڀريا لفظ چوندي رهي، "امان، تون مون کي اهڙين تڪليفن ۾ اڪيلو ڇو ڇڏي وئينءَ؟ مان پنهنجي اسڪول جو سرٽيفڪيٽ ڪنهن کي ڏيکاريندس جڏهن ته تون پنهنجي قبر ۾ رهڻ لاءِ ويندڙ آهين؟"

پرهه ڦٽيءَ جو مامي سوڪيءَ کي چيو: "پنهنجي ماءُ کي خدا حافظ چئه." هوءَ گوڏن ڀر ويٺي ۽ تابوت تي جهڪي وئي. ماڻس جي جسم جي ٿڌاڻ پيهر برداشت ڪرڻ کان وڌيڪ هئي. سڏڪندي هن روايتي انداز ۾ ماءُ کي الوداع ڪيو: "ائين نٿي ٿيندو آهي!" هن جو نراڙ ڀٽ تي لڳو. پوءِ مامي تابوت جو ڍڪ بند ڪيو ۽ ٻاهر ٻاڙيسريءَ کي سڏڻ ويو جنهن کي گذريل رات چئي ڇڏيو هئائين. چڱي معاوضي جي بدلي، اهو ماڻهو ٽڪرين طرف قبرستان ڏي، جتي شهري ماڻهو قبرون خريد ڪندا هئا، تابوت کي ڪڍي وڃڻ لاءِ راضي ٿيو هو. سوڪي ۽ ناني گهر ۾ ئي رهيون، ڇو ته عورتن کي سندن روڄ راڙي ڪرڻ جي عادت ڪري دفنائڻ جي رسم

۾ شريڪ ٿيڻ کو نہ ڏنو ويندو هو. اهو مخلص مامو گڏ ويو ۽ تابوت کي هيڏي هوڏي چرڻ کان روڪڻ لاءِ پنهنجي ٻانهن ان جي چوڌاري ڏيندو ويو. سندس چهري جا تاثرات پڙهڻ ممڪن نہ هو، جيڪو اٿيڻ پئي لڳو، ڄڻ پٿر وانگر سڪي ويو آهي. هٽ گاڏو چرندو ويو ۽ نظر کان غائب ٿي ويو.

اڻ ڪٽ ڪوڪن ۽ دانهن ان ڪمري کي ڀري ڇڏيو، جتي ٻن عورتن کي ڇڏيو ويو هو. هر هڪ ساهہ جيڪو انهن کنيو ٿي ۽ هر هڪ شئي جنهن کي سندن اکين ڏٺو ٿي ان ۾ ڏک هو. اهو سڀ ڪجهہ ماٹس لاءِ هو. انهن مان ڪنهن بہ ڪاڏي جو ڪو نہ سوچيو ۽ سوڪي ٻنهي، سير جي ٿڪاوٽ ۽ ماءُ جي اوچتي وفات جي صدمي ڪري ماندي هئي. هوءَ پَٽَ تي ڪبڙي ٿي ليٽي پئي ۽، ٻاراٹي الڙهڻ ڪري، خوفناڪ يادن کي ٻاهر ڦٽي ڪندي جلد ئي ننڊ پئجي وئي. جيڪڏهن انهيءَ ڏينهن پنهنجي ڊيگهہ پڪڙي تہ اها ناني ئي هئي جنهن گهٽو پورڪيو. اڪيون بند ڪيون هيٺ ليٽيل انهيءَ ڪراڙيءَ جو دماغ خالي ۽ مائوف هو. ٻاهہ بہ وسامي وئي هئي ۽ پٽ بہ ٿلو ٿي ويو هو. هاڻي نانيءَ مان سڀ طاقت هلي وئي هئي.

رات جو مامو واپس آيو. ان کو نہ ٻڌايو تہ دفناڻ جي رسم کان پوءِ هو ڪٽي هو. هن ٻاهہ دکاٽي ۽ چانور پچايا، پر نانيءَ کائڻ کان انڪار ڪيو. سوڪي اجا تائين ستي پئي هئي جڏهن پٽ وري آهستي آهستي گرم ٿيڻ لڳو. مامو اڪيلو ماني کائڻ لاءِ ويٺو جڏهن تہ سندس خيال سرگواسڻ ڏانهن گهمي رهيا هئا جنهن کي هو نبل سڏيندو هو. هن پاڻ کي معمولي بہ ظاهر ڪرڻ کان سواءِ انهيءَ سان پيار ڪرڻ سکيو هو، ۽ هاڻي ڪافي دير ٿي چڪي هئي.

آهستي آهستي سوڪيءَ جا ڏينهن پنهنجي اصلي حالت ڏي موٽڻ لڳا: اسڪول، گهر لاءِ اسڪول جو ڪم ۽ ماڻهن جي بدڪلامي. ماسترياڻي ڪلثوم کان هن کي جيڪي رهنمايون مليون اهي مينهوڳي واري ڏينهن ۾ سج جي ڪرڻن وانگر هيون. هيءَ پراڻي دنيا اڃا ايتري تہ گهٽي ڊيگهاري ٿيڻ واري هئي، جيئن ماڻهن جي دلين تي تعصب، ساڙ ۽ اقربا پروري جهڙا لفظ اڪريل هوندا آهن. انهن سيني سان هن کي پنهنجو پاڻ مقابلو ڪرڻو هو، پر هوءَ هاڻي انهيءَ کي مڃيندي هري وئي هئي تہ هوءَ ئي دنيا ۾ اڪيلي ڇوڪري هئي جيڪا ٻين کان مختلف هئي. پرائيتن اکين ۽ لڏندڙ وارن سان هن نڪرڻ جو ڪو رستو نہ ڏٺو سواءِ، شايد، انهيءَ رستي جي جيڪو ماٹس کنيو.

سوڪيءَ کي، بلڪل، ٻارن جي حقن بابت ڪا بہ ڄاڻ ڪا نہ هئي تہ آيا سمنڊ پار کي ماڻهو پاڻ ۾ گڏجي ويٺا هئا ۽ انهن هن جهڙن ٻارن متعلق ڪاغذن تي ڪجهہ لکيو هو، نہ وري هن کي ڄاڻ هئي تہ ان ڪاغذ تي لکيل جملن مان هڪڙي جملي جو مطلب هو، "هر هڪ ٻار کي ڄمڻ کان وٺي ناليءَ ۽ قوميت جو حق آهي." جيڪو ڪجهہ هن ڄاتو ٿي سو اهو هو تہ هوءَ دنيا جي نظرن ۾ ناجائز ٻار هئي،

جيڪو ماڻهن بغير پڇڻ ۽ غور ڪرڻ جي سهي ڪري ٿي ورتو. بنا سوچ ويچار جي مٿانئس اچلايل سيڻي لفظ سندس دل تي چٽيا پيا هئا جيئن ناني چوندي هئي، ”ترار جو ڦٽ تہ ڇٽي ويندو پر ويڻ جو زخم ڪو نہ ڇٽندو.“ ۽ اها ئي هڪ چوڻي هئي جنهن کي هر هڪ ماڻهوءَ سچ ٿي سمجهيو.

پنهنجين سوچن ۾ ايڏو غرق هوندي، پيءُ جي تصوير هن آڏو اچي بيٺي. بابا! هن ان کي وساري ڇڏيو هو. انهيءَ کي ماڻس بابت ٻڌائڻو هو، پر ڪيئن؟ هڪ رات ڪمري ۾، مامي ڪيس ماڻس واري پيٽي ڏني هئي. هن ان کي اڃا تائين ڪو نہ کوليو هو. ٿي سگهي ٿو ان ۾ بابي جي ايڊريس وارو خط لکيل هجي؟ اهو نہ تہ سوڪي خط وٺندي هئي؛ سچ تہ، هن ڪڏهن بہ هڪڙو بہ نہ ورتو هو، پر اها ٽپاليءَ کي ڏسندي هئي جيڪو گهٽيءَ ۾ پاڙي وارن جا خط کڻي ايندو هو ۽ اهي اتي دروازي تي ئي هڪ ٻئي کي پڙهي ٻڌائيندا هئا. پوسان، ٽوڪيو ۽ ٻين ڪيترين ڏورانهين جاين کان ايندڙ خط جن جاين کي سوڪي نقشي ۾ مشڪل سان ڳولي سگهندي هئي.

سو ائين هو! هوءَ اڄ رات پيٽي کوليندي ۽ ان ۾ اندر ڏسندي. پوءِ هوءَ پيءُ کي خط لکندي ڇو تہ ماڻس تہ سدائين مصروف رهندي هئي. ۽ آخر ۾ تہ زنده رهڻ کان بہ ٿڪل هئي.

پيٽيءَ ۾ زيورن جا ڪجهہ ٽڪرا هئا، ڪجهہ ڪاغذات، پر خط نہ. هن هڪڙي ماڻهوءَ جو رومال لڌو جنهن تي مس سان ڪجهہ نمبر لکيل هئا، ڪوڏن مان ٺهيل هڪ هار ۽ هڪ ننڍڙو نوٽ بوڪ. ناني پنهنجي سمهڻ واري تڏي کان ئي هن کي غور سان ڏٺو. سوڪيءَ جي ماءُ جي موت کان پوءِ تہ هوءَ دائمي بيمار رهڻ لڳي هئي، پهريائين ٽڏ جي شڪايت پوءِ بدن ۾ سور ۽ پوءِ کنگهہ جنهن وچڻ جو نالو ئي نہ ٿي ورتو. وقت بہ وقت اها اوپرن ماڻهن وانگر پڻ ڳالهائيندي هئي ۽ سوڪيءَ کي نبل جي نالي سان سڏيندي هئي جنهن هن کي پريشان ڪري ڇڏيو.

”ناني،“ هن بي خياليءَ مان چيو، ”مان بابي کي خط لکي رهي آهيان.“

ڪراڙيءَ ٿڌو ساهہ کنيو. سندس اکيون شيشن وانگر هيون. پوءِ ان ڪمزور آواز ۾ من من ڪئي، ”غريب ڇوڪري، تنهنجو پيءُ واچوڙي وانگر هليو ويو.“ ۽ ناني پيهر ننڊ پئجي وئي.

جيئن ئي هوءَ پيٽي بند ڪرڻ واري هئي، ڪيس تري ۾ هيٺ ڪاغذ ۾ ويڙهيل ڪا شي لڳي. اهو هڪڙو فوٽو هو. هن بي چينيءَ مان ان کي ٻاهر ڪڍيو. اهو سندس پيءُ هو جيڪو هڪڙي نوجوان ڇوڪريءَ سان هڪڙي باغيچي ۾ بيٺو هو. ها، اهو سندس پيءُ هو. بلڪل ٺيڪ، پر اوچتو ڪيس ماءُ لاءِ غيرت جي لهر ايري جيستائين هن سهي ڪيو تہ اها ڇوڪري ماڻس ئي هئي. نوجوان، گول چهري سان

# ١٧

پوءِ اهو ڊسمبر جو ٽئين ڏينهن هيو، جڏهن ڇوڪرين کي جيڪو ڪمرو ڏنو ويو هو انهيءَ جي اڪيلي دريءَ مان سوڪي سامهون نيرن پهاڙن کي حسرت مان ڏسي رهي هئي. ڪمرو ننڍڙو ۽ هتي هن هوٽل ۾ جيڪي ڇوڪريون ڪم ڪنديون هيون انهن مان ڇهن ڇٽين جي رهڻ لاءِ به ناڪافي هو. پر اهي سيئي اتي هڪ ئي وقت مشڪل سمهنديون هيون. اهو انهيءَ ڪري هوندو هو جو دير سان اچڻ واري هڪ نه ٻي ڇوڪري پنهنجي لاءِ پٽ تي سمهڻ جي جاءِ ڪرڻ لاءِ ضرور ننڊ خراب ڪندي هئي.

هوٽل، سيٽال شهر جي هيٺين طرف هڪ ميرانجهڙي رنگ جي بلڊنگ هئي. ڇوڪريون پنهنجو پاڻ ۾ مالڪياڻيءَ کي "اجوما" چونديون هيون جيڪو ماسيءَ لاءِ هڪ عرف يا لقب هو. انهيءَ وٽ سڀ شيون هيون: چانهه خانو، سينگار جو دوڪان، مساج گهر ۽ هوٽل جيڪو ٻئي طبقي ڪان مٿي هو. آخري طبقي تي، جيڪو ڇهون هو -- اصل ۾ پنجون ڇو ته انهن ڇئن جي نياڳي انگ کي ڳڻپ لاءِ لڪت ۾ ڪو نه آندو هو -- انهيءَ جا سڀ ملازم رهندا هئا.

سوڪي اڃا تائين سيني ڇوڪرين کي ڪو نه سڃاڻندي هئي. انهن مان ڪن کي ته هوءَ گهڻو ڪري هر وقت ڏسندي هئي. چانهه خاني ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪريون، بلڪل، سهڻي ڊريس واريون هيون، سينگار گهر ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرين کي هوءَ سندن چمڪندڙ صدرين ڪري سڃاڻندي هئي ۽ اهي جيڪي مساج گهر ۾ ڪم ڪنديون هيون ڪم ڪان واپسيءَ تي ٻهڪنديون اينديون هيون ۽ ڪين سفيد يونيفارم وارا پاتل ڪپڙا گهنجڙيل ۽ آلا هوندا هئا. سوڪيءَ انهي خيال کي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو ته سندس ذهن ۾ ڪو ٻيو "گهر" سمايل هو. فقط اهو ته جيڪو هڪڙو پٿين اندر هيو ۽ ان جي پٺين ايوان ۾ سهڻو باغيچو رکيل هو. جنهن مهل سندس ذهن ۾ هلڪي سائي رنگ واري ڊريس پاتل هڪ عورت جو خيال ايندو هو، توڻي ڪٽي جو سندس دل "امان" پڪاريندي هئي، هوءَ پاڻ کي ڪنهن ٻي ڳالهه سوچڻ لاءِ مجبور ڪندي هئي.

سوڪيءَ جي ڊيوٽي ڪيس بورچيخاني تائين محدود ڪري ڇڏيو. هوءَ نئين آيل ۽ نا بالغ ٻار هئي جيڪا گراهڪن کي ڏيکاري سگهڻ جهڙي نه هئي. ٻين ڪيترين ئي ڇوڪرين وانگر جيڪي غريب گهراڻن جون هيون، سوڪي اجوما کي گهڻو ڪجهه ڪمائي ڏيندي هئي. ان جو ڪاڏو، سمهڻ جي جاءِ هر شئي. پر، بدلي ۾، اجوما انهن جي مالڪياڻي هئي.

ماءُ لاءِ. ماٺس خوبصورت هوندي هئي، ناني پوڙهي هئي -- تمام پوڙهي. پنهنجي مرڻ ڪان ٽي سال پهرياڻين ان پنهنجي حياتيءَ جو "ڏڻ" ملهايو هيو، جمڻ جو سٺون سال. اهو تڏهن ٿيندو آهي جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي حياتيءَ جو حصو پورو ڪندو آهي ۽ واندڪائيءَ ۾ ويهي گذرندڙ ڏينهن جو مزو ماڻيندو آهي. "حياتيءَ جو ڏڻ،" هن نانيءَ کي اهو شروعاتي ڏينهن ۾ چوندي ٻڌو هو، جڏهن ان ڳالهايو، مطلب "سالن جي موت،" جڏهن قمري سال مطابق حياتيءَ جا پنج ڏهاڪا پورا آهن.

"هڪڙي ڀيري،" نانيءَ بيان ڪيو هو، "ٻڌ ديوتا دنيا جي جانورن کي سڏيو ته اهي ڏانهس اچن ۽ سوڪڙيون وٺن. صرف ٻارهن آيا. ڪوئو، ڪتو، چيتو ۽ نَوَ ٻيا. مهاتما ٻڌ جي مرڻ وقت اهي ساڳيا ٻارهن ان جي رهائش ڏانهن ڊوڙيا. اتي انهن کي سال مان هڪڙي هڪڙي نشانيءَ سان نوازيو ويو."

ناني نانگ جي سال ۾ پيدا ٿي هئي، سوڪيءَ جي ماءُ سوئر جي سال ۾، جڏهن ته سوڪي انهي ساڳي نشاني هيٺ ڄائي هئي جنهن ۾ سندس ناني. انهيءَ جو مطلب هو ته هوءَ عقلمند پيدا ٿي هئي.

"پڪ، مان آهيان،" هن پاڻ سائي يوڳ ڪيو. انهيءَ سال ۾ پيدا ٿيل زال مڙس سان وڏي ڏاهپ سان نباهيندي آهي، يا اها اٺين چوٽي هئي. " پر مون سان شادي ڪير ڪندو، هڪ ناجائز ٻار؟" سندس اسڪول جي ڏينهن وارا طعنا هن تي پنهنجا نشان ڇڏي ويا هئا ۽ سندس اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا.

هيٺ گهٽيءَ ۾ هڪڙو ڪراڙو ماڻهو پنهنجي صبح جي ورزش طور هيڏي هوڏي پسار ڪري رهيو هو. ان سوڪيءَ کي مامي جي ياد ڏياري ڇڏي. هن جو پيارو مامو جيڪو هن تي ڪيڏو مهربان هوندو هو. سوڪيءَ ٿڌو ساهه کنيو.

گهڻو اڳ هڪڙي صبح جو، جڏهن هن محسوس ڪيو ته هو واپس اچڻ وارو نه هيو، هن در بند ڪيو هو ۽ گهر ڇڏيو هو. اها پن ڇڻ جي موسم هئي، پر سندس گهٽيءَ ۾ وڻ ڪو نه هيا جو موسم جو رنگ ظاهر ڪن ها. هوءَ ڪجهه گهڙيون بي مقصد گهمندي ڦرندي رهي هئي. سندس اسڪول جي پٺيان واريون گهٽيون اڻ ڇاتل هيون. "هن جو پراڻو اسڪول،" هن درست ڪيو، ڇو ته اڳتي پڙهڻ لاءِ وٽس پئسا ڪو نه هئا. مڊل اسڪول ۾ اهو ضرور هن جو آخري ٽرم ٿئي ها.

آخر ۾ سوڪي هڪڙي وڏي مارڪيٽ وٽ آئي هئي. اها ضرور مامي واري مارڪيٽ هوندي، هن سوچو هيو. ساجهرئي واپاري ڏنڌي ڏاڙي لاءِ ٽولن جي شڪل ۾ بيٺل هئا ۽ ڏينهن جي اگهن لاءِ پاڻ ۾ بحث ڪري رهيا هئا. بک، ۽ صرف بک، سوڪيءَ کي اتي وٺي آئي هئي. اها هڪڙي واٺهڙو عورت آڏو بيٺي جيڪا ڪيڪ وڪڻي رهي هئي.

"مهربان، مان هڪڙو ڪانئي تي سگهان؟"
مائي هن ڏانهن نهاريو، "ڇوڪري تو وٽ پئسا آهن؟"
سوڪيءَ انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.
"پوءِ، پري پيچ." مائي مُڙي ۽ هوڪو ڏيندي هلي وئي.
آخرڪار سوڪي ايترو تہ بکايل هئي جو ڪيس خبر نہ ٿي لڳي تہ ڇا ڪري. اوچتو هن پاڻ کي صوفن سان ڀريل پيتي آڏو ڏٺو. هن پنهنجي چوڌاري نظر ڊوڙائي. نہ، ڪو بہ ماڻهو ڪيس ڏسي ڪو نہ رهيو هو. هن جهٽ هٽي هڪ صوف کنيو ۽ ان کي پنهنجي چولي هيٺان لڪايو. پوءِ هوءِ مارڪيٽ کان پري ڀڄي وئي هئي ۽ موٽي گهر آئي هئي.
ڀيڪڙيل درجي ڀنيان هن صوف کاڌو. صرف ان وقت جنهن مهل اهو ختم ٿيو ڪيس احساس ٿيو تہ هن ڇا ڪيو هو. هن ڪنهن ٻئي جي چوري ڪئي هئي. چوري! اها هڪ چور هئي!! ناني ڇا چوي ها؟ ٿي سگهي ٿو تہ ڪورياڻي چوٽي جيڪا ناني بيان ڪندي هئي جيڪڏهن اها ڪيس ياد آئي هوندي تہ انهيءَ ڪيس تسلي ڏني هجي، "تن ڏينهن جي بک هڪڙي چوريءَ کي جائز قرار ڏئي ٿي." ٿي سگهي ٿو.
اهو صوف ئي هو جيڪو ان ڏينهن سوڪيءَ کاڌو ۽ هڪ ڀيرو هن پنڻ شروع ڪيو هو، هاڻي بي ڪابہ تمنا ڪونہ هئي. متاري ڇوڪري ڦڪي ۽ ڪمزور ٿي وئي هئي ۽ مٽيءَ ۾ گدلي ۽ صفائيءَ کان بي نياز هئي. ڏکيا ڏينهن اينگهندا ويا. حقيقت ۾، اهو وقت هو جڏهن هن جو واسطو صرف کاڌي جي ڳولا ڪرڻ هو.
هڪڙي ڏينهن سوڪي گهر آئي ۽ ڏٺو تہ هڪڙي عورت هن جي ڪمري ۾ انتظار ڪري رهي هئي. ان کي ڪارو ڪوٽ ۽ عينڪ پاتل هئي ۽ ان ٻڌايو تہ ڪيس "جيڪا آفيس ٻارن جي سنڀال ڪندي آهي." تن موڪليو آهي. جڏهن تہ سوڪيءَ وٽ زندگي گذارڻ جو رستو ڪونہ هو، سوڪيءَ کي ان سان يتيم گهر وڃڻو ئي هو.
"پر ماموا" سوڪيءَ آهستي چيو، "اهو ڇا سوچيندو جيڪڏهن اهو واپس اچي ٿو وڃي؟"
"ڪير مامو؟"
پوءِ سوڪيءَ ان کي سڀ ڪجهہ ٻڌايو، پر پٽس بابت ڪونہ ٻڌايائين جيڪو هنن مصيبتن ۾ سندس ذهن ۾ مرجهائجي ويو هو. عورت وٽ هڪڙو ڪتاب هو جنهن ۾ ان هن بابت ڪجهہ لکيو. پڇاڙيءَ ۾ سوڪي ڪجهہ بہ نہ ٿي ڪري سگهي سواءِ ان سان گڏ وڃڻ جي، توڻي ڪٿي جو ان کي ڪوبہ اندازو ڪونہ هو تہ يتيم گهر ڪهڙو ٿيندو آهي.

# ۱۸

"اي، سوڪي، تون ڪٿي آهين؟"

"او،" سوڪيءَ ٽٽو ساهہ کنيو. "وري سورن جو ڏينهن شروع ٿيو."

"س - و - و - ڪ - ي!"

"هائو، مان اچان پئي." هوٽل جو ڪاروبار وري هل هنگامي سان شروع ٿيڻ وارو هو. هوءَ ٽڏ ۾ ڏڪندي بي دليءَ سان ڇت تان هيٺ لهي وئي.

"هاڻي تنهنجو وارو آهي تہ اسان کي گرم پاڻي آڻي ڏي. ياد ڪر؟" اني نڌاڪڙي هئي. "ڪالهہ اهو مون ڪيو هيو."

"مان شرمندي آهيان،" سوڪيءَ جواب ڏنو. "مون کان بلڪل وسري ويو هو."

"ڇا تون مٿي وري خيال پچائي رهي هئينءَ؟" انيءَ بيزاريءَ مان چيو. "بي وقوف ڇوڪري!" اهو بلڪل نفرت سان چيو ويو هو ڇو تہ هوءَ پنهنجي اگهاڙي کلهي کي کنهي بہ رهي هئي.

رڌڻو پهرين منزل تي هو. ان جون پٿيون سيمنٽ جون هيون ۽ اهو هڪڙو ڏاڪو هيٺ ڻاهيو ويو هو. هڪڙي پاسي چلهہ سڄو پاسو والاريو هو. بجريءَ جي بينچ وانگر ٺهيل،انهي کي ڪوئلن جي چار ڪيرائڻ لاءِ چار سوراخ هئا. ڪوئلو رات ڏينهن پاڻيءَ کي گرم رکندو هو، پر ڏپ سوڪيءَ کي بيمار ڪري وڌو. هوءَ ڪڏهن بہ انهيءَ جي عادي نہ ٿي سگهي، نہ وري رڌڻي جي ٿي.

جيڪڏهن هوءَ غريب ڇوڪري ٿي پلجي ها تہ انهي رڌڻي ۾ سٺو ڪم ڪري سگهي ها. پر سوڪي جيستائين هتي آئي، هن پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾ ڪڏهن خالي باهہ بہ نہ ٻاري هئي. جڏهن ماڻس جيئري هئي تہ "ڇوڪريون" اهو ڪم ڪنديون هيون. سوڪي اڳ ۾ رڳو ڇانور بہ ڪين ڇونديا هئا. اهوئي سبب هو جو هن جي پهرين واري تي پاڻيءَ سان ڪيترائي داڻا هارڻ ڪري ٻيون هن تي ڪليون هيون ۽ اجوما هن کي ڇڙٻون ڏنيون هيون. جڏهن اها ٻوڙ لاءِ موريون چلي رهي هئي تہ هن پاڻ کي هڏيءَ تائين ڪپي وڌو. هن جيڪي ڪجهہ بہ ٿي ڪيو غلط ٿي ڪيو.

"موڳي وڏي نڪ واري،" عمومن هن کي سڏيو ويندو هو. "توهان هن ويچاريءَ مان وڏيڪ کهڙي اميد رکي ٿيون سگهو؟"

سوڪي پاڻي ڀري آئي ۽ ڪوريا جي روايتي نيرن تيار ڪرائڻ لاءِ ڀاڄيون وڍڻ شروع ڪيائين. هن ٻين جي بد اخلاقيءَ واري بڪواس کان پنهنجا ڪن بند ڪري ڇڏيا. "او، الا-- مان ٿڪل آهيان!" هڪڙيءَ چيو ٿي. "ٿڪل؟" جواب آيو. "تنهنجو مطلب آهي تہ تون ٿڪل آهين؟"

ڪڏهن ڪو ٻاهريون جوڙو ٻارن کي ڏسڻ ايندو هو. پوءِ اوچتو ئي اوچتو، هڪ ٻار غائب ٿي ٿي ويو.

"اهو ڪاڏي ويو؟" سوڪيءَ پڇا ڪئي.

"اهو 'فرزندي' ۾ ويو، هڪ ماءُ پيءُ ملي ويس." جواب هوندو هو. گهر ۾ هڪ ٻن ڏينهن لاءِ اداسي ڇانئجي ويندي هئي، جڏهن ٻيا ٻار ان خوش نصيب سان ريس ڪندا هئا، پر جلدئي اهي ان کي وساري پنهنجي روزمره جي دستور کي لڳي ٿي ويا. سوڪيءَ لاءِ، جيڪا پنهنجي نرم گاديلن جي هيراڪ هئي، هن وڏي ڪمري ۾ راتيون ڏکيون هيون. ٻن ڇوڪرين جي سس پس مان هڪڙي شام، سوڪيءَ کي خبر لڳي ته گهڻن ٻارن کي پيءُ ماءُ ڇڏي ڏنو هو. ڪجهه يتيم هئا ۽ ٻيا پنهنجي مائرن جي ٻي شاديءَ ۾ رنڊڪ ٿي ويا هئا ان ڪري هتي هن گهر ۾ رهايا ويا هئا.

مون کي تعجب آهي، انهن کي ٻڌندي سوڪيءَ سوچيو ته پيءُ جو هجڻ ڪيئن ٿو سوچجي؟

پر اتي هن جي رهائش دوران ٿي ڳالهيون ٿيون، تمام اهم ٿي ڳالهيون. هڪ ڏينهن- هن کي اتي هڪ سال ٿي ويو هو-- آمريڪي عورتن جو هڪ ٽولو مٺايون ۽ سوڪڙيون ڪٺي اچي پهتو. سوڪي هميشه وانگر پوئتي بيٺي هئي جيستائين، اوچتو، عورتن مان هڪڙيءَ ان ڏي اشارو ڪيو.

"اها ڪوريائي آهي ؟" ان پڇيو.

"نه،" اوموني تڪڙو جواب ڏنو، "اها به انهن مان هڪڙي آهي، توهان کي خبر آهي، جيڪي نسلن جي ملاوٽ وارا ٻار آهن."

"اي!" ان عورت سوڪيءَ ڏانهن هٿ لوڏيو! ۽ نهايت گرم جوشيءَ مان مرڪي، جو هيءُ اچ به ان کي محسوس ڪري سگهندي جي هيءُ پنهنجون اکيون بند ڪري. "هيڏانهن اچ!"

انهيءَ ملاقات سوڪيءَ لاءِ گهڻيون ڳالهيون تبديل ڪري ڇڏيون. جڏهن هوءَ ٻاجيون ڪٺڻ ويئي، هن پنهنجو پاڻ کي چيو ته هن کي بيزار ٿيڻ ڪري شرم اچڻ گهرجي. ڇا ان عورت مدد نه ڪئي هئي. ٻهريائين پنهنجي پڙهائي ختم ڪر ۽ اهو هڪ معجزو هو.

"هوءَ اسڪول ويندي آهي؟" عورت ان ڏينهن پڇيو هو.

"نه – مئڊم " اوموني پنهنجو مٿو هيٺ جهڪايو هو. "اسان هن کي اسڪول موڪلي خرچ پري نٿا سگهون."

"اها ڪهڙي ڪلاس ۾ ٿي سگهي ٿي؟"

اوموني سوڪيءَ ڏانهن مڙي چيو "تون پڙهائي ڪڏهن ختم ڪئي؟"

" مون پڙهائي ختم نہ ڪئي. مامي وٽ پئسا ڪونہ هئا. منهنجو رڳو ٻہ سال باقي هو."

سوڪي ان عورت جي نهايت شڪر گذار هئي، جنهنجو نالو مسز اينڊرسن هو، ان جي ساهيڙين لاءِ جن گهر موٽي اچي اسڪول جي آخري سال لاءِ پئسا گڏ ڪيا. ان تي ڪافي پئسا خرچ ٿيا هوندا. سوڪيءَ کي چڱيءَ طرح خبر هئي. پڙهائي ، يونيفارم ۽ ڪتابن جو خرچ ۽ انهيءَ سال دوران مسزاينڊرسن اڪثر سوڪيءَ کي ڏسڻ ايندي هئي. پوءِ وري ٻي هڪڙي ڳالهہ ٿي هئي.جيڪا هن لاءِ پڻ سيني ڳالهين کان وڌيڪ هئي. جڏهن اسڪول شروع ٿيا، داخلا وارو پراڻو سوال وري اڀري آيو هو. مسزاينڊرسن ان بابت ذرو بہ سمجهي نہ سگهي هئي. "ڇا جي داخلا؟"

"مسئلو توهان کي خبر هجي تہ، مان هڪ-" سوڪيءَ چڱي طرح ياد ڪيو جيڪو هن کي پهريون ڀيرو سڏيو ويو هو، "مان هڪ بغير پيءُ واري آهيان."

"هڪ بغير - ڇا ؟"

"مان ڪنهن جي بہ نہ آهيان. منهنجو پيءُ مونکي ڇڏي ويو ۽ جيڪڏهن توکي ڪو پيءُ نہ آهي، توکي ڪو بہ نالو نہ آهي ۽ -" ڇا اهو سمجهڻ ايترو ڏکيو هو.

ڏاهپ سان مسز اينڊرسن معلوم ڪرڻ شروع ڪيو. ڇا جي ضرورت هئي؟ ڪاغذات؟ صحيون؟ ضمانت؟

ڇاڪاڻ تہ سوڪيءَ جو ڪو زنده مائٽ ڪو نہ هو، ٻئي، اوموني ۽ اها عورت بي وس هيون. پوءِ سوڪي مامي بابت سوچڻ لڳي.

" مون کي مامو آهي،" هن بي چينيءَ مان چيو .

"سوڪي، پڪ؟"

"هون -"

"اهو ڪٿي ٿو رهي؟"

"مون کي خبر نہ آهي. ٻهراڙيءَ ۾."

"ٻهراڙيءَ ۾؟ واقعي!"

"ها،" سوڪيءَ جواب ڏنو ۽ ٻهراڙيءَ لاءِ سوچڻ لڳي جيڪا هن هڪ ڀيرو ڏٺي هئي. ڇا اهو اتي هيو؟ جيڪڏهن مامو جيئرو هيو، اهو انهيءَ وقت واپس ڇو نہ آيو هيو؟

مسز اينڊرسن ننڍڙي نوٽ بوڪ ۾ ڪجهہ لکيو." مان ڪوشش ڪنديس ،" ان واعدو ڪيو، "هر شيءِ ڳولي لهڻ لاءِ." هُن پنهنجي هيٺين چپ ۾ چڪ هنيو ۽ تڪليف محسوس ڪيائين.

پر هن ڪلارڪ جي پاسي ۾ سلامتي محسوس ڪئي توڙي ڪٿي جو اهو هن سان ڳالهائي ڪين رهيو هو. هن پيري ڀرواڙي ڇا جي ڪري خوبصورت هئي؟ سوڪي بغير سهي ڪرڻ جي ته هن جون پنهنجون اميدون ڪيتريون ننڍيون هيون، هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو.

بس هڪڙي اڏي تي پهتي. سوڪي فارم واري گهر کي سجاڻي ورتو ته اهو بلڪل ساڳيو آهي.

"اهو هتي آهي." هن اشارو ڪيو. "اهو گهر هتي آهي."

فارم وارو گهر به خوبصورت ٿي ڏسڻ ۾ آيو. ڪڪائين ڇت کي بدلاڻي لوهي لڳائي وئي هئي، جهنگلي جي به مرمت ڪئي وئي هئي ۽ ڳئون کي پڻ نئين نهيل وٺاڻ جي هيٺان اجهو مليو هو.

پيو پيرو، سوڪيءَ انهي ڀرواڙيءَ جي ڪبڙي عورت کي رڏٽي جي در مان ظاهر ٿيندي ڏٺو. هن ڪلارڪ کي سلام ڪيو ۽، چاڪاڻ ته سوڪي به ان سان گڏ هئي، هن کي پڻ آڌر ڀاءُ مليو، جنهن جي هن کي ڪڏهن به اميد نه هئي. گهر وارن کي ٻڌايل هو ته سوڪي اچڻ واري هئي ۽ اهي هن جو انتظار ڪري رهيا هئا.

"اهو هتي اندر آهي." عورت چيو جنهن جو مطلب مامو هو. هن دروازو کولي پري ڪيو ۽ چيو، "مهربان، اندر اچو!"

# ٢٠

خاص ڪري انهي ڏينهن هوٽل ۾ سوڪيءَ جو ڪم ڏکيرو هو. هن کي ماني کائڻ لاءِ به وقت مشڪل سان بچيو. هال مهمانن سان ڀريل هو، جيڪي ماني گهري رهيا هئا: ماني، ماني، ماني. سوڪيءَ ٿانون ۾ گرم چانور ۽ ٺهڪندڙ ڀاڄي پئي ڀريو جيڪي ننڍڙين ٽرئين تي رکي مهمانن جي ڪمري ڏانهن ڪنيون ٿي ويون. ڇا اهو سڀ ڪجهه هو ته زندگي گذري پئي؟

هڪ ڀيرو وري هن جون سوچون پنيان يتيم گهر ڏانهن لڙهي ويون- هن پنهنجي حياتيءَ جي انهي وقت تي نه سوچڻ کي فوقيت ڏني. جيڪا ٽين اهم ڳالهه هن سان ٿي هئي اها سندس ذهن تي تري آئي: گذريل بهار جي موسم ۾ هڪڙي شام جو جڏهن هوءَ اسڪول کان آهستي آهستي يتيم گهر وڃي رهي هئي ته هن لاءِ هڪ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه ظاهر ٿي هئي. موسم ڏاڍي وڻندڙ هئي. وڻندڙ هير گهٽيءَ ۾ بيٺل بيد جي وڻن سان ڪيڏي رهي هئي. وڻن کي اڃ نئي هلڪي ساوڪ هئي. هن گهٽيءَ سان گهرن جي هڪڙي ئي قطار کان اڳتي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. اهو هن لاءِ خوشيءَ جو سبب هو جو هوءَ اوپرن علائقن ۾ ڪڏهن ڪڏهن داخل ٿيندي هئي. گهٽيون هر هنڌ هر لحاظ کان ساڳيون هيون- گنديون ۽ ماڻهن سان ڀريل ۽ هن ڌرتيءَ تي سڀني شين کان وڌيڪ هوءَ ماڻهن کان گهٽو ڊنل هئي. پر اڄ بهار آيو هو.

هڪڙي پٽ سان لڳ هڪڙو ڇيڳرو ڇوڪرو گوڏا اٻا ڪيو ويٺو هو ۽ ان ئي وقت گراهڪ کان واندو ٿي ان ڏانهن سڪو اڇلايو هئائين. ڇوڪري کي هڪڙي ڦاٽل صدري پاتل هئي ۽ ان جون آڱريون ڪم ڪرڻ ڪري گنديون هيون.

غريب ڇوڪرو، سوڪيءَ جو پهريون رد عمل هو، ويچارو الاهي ڪٿي رهندو آهي.

ان جي ٽوپيءَ هيٺان وار وڻندڙ رنگ جا لڳي رهيا هئا. جيئن ئي سوڪي اتان لنگهي ته ان ڇوڪري ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ هن ڏي نهاريائين. اهڙيون اکيون! هوءَ ڇرڪي وئي. اهي عجيب هيون! اهي هن جي اکين جهڙيون هيون! ۽ هن جا وار پڻ!

جڏهن ڇوڪري ڳالهايو ته سوڪي هڪدم بيهي وئي، "اي، ڀيڻ!"

جڏهن سوڪيءَ ڪو به جواب ڪو نه ڏنو، ڇو ته اها گم سم لڳي پئي هئي، هو زور سان ڪليو هو.

"ڇا تون گونگي ۽ ٻوڙي پڻ آهين؟"

انهيءَ شام جو سوڪيءَ کي خبر لڳي ته ملڪ ۾ هن جهڙا ڪيترائي ٻار هئا.
"ڪيترائي هزار" ان ٻڌايس.
"هزارين؟"
"بلڪل."
"پوءِ، اهو ڪيئن ٿيو جو هن کان اڳ ۾ مان ڪنهن سان به ڪو نه ملي سگهيس؟"
"مون کي ڪهڙي خبر؟ ٿي سگهي ٿو انهيءَ ڪري جو تون هڪ خوش قسمت هئينءَ. مان سدائين گهڻين ۾ رهندو آيو آهيان." نئين گراهڪ جي اچڻ ڪري انهن جي ڳالهائڻ ۾ رخنو پيو.
ڇوڪرو، جيڪو پاڻ کي "برو" چوندو هو، هڪ ڏينهن اسڪول کان پوءِ هن کي پنهنجي جاءِ تي وٺي ويو هو. سوڪي شهر جي هيٺاهين سوڙهين گهٽين مان لنگهندي ڏکيائي پئي محسوس ڪئي. هو هڪ پراڻي بلڊنگ جي ٽين ماڙيءَ جي ڪمري ۾ رهندو هو. هن کي هڪ ڪمزور ڏاڪڻ تان مٿي چڙهڻو پيو هو. بروءَ دروازي تي ٽي ڀيرا ٺڪ ٺڪ ڪئي، پوءِ ٿورو بيهي، ٻه ڀيرا ٻيهر ڪڙڪائين.
"تون ائين ڇو پيو ڪرين؟"
"اهو اسان جو مخصوص اشارو آهي."
سوڪيءَ جي ٿي عمر جي هڪ ڇوڪريءَ دروازو کوليو. بروءَ ان سان ڪجهه سس پس ڪئي ۽ نئين ايندڙ ڏانهن اشارو ڪيائين.
"ٺيڪ آهي،" ڇوڪريءَ ڪنڌ لوڏيو ۽ انهن کي اندر اچڻ ڏنائين.
سوڪيءَ لاءِ اهو خواب وانگر هو. اونداهي ٿيڻ کان پهريائين هوءَ انهن سيني پنجن ٻي سان ملي وٺي هئي. اهي اهڙي ماحول ۾ ٿي رهيا جو هوءَ پنهنجي تصور ۾ به سوچي نٿي سگهي. اهي ڏڪاريل هئا ۽ زندگيءَ کان سخت مايوس هئا. ڇوڪرين مان هڪڙي ڪلب ۾ ڳائيندي هئي ۽ آواز گهگو هئس.
"مون کي گهڻو جلدي وڃڻو آهي،" سوڪيءَ بروءَ کي چيو. هن سوچيو ته هوءَ بچاءَ خاطر ان ڏي ويجهڙو ٿي وئي هئي.
"نه، اچا نه." ٻيو ڇوڪرو، جيڪو ٿلهو متارو هو، هيٺ دروازي آڏو ويهي رهيو. "ادي، هاڻي نه."
سوڪي هاڻي پريشان هئي. انهن هن کان هر قسم جا سوال پڇيا هئا ۽، انهيءَ کان اڳ ۾ هن سمجهيو ٿي، هن پنهنجي سڄي ڪهاڻي ورجائي هئي. گهڻو ڪري هر هڪ شئي. پر اها پنهنجي پيءُ بابت احساس ٻڌائڻ لاءِ پاڻ کي آماده ڪري نه سگهي. هن جي ذهن مان ان جي تصوير گم ٿي وئي هئي؛ شروع ۾، ٻڪ ۽ پنڻ

جي ڪري. راتين جو اڪثر هن ڏانهون ڪيون هيون، "او، بابا (اهو لفظ هن کي چوڻ پيارو لڳندو هو) جيڪڏهن تو کي خبر هجي ها تہ تون مون کي ڪڏهن بہ ائين ڪرڻ نہ ڇڏين ها؟" يوءِ يتيم گهر ۾، چند ٻارن پنهنجي پيئرن جو واضع طور ذڪر ڪيو. سوڪي ٻڌو هو تہ ڪيترن جا پيءُ ماءُ هئا. اهي آچر جي ڏينهن تي پنهنجي مائٽن کي ڏسڻ بہ ويندا هئا. پورو سال مسز اينڊرسن سوڪيءَ جي ذهن تي ڇانئي رهي ۽ پٽس جو تصور پنتي ڌڪجي ويو هو.

هاڻي هي پنج ئي ٻار هن کان ساڳيا ئي سوال پڇي رهيا هئا جيڪي پرائمري اسڪول ۾ مريم پڇندي هئي.

"تو ان کي ڏٺو آهي؟ ڇا تو کي پنهنجي ماءُ ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ ڇا ان ڪنهن آمريڪي فوجيءَ سان شادي ڪئي هئي؟"

سوڪي گهبرائجي وئي.

"اهو سڀ اسان جي پيئرن جو قصور آهي." ڳائڻي ڇوڪريءَ ڦوڪ ڏني. "ڇا اسين هتي ويهون ها جي اهو اسان جي سنڀال ڪري ها؟ مان ان سان سخت نفرت ٿي ڪريان، جيڪڏهن اهو هتي اچي وڃي تہ مان ان جي ٽڙي ڪهڻي ڇڏيان."

"ڇا؟" سوڪي ڏڪي وئي. "پنهنجي پيءُ کي مارينديءَ؟"

"بلڪل! ان منهنجي لاءِ ڇا ڪيو آهي، سواءِ بدحاليءَ جي؟"

"انهيءَ جي باوجود تون ڇا آهين؟" در رٽ وينٽل ڇوڪريءَ پڇيس. "هڪ ابوجهہ ڇوڪري جيڪا ڪجهہ بہ نٿي ڄاڻي؟ هر حون اڪيون سوڪيءَ سان مليو ويون. "ڇا! تون محلاتن ۾ رهندي پئي آئي آهين؟" هو سوڪيءَ تان ڪلڻ لڳا تان جو هوءَ وڏيڪ ڊڄي وئي؛ يوءِ ڪيس اقرار ڪرڻ جو خيال ٿيو، ۽ اهو بہ پاڻ جهڙن جي وچ ۾.

اونداهي ٿي وئي هئي، پر هن اڃا بہ ڇاهيو پئي تہ هوءَ ڳالهائيندي رهي. سوڪي سمجهي ويئي تہ خاص طور تي ٻئي ڇوڪريون سندس بي داغ حياتيءَ تي سڙيون ٿي. انهن جون پنهنجون زندگيون سخت ٿي ويون هيون، زنده رهڻ لاءِ ڏينهون ڏينهن مايوس ڪندڙ ڪوشش ڪري. انهن ڪيس ٻڌايو تہ هو گڏجي رهندا آهن ۽ هر هڪ شئي پاڻ ۾ ورهائيندا آهن، ائين ڇوندي انهن هڪ ٻئي کي اڪيون هنيون. سوڪي سمجهي نہ سگهي پر ڪين خوش ڪرڻ لاءِ رڳو ڪنڌ لوڏيائين. هي ٻاڙا هن لاءِ اوپرا هئا.

"مون کي وڃڻو آهي، " هن بروءَ سان سس پس ڪئي جيڪو ٻين کان نرم دل ٿي لڳو. انهن هن کي رهڻ لاءِ زور پريو. "ائين ٿي ڇوڪريون ٿي وينديون؛" هڪڙو ڪليو. "اسان کي پڪ آهي تہ هڪڙيءَ وڏيڪ کي استعمال ڪري سگهندا سين."

ڏکيا هئا. هوءَ اونداهيءَ ۾ اڪثر روئيندي رهندي هئي، حالانڪ رات جو هي ڳتيل ڪوٺي، ٻارن جي سمهڻ، ڪونگهرا هڻڻ، چنگهڻ ۽ ڏند ڪرٽڻ ڪري وڄندي رهندي هئي.

اهو ڄاڻيندي ته اتي هن جهڙا ٻيا به ڪيترائي آهن، هن هڪڙي ڀيري اومونيءَ کان پڇڻ جي همت ڪئي هئي.

"هائو،" هن جواب ڏنو هو، "اتي ڪيترائي آهن. ڪن کي مان به سڃاڻندي آهيان."

"ڇا اهي-- ڇا اهي سڀ خطرناڪ آهن؟" سوڪيءَ جو اکيون سدائين کان وڏيون ٿي لڳيون.

"خراب؟ او، نه، ڪيترائي سٺا شاگرد آهن."

"اهي ڪٿي رهندا آهن؟"

"مختلف جاين تي. ڪي پنهنجين مائرن سان." (سوڪيءَ سوچيو، جيئن مان اڳ ۾ رهندي هيس).

"۽ ڪيترا نانين سان،" سوڪيءَ پنهنجون اکيون بند ڪيون ۽ نانيءَ کي ايترو چٽو ۽ ويجهڙو محسوس ڪيائين جو ذري گهٽ هن پنهنجو هٿ وڌائي ان کي ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي.

"يا ڀڳهار دار داين وٽ، يا -- اٿين، سوڪي، مختلف جاين تي. هاڻي وڃ ۽ پنهنجو گهر لاءِ اسڪول جو ڪم ڪر." اوموني پٽ تان هڪ ڪريل جوراب کنيو، "هئي -- هي لاپرواهه ٻارا"

پر جيئن هيءَ هلي ته هوءَ سوڪيءَ ڏانهن هڪ ڀيرو وري مڙي: "هنن مان ڪي رولاڪ آهن. سٺو آهي ته تون انهن کان پاسو ڪرين."

هن سوڪيءَ لاءِ گهٽيون ڳالهيون واضح ڪيون. اهي جن سان ملي هئي سي بي شڪ آخري درجي وارا هئا. "ڪي،" اومونيءَ ٻڌايو هيس. هائو، هيءَ انهن کان ضرور گوشو ڪندي.

سوڪي يتيم گهر ۾ ٻن سالن کان ٿورو مٿي رهي هئي جڏهن هڪ ڏينهن انچارج هن کي پنهنجي آفيس ۾ گهرايو هو. جڏهن کان مسز اينڊرسن آمريڪا هلي وئي هئي، ٻارن لاءِ ڪنهن به ان جي جاءِ ڪو نه والاري هئي. جڏهن سوڪي اندر داخل ٿي "اها" چانهه پي رهي هئي.

"تون هاڻي سترهن سالن جي ٿي وئي آهين،" هن چيو هيس.

"هائو، مئڊم."

"۽ مڊل اسڪول به پاس ڪيو اٿئي؟"

جنهن تي سوڪي ڪنڌ لوڏيو هو.

"توکي هتي هن گهر ۾ انهن ٻن سالن لاءِ ٽورانٽو هجڻ گهرجي."

"مان توهان جي شڪر گذار آهيان."

"ٺيڪ، سوهاڻي اسان تنهنجي هاءِ اسڪول جو خرچ برداشت ڪري ڪو نه سگهنداسين، ان ڪري مون تنهنجي لاءِ پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ وٽ نوڪريءَ جو بندوبست ڪيو آهي. هڪڙي هوٽل ۾. تون سياڻي ڪان ڪم شروع ڪندينءَ."

"سياڻي؟"

"هائو، اومونى، يا ڪو ٻيو، توکي اتي وٺي ويندو. ٺيڪ، تو سمجهيو؟"

سوڪيءَ ٻيهر ڪنڌ لوڏيو هيو، ڇو ته اهوئي سڀ ڪجهه هيو جيڪو هوءَ ڪري ٿي سگهي. پوءِ هوءَ ٽڪڙي ٻاهر نڪري وٺي هئي.

انهيءَ رات هوءَ ڪافي دير تائين روئندي رهي هئي تانجو سندس ڳوڙها به سڪي ويا هئا. هن پنهنجون چند شيون رومال ۾ ڪنيون ڪيون هيون. پنهنجا اسڪول جا پراڻا ڪتاب پڻ. پوءِ هن اها جاءِ لڌي جتي هن ڪتاب جي ٻن پنن جي وچ ۾ پيءُ جو فوٽو احتياط سان رکيو هو.

ٻار ستا پيا هئا. "جيڪڏهن تون امان کي ڇڏي نه وڃين ها،" توٽي ڪٽي جو سوڪيءَ چاهيو ته رڙيون ڪري پر هن آهستي چيو. "هاڻي مون کي انهيءَ هوٽل ۾ وڃڻو نه پوي ها. تون -- تون." ڇوڻ لاءِ ڪي لفظ هيا جن لاءِ هن سوچيو پر نانيءَ هن کي سمجهايو هو ته اهڙا لفظ ڇوڻ نه گهرجن. "مان توسان تنهنجي ملڪ ۾ رهي سگهان ها ۽ امان پڻ جئري رهڻ کان ٽڪجي نه پوي ها. اهو سڀ تنهنجو قصور آهي. مان توسان نفرت ٿي ڪريان --- مان توسان نفرت ٿي ڪريان --- مان ---"

سوڪيءَ تصوير کنئي ۽ ان کي ڦاڙي ٽڪڙا ٽڪڙا ڪري ڇڏيو. انهيءَ عمل کيس ڪجهه آٿت ڏني. ان ماڻهوءَ جو چهرو ٻن حصن ۾ ڪنجي ويو، ڇٺن ۾، ۽ پوءِ ايترن ٽڪڙن ۾ جو هوءَ انهن کي ڳڻي نه ٿي سگهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو يتيم گهر جي هڪ عورت هن کي هوٽل ڏانهن وٺي وئي هئي.

# ٢١

سيارو آهستي آهستي بهار ۾ تبديل ٿي ويو. ڪانگ باڪ جي گهر ڏانهن سوڪيءَ غور ڪيو، جبلن تي برف ڳري رهي آهي ۽ هتي مان هوٽل ۾ ڪم ڪري رهي آهيان. سيئال شهر جي ارد گرد وارا جبل جلدئي ساوا ٿي ويندا. جيڪڏهن هوءَ اتي ويجهڙو هجي ها ته سال جا نوان ڦٽندڙ گل ڏسي ها. ڇوڪريون انهن بابت ڳالهائينديون هيون. هڪڙي ڇوڪري ته موڪل واري ڏينهن تي مائٽن سان ملي اچڻ کان پوءِ هڪڙي ٽاري به آندي هئي. پر سوڪيءَ جو ڪو به ڪو نه هو ۽ اها مهيني جي موڪل وارن ڏينهن تي به اتي ئي رهي پئي هوندي هئي. يا هوءَ جاءِ جي ڇت تي سوچيندي گذاريندي هئي ته جبلن تي ڏنڌ پٺيان ڇا هوندو.

شايد -- هڪ ڏينهن --- مان به سير ڪري سگهنديس. ---- جيڪڏهن مان ڪافي پئسا ڪمائي وٺان ---!

پر هر طرح سندس پگهار ناڪافي هئي جنهن هن کي ڪنهن قابل نه بنايو.

”توکي ٽي سَوَ روپيا ماهوار ملندا،“ اجوما هن کي ٻڌايو هو. ”کاڌي ۽ ڪمري کان سواءِ.“

سوڪيءَ سوچيو ۽ پئسن جي خيال کي پنهنجي تصور ۾ هڪڙي پاسي رکيائين. ٽي سو روپيه ! جيستائين هن پنهنجي پهرين مهيني جي پگهار ورتي جيڪا تمام گهٽ گهٽائي وئي هئي.

”ڇو؟“ هن نا اميديءَ مان پڇيو.

”ڇو ته تو هڪڙو ڪاشيءَ جو ڪولو ڀڳو هو، ياد ڪر؟“

واقعي، هن ياد ڪيو، پر اهو هن اڪيليءَ جو قصور ڪونه هو. بورچياڻي جي مددگار ڇوڪريءَ هن کي انهيءَ وڏي ڪولي کي چورڻ لاءِ همراهي ڪرائڻ لاءِ چيو هو. جيئن ته اهو ڳورو هو، هنن انهيءَ کي فرش تي ته چورڻ جي ڪوشش ڪئي پر پٿر جي بينچ تي مٿي ڪري نه سگهيون. ائين ڪرڻ به سولو هجي ها جيڪڏهن اهو لوٽيل گوبيءَ سان اڏيڪو تيل نه هجي ها. مددگار ڇوڪريءَ جي پڪڙ ڍري ٿي وئي؛ سوڪي ايستائين مٿي جهليو بيٺي جيستائين هن جا هٿ به سرڪي ويا ۽ هن اهو ڪيرائي وڌو.

”ان جو ملهه ڏيڍ سو روپيه هو،“ خزانچيءَ چيو. ”اهو هڪڙو وڏو هيو.“

سوڪيءَ باقي پئسا پنهجي ڪپڙن هيٺان سوٽي ٻٽوڻ ۾ سک ڪيا- جيئن پيتيءَ ۾. ٻئي مهيني وري هن جي پگهار گهٽائڻ لاءِ ڪا ٻي ڳالهه ٿي، ۽ ٻئي ۾ پڻ، ۽ ٻئي ۾ ---

چانهه خاني ۾ صبح جو ڏهه لڳي کان وٺي اڌرات تائين رڪارڊ وڄندا رهندا هئا. گراهڪن جي بڪواس سوڪيءَ جي ڪنن ۾ وهندڙ پاڻيءَ وانگر گهڙي ويندي هئي. پر انهن ۽ هن جي وچ ۾ دروازو هو، هڪڙو لڏندڙ دروازو جيڪو پنهنجين انجيسن تي رينگٽ ڪندو رهندو هو. اهو هر وقت وري بند ٿيڻ لاءِ تهڪ ڏيندڙن جي دنيا ۾ کلندو هو. جڏهن اهو آواز کي ٻاهر بند ڪندو هو ته سوڪيءَ کي رڙين وانگر محسوس ٿيندو هو. هوءَ نوجوان هئي، ۽ چانئجندڙ اڪيلائپ لاءِ تيار نه هئي. ڇا اها هن جي زندگي ٿي سگهي ٿي؟

"مان ان کي برداشت ڪري ڪو نه سگهنديس،" هن دانهن ڪئي ۽ صابڻ جي پاڻيءَ سان ڳوڙها نار ڪري وهڻ لڳس. "مان بلڪل برداشت ڪري ڪو نه سگهنديس. مان امان وانگر ڪنديس."

جڏهن کان هن پنهنجي پيءُ کي پنهنجي زندگيءَ مان ڪڍي ڇڏيو هو، هوءَ خالي هئي؛ هن کي ان جي تصوير جي ضرورت هوندي هئي. ان جي لڳاتار خيال ڪيس زندگيءَ جي مراد ڏني هئي. پر هاڻي، ان سمنڊ پار رهندڙ ماڻهو لاءِ سڪ نفرت ۾ بدلجي وئي هئي، جيئن هڪ طرفي پيار ۾ اڪثر ٿيندو آهي. مامو پڻ هليو ويو هو. هو حقيقي هوندو هو، توڙي ڪٿي آخر ۾ هو بيمار هو ۽ ٻهراڙيءَ ۾ رهيو ٿي. پر هن ان کي ڏٺو هو، ان سان ڳالهايو هيائين ۽ ان کي پيار مان اڻ وسندڙ ياڪر پاتو هيائين.

جيترو گهڻو هن ان پنين ڪمري ۾ ڪم تي ڪيو اوترو انهيءَ دروازي سندس تڪليفن جي نشاند هي پئي ڪئي. "مان ان کي براد شت ڪري ڪو نه سگهنديس،" هن دانهن ڪئي. صرف اهي ڪم نصيبيون چونڊڻ جهڙيون نٿي ٿي سگهيون. جيستائين ڪا ٻي ڳالهه ٿئي سوڪيءَ کي اتي ئي قاتل رهڻو هو. ۽ اها ضرور ٿيندي. "هاڻي ته منهنجي حياتي بلڪل اونداهي آهي،" هن ماتم ڪرڻ شروع ڪيو. "ايتري اونداهي، جيتري ٿي سگهي." ۽ سوڪيءَ لاءِ انهي بند دروازي، نفرتن ۽ نقصانن جي گهٽيندڙ احساس کي ڪٺڻ ڏاڍو ڏکيو هيو.

اونيءَ سوڪيءَ کي مڪمل طور ڪو نه سڃاتو هو، اها اڃا تائين هن سان ڪڏهن سخت به ڪونه ٿي ٿي. ان هن جي پگهار به ڪڏهن ڪونه ڪاٽي، جيڪا هن جي نئين ڪم سان وڌائي وئي هئي. جنهن مهل گراهڪ ٿورڙا هوندا هئا، هوءَ سوڪيءَ سان ڳالهائيندي هئي ۽ روزمره وارا سوال ڪندي هئي، بس.

نيٺ مڪڙي صبح جو، اونيءَ سوڪيءَ کي ويجهڙو ٻين ملازمن ڏانهن بدلي ڪيو ۽ جمادارڻ کي هن جو خيال ڪرڻ لاءِ پارت ڪيائين. ان کان پوءِ سوڪيءَ جي خوشي وري جيئري ٿي وئي، ۽ ان ڏينهن ڪرڻ جي به هڪڙو پيرو وڌيڪ صفائي ٿي.

# ٢٢

وقت گذرڻ سان گڏ انيءَ بہ سوڪيءَ سان ملڻ گهٽائي ڇڏيو . هڪ مزدور جي ڌي ان ڪي زندگيءَ ۾ ٿوريون خوشيون هيون ۽ مطمئن هئي. سوڪيءَ جيڪي نيون ساهيڙيون ڪيون - گهٽ ۾ گهٽ هن انهن کي ساهيڙيون سمجهڻ مناسب سمجهيو - اهي مٿين ماڙيءَ وارين ڇوڪرين کان مختلف هيون. هو گهٽو ڪري ڪل يوگ ۾ رهنديون هيون، سوڪيءَ کي پڻ پنهنجي ماحول ۾ ڏکڻ گهرنديون هيون، پر ڪنهن بہ سبب هيءَ ان لاءِ آماده نہ هئي. هن کي احساس ٿي ويو هو تہ هوءَ ماءُ جو ڪاروبار ڏسي رهي هئي ۽ ان جو حصو ڪونہ ٿي گهريائين.

”ڇوڪريءَ کي آرام ۾ ڇڏيو،“ اونيءَ پنهنجي نرم ۽ ڏکويل آواز ۾ تنبيهہ ڪئي. سوڪيءَ انيءَ کان ٻڌو هو تہ مائيءَ جي آواز ۾ ڏک سندس ٻن ٻارن جي ڪري هو جيڪي پنهنجن مائٽن سان رهندا هئا ۽ جن کي ڏسڻ لاءِ هن کي شايد ڪو وقت ملندو هو. هڪڙي ڏينهن اونيءَ هن کي چيو ،”ڇوڪري جي تون پاڻ لاءِ هڪڙو نئون وڳو خريد ڪرين تہ تون پاڻ کي وڏيڪ سهڻو محسوس ڪنديءَ ائين تون سٺي نٿي لڳين.“

مٿي رهندڙ ڇوڪرين جي تجربي مان ڏاهي ٿي ويل سوڪيءَ جواب ڏنس، ”پر پيون اهو اڌارو وٺي وينديون ۽ مون وٽ پئسا ڪونہ آهن.“

بي وقوف، مان انهيءَ کي ڏسندس تہ هو ائين نہ ڪن. انهيءَ کان سواءِ، تون انهن کان ڊگهي آهين، تنهجا ڪپڙا انهن کي ڪڏهن بہ پورا ڪو نہ ايندا.“

سوڪيءَ اهو سوچيو ئي ڪو نہ هيو، پر اهو سچ هيو. هن هيٺ پنهجو پاڻ کي ڏٺو، ڇانهن خاني ۾ ڪم بہ گهٽ ٿڪائيندڙ هو ۽ هن وزن وڌايو هو. آرسيءَ ۾ نهاريندي هن وارن کي ٺاهيو ۽ انهن کي ڪلهن تي ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنائين. هن پنهنجي چهري کي ڏٺو جيڪڏهن مان رهان ها، بابي جي - او نہ، منهنجو ڪو بہ نہ آهي - پر ان جي ملڪ ۾ مان بلڪل نيڪ ٿي وڃان ها. مختلف نہ. هوءَ سوچيندي رهي، مان ارڙهن سالن جي آهيان ( حقيقت ۾ هوءَ گذريل جون ۾ ارڙهن سالن جي ٿي وئي هئي، انگريزي سال مطابق انهيءَ مهيني جي ڇهين تاريخ.)

هن جا ڪپڙا ڍلڙا ۽ لڙڪندڙ هئا. چولي هن جي ڇيلهہ تي ويڙهيل هوندي هئي تہ اها سنهڙي وٽندڙ شڪل جي لڳندي هئي. هن پنهنجا پئسا ڳڻيا. اهي هڪڙي يا اجان بہ ٻن وڳن لاءِ ڪافي هئا .

سوڪي ويجهڙي درزي ڏانهن وئي - اتي ئي هن جي گهٽيءَ ۾ گهٽا هئا. هن ڪليل ڳچيءَ ۽ ڳاڙهي رنگ جي ڊزائن واري وڳي کي پسند ڪيو، ننڍين ٻاهن سان

پر هو اڃا ڪليل در ۾ بيٺو، ”ڇا توهان - پڇڻ معاف ڪجو، پر ڇا توهان آمريڪي آهيو؟ “

” آمريڪي نہ“ ( هائي، مهربان، هتان ٻاهر هليو وڃ . بس منهنجو لفظن جو ذخيرو ختم ٿي ويو آهي.)

” مون ائين سمجهيو“ هو اهڙو خوش هو جهڙو هن جي پهرين ڏينهن واري چڪاس دوران هڪڙو نوجوان ڊاڪٽر ٿيو هو، هو ٻرانگهون ٻري وري بستري وٽ اچي پهتو.

”ڇا توهان يورپي آهيو؟“

”نہ.“

”باقي ڇا -“ هو ڪليو. ”پڪ تون ڳالهائڻ ڪان نفرت ٿي ڪرين، تون نٿي ڪرين.“

”مان انگريزي ڳالهائيندڙ نہ آهيان،“ سوڪيءَ پاڻ ڏانهن اشارو ڪيو. ”ڪوريائي ڇوڪري. ڪوريائي ماءُ، آمريڪي پيءُ.“

”پڪ؟ ڪهڙو نہ عجيب آهي!“

نوجوان ڇا سمجهندو هوندو؟ سچ هو تہ سوڪي اسپتال ۾ هئڻ ڏينهن ڪان پوءِ هتي ڳالهائي سگهڻ ڪان وڌيڪ، انگريزي سمجهي ٿي سگهي. ڇا هن مذاق ٿي ڪئي يا واقعي موهجي ويو هو؟ بيشڪ هو يوڳاٽي هو، پيو ڇا -

”اهو دلچسپ آهي، پوءِ تون ڪوريائي پڻ ڳالهائي ٿي سگهين؟“

هن ڪنڌ لوڏيو.

”اها وڏي ڳالھہ آهي ! مان توسان ريس ٿو ڪريان ، اها منهنجي لاءِ سکڻ تمام ڏکي آهي. وو-- جي مان ڪوشش ڪريان!“

ان جيڪي ڪجھہ چيو ٿي سوڪي ان جو پورو مطلب ڪڏي نہ سگهي، باقي هن ان کي پسند ڪيو. هن وٽ قائل ڪرڻ واري مرڪ پڻ هئي. جنهن جو ٿورا ماڻهو مقابلو ڪري سگهندا: سوڪي تہ ڪري نہ ٿي سگهي. اها ڪهڙي بہ ٻوليءَ واري جي دل پڇڻ لاءِ مدد گار هئي، ائين ٿيو بہ هوندو.

هن پنهنجي واچ ۾ ڏٺو، ”او مون کي پڇڻ گهرجي، جڏهن مون توکي ڏٺو مان هن سان پنهنجي ڪم سان وڃي رهيو هيس.“ ان هن کي پنهنجي هٿن ۾ ڪجھہ ڪاغذ ڏيکاريا.

”هائو،“ سوڪيءَ نرميءَ سان چيو. اهو ٻي باقي لفظ هيو جيڪو هن جي انگريزيءَ جي ذخيري مان بچيو هو.

هن جي اچي وردي دروازي مان غائب ٿي وئي ۽ هو هن ڪمري جي سڄي

هن ٻڌايو هيو؟ وراڻيو مان لنگهندڙ نرس جي بوٽن جي هلڪي آواز ماٺ کي ٽوڙي ڇڏيو. سوڪي اڪيلي نہ هئي.

هاڻو، سوڪيءَ چاتو ٿي تہ ان کي پيهر ڏسندي. جنهن مهل گهنڊ وڳو، اهو ٻڌائڻ لاءِ تہ اڌ رات ٿي وئي آهي، هن پرسان رکيل بتي وسائي ڇڏي. هن کي گهٽو ڪري پڪ هئي. پر جنهن ڳالهہ جي هن کي خبر نہ هئي، اُها اها هئي تہ ڪجهہ پنڌ تي هڪ ڪوٺيءَ ۾ رهندڙ نوجوان جيڪو هن جي ذهن مان نڪري نہ ٿي سگهيو، اهو بہ بستريءَ ۾ سٽل تہ هيو پر ننڊ ڪانئس ڪوهين ڏور هئي.

ٻاهر چوڪيدار اتر ڪان ايندڙ ٿڌ جي لهر ڪري ڏڪيا ٿي. اهاهڪ ٿڌي رات هئي.

# ٢٥

ڊان گھٽي ڪوشش ڪئي ته نه وڃي جو ڇوڪريءَ کي ڏسي جنھنجي ياد ھن کي ڪالھ کان ستايو پئي. بجاءِ ان جي ھو لئباريٽريءَ ڏانھن تحقيقاتي ڪم ڪرڻ لاءِ ويو، "تمام اھم" ھن کي ياد آيو. ھن جي ورانڊي کان پاسو ڪندي ھو ڪيترن ڏينھن تائين سوڪيءَ کان پري رھڻ جي ڪوشش ڪندو رھيو، ھن ان کي پيھر ڪونه ڏٺو جيستائين ھو ھڪڙي صبح جو وارڊن جو روز مره وارو چڪر لڳائڻ لاءِ ڊاڪٽرن سان گڏ ھو.

"سلام تشي، اوون سوڪ،" وڏي ڊاڪٽر ڪيڪاريس ۽ سوڪيءَ مرڪيو. ڊاڪٽر ھن جو نالو بلڪل غلط اچاريو - ھو ڪڏھن به ڪين سِکيو. اھو ڊگھو آواز ۽ سنيءَ وانگر تکو پئي لڳو.

جڏھن ھن ڊان کي ڏٺو، ھن جي دل ٽپا ڏيڻ لڳي. ڊان خيال ڪيو ته، جيترو مان سوچيان ٿو ان کان وڌيڪ پياري آھي. مون کي اھو ميٺو پوندو، مان سمجھان ٿو مونکي ان سان پيار ٿي ويو آھي. عجيب اھي، اھا ڪھڙي قسم جي ڇوڪري آھي.

ان ھن ڏانھن مٿو لوڏيو.

ھن پڻ ان ڏانھن مٿو ڌوڻيو.

"خوشخبري - !" ڊاڪٽر ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو. پيو ڪو انھيءَ جي آواز کان ڊڄي وڃي ھا، پر ھو ڏاڍو مھربان ھو. "خو-ش-خب-ري، اسان اڄ توکي تنھنجي پيرن تي ھلائڻ جي ڪوشش ڪنداسين."

"اڄ؟"

"بلڪل. منھنجي جلد بدلي ٿيڻ واري آھي ۽ مان انھيءَ کان اڳ توکي ٺيڪ ڏسڻ گھران ٿو." سوڪي ان مھل گھبرائجي وئي ھئي. انھيءَ جو ملطب ته ھوءَ ھتان ضرور نڪرندي ۽ ٿوري وقت ۾ انھيءَ چانھ خاني ڏي واپس ويندي.

ھن جي نبض ٺيڪ ھئي. سڀ چڪاسون ٺيڪ ھيون. ڊاڪٽر پنھنجي نائبن ۽ نرسن جي اچي قطار سان ڦيرو ڪاڏو ۽ پئي ڪمري جي چڪر لڳائڻ لاءِ ھليو ويو. ڊان در وٽ مڙيو ۽ ھنڪي اک پڪائين.

اھو جيتري جلدي ڪري ٿي سگھيو اوتريءَ ۾ واپس سوڪيءَ جي پرسان پھچي ويو.

"اي،" ان چيو "مون توکي پيرن تي ھلائڻ لاءِ رضاڪارانه طور آڇ ڪئي." 
 
 چڻ اھو خراب کان وڌيڪ خراب نه پئي ٿيو-! سوڪي ڳيت ڏني.

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"يون ان سوڪ" (*) هن آهستي چيو.

"ڇا مون کي اهو توکي پورو سڏڻو پوندو؟"

"نه، 'سوڪي' ڪافي آهي."

"او، سوڪي،" ان نالي جو مزو ورتو. "ٺيڪ آهي، سوڪي، ڇونه اسين هاڻي شروع ڪريون؟ پهريائين، ٿوري گهڙيءَ لاءِ هنڌ جي ڪناري تي مٿي ٿي ويهه."

هن مڃيو. مٿي ٿيڻ ڪري هن جو مٿو ٿورو ڦرڻ لڳو، پر ڊاڪٽر جي هٿ جي مضبوط پڪڙ ڪري بچ. (هو خوبصورت آهي، مان ڪڏهن به ڪونه ڏٺندس جيڪڏهن-)

"آرام سان ڪر." هن هدايت ڪيس. "ڇا تون هتي گهٽو رهي آهين؟"

هن پيهر مٿو لوڏيو، هن جي انگريزي ڪم نه پئي آئي، پر خاموشي ڪين خفا ڪونه ٿي ڪيو.

جڏهن آخر ۾ اهو انهيءَ ڳالهه تي آيو ته هاڻي سوڪيءَ کي مٿي ٿي ٻيهڻو پوندو، هن کي پڪ ٿي وئي ته سندس ڇنگهه وري پٺي پوندي. هوءَ هٻڪڻ لڳي. پوءِ هن صاف طور تي ڪوريائي ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽر کي چيو ته هوءَ ائين ڪري نٿي سگهي- پر هو کلڻ لڳو.

"مان پنهنجي ڊاڪٽر ٿيڻ واري منزل تي آهيان،" ان دعوا ڪئي. "مان ڄاڻان ٿو ته ڇا ڪري رهيو آهيان. هاڻي بلڪل هوشيار ٿي!"

"پر مان ڪري ڪونه سگهنديس."

"مان سمجهان ٿو ته تون ڇا ٿي محسوس ڪرين، هڪڙي پيري منهنجو به مريو پڇي پيو هو. پر تنهنجي اها ڇنگهه اڳي کان به مضبوط ٿي ويندي."

اها صرف ڊاڪٽر جي مرڪ نه هئي جيڪا دل وٺي رهي هئي، پر ان ٿورن ڏينهن ۾ سوڪيءَ کي گهمڻ جهڙو بنائي ۽ پيو گهٽو ڪجهه ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو هو -

جيئن ته هن جو ڪو حقيقي گهر ڪونه هو جو هوءَ اوڏانهن واپس وڃي، ڊاڪٽر هنکي هڪڙو هفتو وڌيڪ اسپتال ۾ رهڻ ڏنو. ۽ ائين اهو هن کان اڳ ۾ روانو ٿي ويو ۽ نئين ڊاڪٽر وٽ وقت مشڪل هوندو هو جو اهو سوڪيءَ لاءِ ڪجهه معلوم ڪري، جڏهن هيءَ انهن سيني کي سلام ڪندي هئي. اها حقيقت هئي ته ڊاڪٽر هن جي مدد لاءِ هر وقت حاضر هوندو هو.

جنهن مهل ڪاري فوجي گاڏي سوڪيءَ واري ڇانهه خاني ڏانهن وڌي رهي

---

* 'يون' ، مامي طرفان سوڪيءَ کي ڏنل نالو. مترجم.

چوئون ۽ ميز پوش پڻ سڀ صفائيءَ سان قطار ۾ رکيل هئا.

"سوکي، تون تہ واقعي ماهر آهين. مون کي تو تي فخر آهي."

"اهو هنر آهي. مون سڀ سامان استعمال ڪري ڇڏيو آهي ۽ وڏيڪ وٺڻ جي ضرورت آهي، جڏهن دوڪان وارو مونکي هن جي ادائگي ڪندو."

" مان توکي ڪجهہ پئسا اڌارا ڏئي ٿو سگهان."

"نہ، نہ مهرباني، مان پنهجو پاڻ ڪوشش ڪرڻ ٿي گهران."

اهو سڀ انهيءَ ڏينهن کان شروع ٿيو هو جڏهن هوءَ هوٽل کان آئي هئي ۽ ڊان هن جون ٺاهيل ڪجهہ تصويرون ڏٺيون هيون. - اهي جيڪي هن اسڪول ۾ ٺاهيون هيون.

" ڇوڪري، توکي ڏانءُ آهي."

"مان شڪليون ٺاهڻ پسند ٿي ڪريان." هن ظاهر ڪيو.

" پوءِ تون ڊرائنگ جي تعليم ڇو نٿي حاصل ڪرين؟"

"تمام مهانگي آهي."

"آمريڪا ۾ هنر جا ڪيترائي اسڪول آهن-"

لفظ آمريڪا ڪمري ۾ گونجيو ۽ هوا ۾ لٽڪندڙ لڳو. ڊان محسوس ڪيو تہ ان اهڙي مسئلي کي ڇيڙيو آهي جيڪو سنو هو تہ اتي ئي ڇڏ جي يا ، ٿي سگهي، حل ڳوليجي.

"هائو- آمريڪا ۾. ٿي سگهي ٿو تون هڪ ڏينهن اوڏانهن وڃي سگهين-"

"انهيءَ لاءِ ادائگي ڪير ڪندو؟ آ ، پئسو -"

"واقعي، ڪير ڪندو؟ منهنجو مطلب هينئرني ڪو نہ آهي ، ۾ مستقبل ۾ ٿي سگهي ٿو - ڪنهن کي خبر؟ سڀ کان پوءِ تنهنجو پيءُ آمريڪي آهي-"

"انهيءَ جو ذڪر نہ ڪرا" سوکي چڙي پئي. هوءَ پنهنجي جذبات ۾ لڙهي وئي.

"مان شرمنده آهيان، ڊان، ۾ اهو امان کان بہ پري ڀڄي ويو ۽ مونکي بہ وساري ڇڏيائين. مان انهيءَ سان نفرت ٿي ڪريان"

"تون انهيءَ سان نفرت ٿي ڪرين؟"

"مان- مان ان سان پيار ڪندي هيس، منهنجو مطلب آهي، منهنجو ان لاءِ اهڙو خيال هو. ۾ اهو تبديل ٿي ويو آهي."

پوءِ پيءُ جي ڪهاڻي سوکيءَ جي چپن مان جڻ وهڻ لڳي. ان ماڻهوءَ جي باري ۾ سڀ ڪجهہ جيڪو سمنڊ پار رهندڙ هو. ڊان ڀيريون ڀيرو هن جي خوابن ۽ تڪليفن بابت ٻڌو ۽ هن جي ڪهاڻي ٻڌائڻ ۾ مداخلت نہ ڪيائين. ان ڏينهن کان پوءِ

انگريزيءَ جي ننڍن چاڻ خوش ڪندڙ هئي پر جڏهن هوءَ غلطي ڪندي هئي ته هو کلڻ لڳندا هئا.

"اهو سنو آهي،" ڏاڏا چيو، "اڳتي وڌ."

۽ ائين هو اسپتال، فوجي زندگي، ڏاڏا جي گهر وارن ۽ سوڪيءَ جي گذريل اڪيلاين بابت ڳالهائيندا هئا.............

"ڏاڏا، جيڪڏهن توکي جلدي وڃڻو پئجي وڃي ته ڇا ٿيندو؟"

"مٺي، گهبراءِ نه."

"نه، مان گهبرايان نٿي." پر هن گهبرايو ٿي، ۽ سايون اکيون انهي ڏکوئيندڙ تصور تي مٿي کڃي ٿي ويون.

" گهبراءِ نه " اهو مٿي ٿيو ۽ هن جي چوڏاري هڪڙي ٻانهن رکيائين. "سڀ ٺيڪ ٿي رهيو آهي،" توڙي ڪٿي ان کي خبر نه هئي ته ڪيئن.

"مان هاڻي خوش آهيان،" سوڪيءَ آهستي چيو. جڏهن هو هن جي ٻرندڙ چهري تي چمي ڏيڻ لاءِ جهڪيو. ٻاهر وڻ جي هڪڙي ٽاري ڇت سان رهڙجڻ لڳي، ۽ سوڪيءَ جا گرم چپ اميدن کان وڌيڪ اقراري هئا. جڏهن ڏاڏا هن کي ٻانهن ۾ کنيون ته هوءَ لڄي پئي ٿي ۽ ٿورو ڏڪي پئي، شايد دريءَ مان ڏسجندڙ نظاري جي ڪري.

"مٺي، ڊڄ نه."

..................

"مان توکي نقصان پهچائڻ جي نٿو ڪريان -- بلڪل نه سوڪي، مان توسان پيار ٿو ڪريان."

۽ انهيءَ کان پوءِ بہ جيڪڏهن سوڪي ڏڪي پئي، اهو خوف کان نہ هو -----

# ٢٧

ڪجهه عجيب پئي لڳو جو فوجي پنهنجين ڪوٺين ۾ رهڻ واري ماحول کان بيزار ٿي ويا هئا ۽ جتي ڪٿي پنهنجي وندر ٿي ڳوليائون. ڊان، بهرحال، گهڻن کان وڌيڪ ڀاڳ وارو هو. هن کي جيڪا ڊيوٽي مليل هئي ان سان هن کي چاهه هو، هن کي ڪتابن سان پيار هو، ۽ هاڻي، هن کي اقرار ٿي ڪرڻو پيو ته، هن هڪڙيءَ ڇوڪريءَ سان پيار ٿي ڪيو جنهن جو نالو "خالص چاندي" هو. سڄي دنيا سامهون هئي، هن جيڪو ڪجهه ڪيو ٿي اهو ان ڏانهن هڪڙو قدم هو.

باقي، هڪڙي ڳالهه هئي جنهن هن کي تنگ ٿي ڪيو اها هيءَ ته پوئتي گهر وارن سان سوڪيءَ جي ڳالهه ڪيئن ظاهر ڪجي. جنهن روشن صبح جو هن فوج ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ملڪ ڇڏيو هو، هن ماءُ سان گهڻا خط لکڻ جو وعدو ڪيو هو ۽، هن کي جيترو ياد ٿي آيو، هن گهڻو ڪري هر هفتي خط لکيو هو. هن تي اهو ظاهر ٿيو ته ماڻس هن جي خطن کي پسند ٿي ڪيو. هن تصور ۾ ان کي پنهنجي گهر جي ڪليل وڏي ڪمري ۾ ڏٺو جيئن هو ان کي جڏهن به هن جي وڏي ڀيڻ واشنگٽن مان چند لکيل سٽون موڪليندي هئي ته ڏسندو هو. اها لکڻ جي شوقين نه هئي، پر ماڻس ان سان بهانو بڻائيندي هئي:

"انهيءَ جو پورو داستان هجڻ جي ضرورت نه آهي. محض چند سٽون ته جيئن مون کي لڳي ته هوءَ ٺيڪ آهي."

ماڻس جي لکڻي ڏاڍي خوبصورت هئي، ان جي لفظن جي رواني ماحول جي هر شي کي جياري ٿي ڇڏيو. ائين، سٽن ۾ ، ڊان ماءُ جون پريشانيون سمجهي ٿي سگهيو. ڪيس تڏ لکڻ کان يا ڪنهن بي ڳالهه کان نه پر هر شي کان جيڪا هن کي دنيا جي گولي جي ٻئي پاسي ملي ٿي سگهي.

۽ هن پيري ڊان کي خط ۾ سوڪيءَ جو به ذڪر ڪرڻو هو. ائين اتفاقي طرح. هاڻي هن محسوس ڪيو ته مهينا تيزيءَ سان گذرندا پيا وڃن ۽ سوڪي پنهنجي پيءُ جي ڊرتي تي ٺيڪ ٿي ويندي. خاص طور تي جي هي --- ڊان -- ان جو خيال ڪندو رهيو.

ائين هميشه وانگر، هن اڏي تي پرسڪون لئبريريءَ ۾ اجهو ورتو. نرم گادلن ۽ وٽندڙ هوا سدائين هن کي همٿايو ٿي، پر اڄ هو هڪبئي پٺيان ڪاغذ ڦاڙي رهيو هو. هن جيڪي ڪجهه لکيو ٿي ڇوڪريءَ جي تعريف هئي جنهن هاڻي هن جي دل

گوردواري ڏانهن جيڪو انهن مارڙين جي وچ ۾ لڪل ڏٺو هو، يا الجيرو جي بازار ۾ خريداريءَ لاءِ ويندا هئا، ماڻهو انهن کي ٻاهريون جوڙو سمجهندا هئا. سوڪي ۽ وان کي ايتري آڌر ڀاءُ ملندي هئي جيتري ڪوريائي ماڻهن کي ٻاهرين ماڻهن لاءِ هئي. گهٽ ۾ گهٽ ايستائين جو سوڪي ڳالهائڻ لاءِ زبان چوريندي هئي. انهيءَ ڏينهن وانگر جڏهن وان هن کي هوٽل ۾ آرڊر ڏيڻ لاءِ چيو هو. بيرو وائڙو ٿي ويو هيو ۽ پڇيو هيائين:

"بيگم صاحبه، توهان کي اهڙي سٺي ڪوريائي ٻولي ڳالهائڻ ڪيئن ٿي اچي؟"

"مان ڪوريائي آهيان."

"ڪوريائي، اهو پوڳ آهي."

"نه،" ۽ انهي نقطي تي هوءَ سمجهڻ لڳي ته هو ڇا ٿو سوچي: آها، اها انهن مان هڪڙي آهي. وڏي نڪ واري --- ناجائز يار.

بيري سمجهيو ٿي ته هن کي بيو قوف ٿا بڻائين، هن ايتري ته فضليت ڏيکاري هئي جو ان جي ضرورت ڪا نه هئي ۽ ان طرف وري نه آيو.

"ڇا سوڪي هتان پوري وڃڻ نيڪ نه ٿيندو؟"

سوڪي راضي ٿي.

هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ساندهه هلندا رهيا. هن هڪڙو نئون گرم ڪوٽ خريد ڪيو هو. ۽ هڪ ٿيلهو. سوڪي پيهر سٺن کهڙن ۾ هئي ۽ وٽس ڪافي پئسا هئا جيڪي هن پنهنجو پاڻ ڪمايا هئا. هن ڊگهين ڪڙين وارا سينڊل خريد ڪيا هئا پر انهن سان به هوءَ مشڪل سان وان جي ڪلهن تائين ٿي پهتي. (توٽي ڪٽي جو اهڙن جوتن سان شهر ۾ گهمڻ جو رواج عام ڪو نه هو.) هن کي چوڏاري ٽرئفڪ گهيري ڇڏيو هو پر سوڪي هاڻي سلامتيءَ ۾ هئي. وان اتي موجود هو.

ڏينهن گذرندا رهيا. نه، 'پڄندڙ' صحي لفظ آهي. هڪ هفتو -- به هفتا --- ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن وان وٽ گهران جواب آيو. پيءُ جي طرف کان --- ڇا ماڻس بيمار هئي؟ وان اهو ڪوٺيءَ ۾ پڙهيو ۽ اهو --- هن سوچيو ---- هن جي مصروف پيءُ هن کي ٻهريون پيرو خط لکيو هو. وان پڙهيو:

"پيارا پٽ --- ماڻهون کي تنهنجو خط ڪجهه ڏينهن اڳ مليو ۽ مان ان جي پاران جواب ڏني رهيو آهيان." امان سان ڪهڙو مسئلو ٿي پيو هو؟

"تنهنجي خط اسان کي ٿورو منجهائي ڇڏيو آهي ---" وان سمجهي ويو. بابو پڪ ڳالهه کي سمجهي ويو هوندو.

"پٽ، تون ڪهڙين ڳالهين ۾ آهين؟ اها ڇوڪري ڪير آهي؟" اوه، پيو ڪجهه به

"نہ، اهو صحي آهي. ڇا انهيءَ ۾ گهڻو وقت لڳي ويندو؟"

"مون کي اهو انديشو آهي. هڪڙي شاگرد جي حيثيت ۾ وڃڻ لاءِ ڪيس ضرورت پوندي --- مان ڏسان --- مثال طور، اسڪول طرفان ٢٠ الف فارم."

"او، ٢٠ الف فارم --"

"هائو، ۽ پنيرائي جو قسم نامون، دعوت نامو، ضمانت ۽ هوائي سفر جو ڀاڙو ادا ڪيل ---"

"مان ڏسان ٿو."

"ها باقي، جي توں ڇوڪريءَ سان شادي ڪرين." آفيسر هن جي مدد ڪرڻ گهري.

"اجان نہ." نہ، هي ائين ڪري ڪو نہ سگهندو. ائين ماڻس کي صدمو پهچندو، ان کان سواءِ، هن لاءِ پڙهائيءَ جا ٽي سال رهيا ٿي. "نہ، اجان نہ."

باقي هڪڙو رستو هو. سوڪي ۽ ڊان ان تي ڳالهايو. جيڪڏهن صرف ان جي پيءُ جي ڪا خبر لڳي پوي، پر ان کي لکيل خط تہ واپس اچي ويو هو. هاڻي پوئتي گهر ڏانهن پنهنجي هڪڙي وڪيل دوست جي معرفت ڊان ٻيهر ڪوشش ڪئي هئي. ڊان سفارتخاني ۾ ويزا لاءِ پڻ ڪاغذن جو ڍڳ ڀريو ۽ ڪنهن معجزي جي اميد ٿي ڪيائين. هو هر ٻيري مختلف قانونن جي پونواري لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪندو پئي رهيو. هن کي ڪيتري مايوسي پئي ملي! ڇا اهي ماڻهو نٿا سمجهن تہ جڏهن هي گهر لاءِ روانو ٿيندو تہ سوڪي کي بہ گڏ وٺي وڃڻ ٿو گهري؟

"بلڪل،" ڪلارڪ چيو، "پر اهي ڳالهيون ڪجهہ وقت وٺنديون. صبر ڪرا"

پراڻي ڪوريائي چوڻيءَ جو سچ بلڪل اوچو هو: "پيار جو جبل ڪڏهن بہ قانون جي وڻ پڪڙ واري ڪوناڪر کان ڪٽي ڪو نہ سگهندو."

"مان انهيءَ بابت ڪو نہ سوچيندس،" سوڪيءَ چيو، "مان صرف هڪڙو ٻيرو خوش ٿيڻ ٿي گهران."

"مني، توں صحي آهين. جيڪڏهن اسان جي حق ۾ ڪجهہ بہ ڪو نہ آهي تہ پوءِ قسمت اسان کي پاڻ ۾ ڇو ملايو؟"

سوڪيءَ جيڪو پيار ڏنو ۽ ورتو ٿي ان ۾ پنهنجا ڏک وساري ڇڏيائين.

صرف ڊان جون ٻيون سوچون هيون. هي فبروريءَ جو مهينو هو ۽ هو اپريل ۾ روانو ٿيڻ وارو هو. اجا بہ مهينا هئا. بهرحال، جيئن تہ هن کي هڪڙي فوجي اڏي تي، جنهن جو نالو ظاهر نہ ڪيو ويو هو، هڪڙي تحقيقاتي ٽيم ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چونڊيو ويو هيو، هن جو ترسڻ تمام جلدي پڄاڻيءَ تي پهتو هو. هن جي وڏي آفيسر هن جي سفارش ڪئي هئي ۽ اها هڪڙي قسم جي ترقي هئي. پر اهو "سوڪيءَ

# ٢٨

ٻئي ڏينهن صبح جو ٩ وڳي سوڪي، جيڪي پرت پريل رومال دوڪاندار کي ڏيڻ لاءِ تيار هئا کڻي، گهران نڪري وئي. هن پنهنجو معاوضو ورتو ۽ وڏيڪ خرچي پڻ، چو تہ ان ڏينهن مالڪيائيءَ جو مڙس دوڪان سنڀالي رهيو هو ۽ اهو نوجوان ڇوڪرين جي مرڪ تي عاشق هو.

پوءِ سوڪي هوٽل طرف وئي. پرسان لنگهندڙ ماڻهن ۾ گڏجي ويندي هن سوچيو، ڀلي تہ مون کي تڪيندا رهن! مون کي پرواهہ نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ڀلي اهي مون کي آمريڪي سمجهن، ڇو نہ مان اهڙي تي لڳان. جيئن هن سمجهيو هو هوٽل ان کان وڌيڪ پري هو، پر هن پوئين گهٽي ڳولي ۽ بلڊنگ تي نشاني پڙهي ورتائين جيڪا اڳي کان وڌيڪ ميري ۽ انڌي لڳي رهي هئي. اهو ڪڏهن هن جو گهر هو. گهڻو اڳي ......

"سنو!" اونيءَ واڪو ڪيو، "تون هتي آهين."

ٻاهر روشن صبح جي مقابلي ۾ ڇانهہ خانو غارو وانگر هو.

"ڪهڙي ڳالهہ آهي؟" سوڪيءَ پڇيس.

"بس اهو تہ تنهنجي هڪڙي مائٽ کان فون آيو هو ---- ان جو نالو ڇا آهي،" اوني پنهنجي هٿ سان نراڙ مهٽڻ لڳي.

"ڪانگ ڪانگ؟" صرف اهوئي هن جو واقف هو.

"هائو، بلڪل اهو آهي. هڪ هفتو اڳ ۾."

"توهان پهريائين مون کي ڇو نہ ٻڌايو؟"

"مون انيءَ کي توکي سڌڻ لاءِ ٻڌايو هيو ڇو تہ ان وٽ تنهنجو نمبر هو، پر ان وساري ڇڏيو. توکي خبر آهي تہ اها ڪهڙي آهي؟"

"اهو ڇا بابت هو؟" (انيءَ کي اهو وسارڻ نہ کپندو هيو!)

"ها، سمجهان ٿي اهو شادي ڪرڻ وارو آهي، اهو مون وٽ لکيل آهي. اڱارو. اهو سڀاڻي آهي. هن گهريو ٿي تہ تون بہ ان ۾ شامل ٿين."

"پوءِ مون کي اڄ روانو ٿيڻو پوندو، گهٽ ۾ گهٽ منجهند تائين."

"مون کي افسوس آهي، اهو منهنجو قصور نہ آهي."

"مان سمجهان ٿي. ٺيڪ ...." ۽ هيءَ ذري گهٽ ظاهر ڪرڻ واري هئي. "ڀان ڪنهن سبب اڄ رات ڪو نہ ٿو اچي،" پر پنهنجو وات بند رکيائين.

"ڪافيءَ جو ڪوپ پيئنديئينءَ؟"

"مهرباني."

بيرياٿين لاءِ اهو تمام سوير پرو هو، صرف ٻه يا ٽي اتي هيون. سوڪيءَ لاءِ ڪي نيون. ڪافي پيئندي هن سوچيو: "مون وٽ هن وقت پئسا ٻه آهن، ڪپڙا سٺا پاتل آهن، مان پارهين بجي واري گاڏيءَ ذريعي وڃي ٿي سگهان."

"اوني، مون کي هڪڙي فون ڪرڻ ڏي."

سوڪيءَ ڪمري جي زال کي سڏيو ۽ چيو، "ٻڌ، مان پنهنجي ---- پنهنجي ماروٽ ڏانهن وڃي رهي آهيان --- ان جي شاديءَ جي دعوت تي، ۽ ضرور رات ترسڻي پوندي. ڊان کي ٻڌائيندينءَ؟" هوٽل جي فون ڪلارڪ ٻاهران اينڊڙ هڪڙي فون ورتي ۽ هن جو رابطو ڪٽي ڇڏيائين، پر ڪمري جي زال اهوٻڌي ورتو هو.

منجهند کان ڏهه منٽ اڳ پر سوڪيءَ ڪوٽ ڏانهن ويندڙ ريل گاڏيءَ پر سوار ٿي. هن پيري ان پاڻ کي اڏامندي محسوس ڪيو. شام ڏاري هوءَ اتي پهتي ۽ ڪانگ باڪ سان ملي.

خوبصورت ۽ پهريائين کان ڊگهو، هن پاڻ کي ڀلي محسوس ڪندي ٻڌايو ته شاديءَ جو پروگرام اينڊڙ ڏينهن ٻارهين بجي رکيل آهي. سوڪيءَ جي ذهن پر آيو، انهيءَ جي معنيٰ ته مان واپس گهر وقت تي پهچي وينديس. ڪنوار "ونجو" گهراڻي مان هئي ۽ وهانءَ ٻه اتي ٿيڻو هو.

بيشڪ، ان کي ترسڻو ۽ وهانءَ جو انتظار ڪرڻو هو، ڪانگ باڪ جي ڪُٽنب وارا ٿي صرف هٿا جن سان ڪوريا پر هن جو واسطو هو.

"ايترو جلدي ڇو؟" هن پڇا ڪيس.

"اها منهنجي ماءُ پيءُ جي مرضي آهي. مان جلدي فوج پر شامل ٿيڻ وارو آهيان ۽ اهي پهريائين مون کي پرڻيل ڏسڻ گهرن ٿا، توکي خبر آهي ته، انهي حالت پر --- منهنجو مطلب آهي ته اهي هڪڙو پوٽو چاهين ٿا جيڪڏهن مون کي فوج پر ڪجهه ٿي ٿو وڃي."

"اهو قدرتي آهي." هنءَ کيس ٻائيندي هئي، ها، تمام گهڻو ٻائيندي هئي. ۽ هو کيس ٻه، پر هنن جي حياتين کي هاڻي الڳ ڪيو ويو هيو.

"مون ڇوڪريءَ کي هڪڙو گهمرو ڏٺو آهي." ان ٻڌايس.

"ڇا هوءَ --- ڇا هوءَ خوبصورت آهي؟"

هو بي ڊنگائيءَ سان کليو "خدا ڄاڻي،" هن چيو --- "مون کي خبر نه آهي --- پر پادريءَ اسان جو نڪاح پڙهيو آهي. اهو ئي سبب آهي."

"ڪانگ باڪ، مون کي اميد آهي ته تون خوش ٿيندين،" هن تقريبا چيو "اهڙو خوش جهڙي مان آهيان." انهيءَ لاءِ اهو چڻ خيال هو. هن پنهنجو پاڻ بهانو ڪيو ۽

هليو ويو.

انهيءَ ئي صبح جو ٩ وڳي ڊان کي پنهنجي آفيسر گهرايو هو. هن گهڻو وڏو. اها صرف هڪڙي ڳالهه ئي سگهي ٿي. جڏهن ڪمانڊر آيو تہ هو سڌو ٿي بيهي رهيو، پر پوڙهائي آفيسر هن کي چيو، "آرام سان."

"ويهہ، مون وٽ تنهنجي لاءِ خوشخبري آهي. مبارڪباد!"

"سائين؟"

"مون چنچر تي توسان ملڻ جي ڪوشش ڪئي."

"سائين، مان موڪل تي هيس."

"ها، توکي اوسان هوائي اڏي لاءِ ٻئي ڏينهن صبح جو ڇهين وڳي هتان روانو ٿيڻو آهي."

"جي؟"

"مان سمجهان ٿو تون منجهيل آهين، هي تنهنجي لاءِ هڪڙي ترقي پڻ آهي."

"پر —"

"پر ڇا؟"

"مان وڃي نٿو سگهان، سائين — بس آءٌ وڃي نٿو سگهان."

آفيسر کلڻ لڳو "اڄ جي ڏينهن جو پوڙهو،" هو سهڪيو.

"سائين، منهنجي سنگتياڻي."

"او، ڪاخرابي نہ آهي،" هو وري کليو، "جتي تون وڃي پيو اتي ڇوڪريون گهڻيون آهن."

"سائين، توهان نٿا سمجهو."

"سپاهي، تنهنجي سوچ کان وڏيڪ." آفيسر اٿيو جيڪو ڊان لاءِ بہ اشارو هو تہ اٿين ڪري.

"تنهنجي لاءِ ترقي ڪا معنيٰ نٿي رکي؟ اربع ڏينهن ڇهين بجي اڏي لاءِ بس رواني ٿيندي."

ڊان اٿين سولائيءَ سان مجڻ وارو نہ هو، ڪمانڊر سان بہ نہ. نااميديءَ مان هن چيو:

"سائين، مون هڪڙي درخواست پر لکي موڪليو هو."

"جنهن ڏينهن فوج پنهنجو حڪم تبديل ڪندي،" هن جواب ڏنس، "آءٌ توکي ٻڌائيندس. هنيئر لاءِ سڀ ڪجهہ اهو آهي."

"هائو سائين! توهان جي مهرباني سائين!" ڊان سلام ڪيو ۽ ٻاهر نڪري آيو. ٻئي ڏينهن! هن جو فوج پر باقي وقت رهڻ لاءِ آمريڪا واپس ٿيڻ جو حڪم

"هڪڙو منٽ ترس!" پادريءَ جو چهرو اوچتو مرڪڻ لڳو. "مان هڪڙي کي سڃاڻان ٿو جيڪو تنهنجي مدد ڪري سگهندو."

"توهان کي خبر آهي؟"

"هائو، هڪڙو جوڙو آمريڪين جهڙن ٻارن سان ڪم ٿو ڪري."

"ڇا مان انهن سان رات جي هن وقت ملي سگهان ٿو؟"

"اهي دل ۾ نه ڪندا. مان انهن کي چڱي نموني سڃاڻان، اهو پڻ مون وانگر هڪڙو پادري آهي."

پنجن منٽن ۾ پادريءَ هن کي جيپ هٿ ڪري ڏني.

"اولهه طرف سٺو چاليهن منٽن جو پنڌ آهي. ڪوريائي ڊرائيور کي رستي جي خبر آهي. نالو ۽ ايڊريس هي آهي."

"ڊان، الله شال چڱي ڪري!" جيپ ٻاهر تيار هئي ۽ ڊان گاڏيءَ ۾ اندر ڪاهي پيو.

"سائين، توهان جي مهرباني. توهان جي وڏي مهرباني!" پوءِ هو روانا ٿيا. اهو ڊان جو آخري موقعو هو ۽ پادريءَ جون اکيون جيپ جي پٺ ونديون رهيون جيستائين اها موڙ کان غائب ٿي وئي.

# ٢٩

مڪيہ گھٽيءَ ڪان پري صنوبر جي وڻن سان وڪوڙيل جبلن جي وچ ۾ هڪڙيءَ ماٿريءَ جي تهذيب رستو تي چٽيو. لاهوندي وٽ بادام جي وڻن جون قطارون، جن جون اگهاڙيون ٽاريون آسمان طرف پکڙيل هيون، سکھوئي نارنگي ۽ گلابي ٻور ۾ ٻرجي وڃڻ واريون هيون. پر ڊان ماٿريءَ جي خوبصورتي ڪان بي خبر هو، هن جي حالت ايتري اونداهي هئي جيتري هن جي چوڏاري رات. هن ڏٺو بہ ڪونہ ٿي- نيٺ جڏهن ڊرائيور هڪڙي لوهي دروازي وٽ لٿو --- جوهان نارمن ۽ رينا جو سرن وارو ڪشادو گهر اڇا ٻرندڙ بتيءَ سان روشن هو.

ايتري دير مهل هن جوڙي جي گهر ۾ خاموشيءَ راڄ ٿي ڪيو. رات جا ٻارنهن ٿي رهيا هئا ۽ ٻئي سفيد چمڙي وارين آرام ڪرسين تي ليٽيا پيا هئا.

"اسان کي سمهڻ گهرجي،" هن چيو، "اسان لاءِ اڳيان مصروف ڏينهن آهي."

رينا ٽيبل کي ٽيڪ ڪندي ۽ چانهہ وارا ڪوپ گڏ ڪندي ميڻ بتيون وسايون.

" مان رات جي جاچ لاءِ چوڏاري هڪڙو چڪر لڳائيندس،" هو چوندو رهيو، "رڳو ڪتن جي ڀونڪ ٻڌي ٻڌجي."

جيئن ئي هو دروازي ڏي ويو، چوڪيدار وٽان فون جي گهنٽي وڳي:

"هيلو، ڊائريڪٽر صاحب، اهو مان آهيان، لي. هتي هڪڙو فوجي آفيسر آهي جيڪو توهان سان ملڻ ٿو گهري. هو تمام --" --- رات وارو چوڪيدار ڪليو ۽ صحي لفظ ڳوليندي منجهيو.

"تنهنجو مطلب آهي، شراب پيتل؟"

"نہ، مان ائين نٿو سوچيان، پر هڪڙو عجيب. گهبرايل، منهنجي خيال ۾. اهو چوي ٿو تہ پادريءَ ان کي موڪليو آهي."

"پادري؟" جوهان پنهنجي زال ڏانهن نهاريندي چيو، "مان ڇا ٿو ڪري سگهان جيڪو هو نٿو ڪري سگهي. مسٽرلي، ڀوءِ، ان کي اندر اچڻ ڏي."

اهو ايتري دير سان ڪير ٿو ٿي سگهي؟ سماجي خدمتن جي ٻن ڏهاڪن سالن ۾، نارمن چوويهہ ڪلاڪ ڊيوٽي ڪرڻ تي هري ويو هو ۽ اتي اهڙو ڪو مسئلو ڪو نہ هو جو انهن مشورا ونندڙ ماڻهن سان ان بابت بحث نہ ڪيو هجي.

رينا موم بتيءَ کي ٻيهر ٻاريو ۽ ان جي شعلي ۾ ڊان جو چهرو نظر آيو جڏهن هو اندر لنگهيو. ڊان لاءِ اهو چڻ گهر ڏي اچڻ وانگر هو، ۽ فوجي ڪوٺيءَ ۾ مهينن پڄاڻان، هن کي گهر جو ماحول نصيب ٿيو هيو.

"منهنجو نالو ڊونالڊ بريان آهي، مان توهان تي اهڙي نموني نازل ٿيڻ تي معافي

ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين."

ڊان چوڌاري ڏسڻ لڳو. هي هڪ وڏو گهر هو ۽ ائين ئي چوديواري هئي.

"تون صحيح جاءِ تي آيو آهين،" رينا مرڪي. "اسان سوڪي جهڙن نوجوانن جي سنڀال ڪري رهيا آهيون. انهيءَ ڪري اهڙن مڙني ٻارن جي. جيڪڏهن روشني هجي ها، تون ٻڪڙيل اڳڻ ۾ اسان جي آفيس ڏسي سگهين ها."

اينڊڙ ڪلاڪن ۾ انهن تنهي شيون گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"تون، رينا، سياڻي وچ ۾ سوڪيءَ سان ڳالهاءِ."

"مان ائين ڪنديس."

"ڊونالڊ، تو ان سان ڪيتري تائين وعدو ڪيو آهي؟"

"ڪجهه نه، بلڪل. توهان کي خبر آهي، مون سوچيو هو ته مون کي ان سان ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه وقت هو. مان جيڪي چاهيان ٿو اهو ----"

"اڳتي چئو ---"

"مان هن سان شادي ڪرڻ ٿو گهران، پر مون ڪڏهن به چيو ڪو نه."

"تو اهو فيصلو ڇا جي ڪري ڪيو؟"

"سائين، مان ان سان پيار ٿو ڪريان."

"مون کي "جوهان" سڏ."

"مان سمجهان ٿو ته منهنجي رواني ٿيڻ جي صدمي مون کي آخري فيصلي لاءِ مجبور ڪيو."

"تو ڪاغذي ڪارروائي ڪيتري مڪمل ڪئي آهي؟"

"ڪجهه نه، آمريڪي حصي جي به نه، پوءِ ڪوريائي پاسپورٽ --"

"تون جيڪڏهن چاهين، مان تنهنجي مدد ڪري سگهندس."

ڊان پيتي ڪولي ۾ ميز تي هڪڙو ڊڳ رکيو.

"مان ڏسان ٿو." جوهان چيو "مان ڏسان ٿو." هن ٻيهر چيو.

"سائين، ڇا توهان اهڙي ڳالهه اڳ ۾ ڪئي آهي؟"

"ها، اسان وٽ اڳيئي اهڙا سوين نوجوان آهن. تون چاهيندين ته مان تنهنجي لاءِ به انهيءَ جو خيال رکان؟"

"مون کي اعتبار ئي نٿو اچي ته مان ڇا پيو ٻڌان --- سائين، توهان جي مهرباني."

رينا رڌڻي ۾ انهن ٻنهي ماڻهن لاءِ سموسه ٺاهي رهي هئي. ڊان ڀڪڻ لڳو.

"امڙ، توهان کي ڪيئن خبر لڳي. سچ ته مون رات جي ماني ڪو نه کاڌي هئي. اها منهنجي ذهن مان بلڪل نڪتل هئي."

اوهان سان جيڪر اڳ ملان ها. هاڻي مون کي اميد آهي --"

"۽ مونکي ايترو مظبوط پروسو آهي جيترو چوڌاري جبل آهن،" جوهان ڪليو.

"سو تون گهٻراءِ نه."

ڊان جي ڪرسيءَ کان الڳ ٿيڻ کان اڳ ۾ ٽي اڌرات گذري چڪي هئي. انهي اونداهي رات جا ٽي وڳا هئا -- جڏهن ته سوڪي هوٽل ۾ سجاڳ ليٽي پئي هئي --- هن نارمن سان هٿ ملايو.

"عزت ماب پادري صاحب، اوهان جي مهرباني. مان بيحد ٿورائتو آهيان."

"ائين به نه چئو، انهيءَ لاءِ ته اسان هتي آهيون. پر سڀاجهي ڏٺيءَ جو احسان مڃ." جوهان تسلي لاءِ هٿ نوجوان جي ڪلهي تي رکيو.

"خدا توتي رحمتون ڪندو،" هن سوچيو. ۽ ان رات اهو سڀ ڪجهه هو جيڪا ان نصيحت ڪئي.

ڊان جو هوائي جهاز ٻئي ڏينهن صبح جو اڏاڻو. جنهن وقت ڏنڊ جو ميرانجهڙو ڪمبل لٿو، هن ملڪ ڇڏيو جيڪو هن جي ٻهرين پيري اچڻ تي بغير وڻن جي ڏسبو هو. ڪنهن هنڌ، هن جي هيٺان، سوڪيءَ جي ريل گاڏي سيٽال ڏانهن ڊوڙندي پئي وئي. هن جي دل ڏکڻ لڳي. الوداع جي گهڙي ٻئي نموني رتي وئي هئي ۽ هاڻي وقت هن تي گذري ويو هو.

ڊان ڪوريا ان ڏينهن ڇڏيو، پر هو ٻيهر ساڳيو ڪڏهن به ٿي نه سگهندو.

# ۳۰

گذريل رات رينا کي جيڪو معمولي پئي لڳو، سو ڏکيو ٿيندو پئي ويو جڏهن هن شام جو سوڪيءَ جي درتي ٺڪ ٺڪ ڪئي. ڇوڪريءَ دروازي کولڻ کان انڪار ڪيو. گهر موٽڻ تي هن ڊان جو لکيل خط ڏٺو هو ۽ ان کي وري وري پڙهيو هيائين. هو هليو ويو هو! بلڪل بابي وانگر!

"سوڪي،" رينا چيو، "تون مون کي اندر اچڻ ڏينديئن؟"

ان طرفان ڪو به جواب ڪو نه هو.

"مون کي ڊان صفائي پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي."

خاموشي.

ڪِم جي زال به پنهنجي آهر گهڻي ڪوشش ڪئي، "ڇا تون ٻاهرين عورت کي ائين انتظار ڪرائيندي پاڻ تي شرمندي نٿي ٿئين؟"

پر ڪجهه به ڪو نه ٿيو.

سوڪيءَ جي ڪمري ۾ سج جي روشني پئي پئي ۽ سنهڙي دروازي مان ان جي چرڻ پرڻ تي سندس پاڇا ڏسڻ ۾ پئي آيا. رينا جو ڪورياني نائب، جنهن کي هوءَ گڏ وٺي آئي هئي، وڏو آزمودگار ماڻهو هيو، پر ان جو تجربو پڻ ڪو ڪڙ تيل ڪڍي نه سگهيو.

"سوڪي، ڊان کي سندس بدليءَ جو آرڊر مليو. هو ان لاءِ ڪجهه ڪري نٿي سگهيو."

بي فائدو.

جيئن ته انهن ديوارن جي اندر ڪجهه به ڳجهو ڪونه هو، ڪِم جي سڄي آڪو، اتي موجود هئي. پاڙيوارن اندر جهاتيون پئي پاتيون ۽ هڪ ڪتي انهن جي پيرن جي پرسان ميدان پئي سونگهيو.

نيٺ رينا چيو، "سوڪي ٺيڪ آهي، پوءِ مون کي وڃڻو پوندو.جيئن تنهنجي مرضي، ۽ ڊان کي لکان ٿي ته تو مون سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پرجي تون چاهين ته ---"

دروازو آهستي ڪجهه کليو، انهن لاءِ ان ڏکويل ڇوري کي ڏسڻ لاءِ ڪافي.

"تنهنجي مهرباني، سوڪي، مان رينا نارمن آهيان. مان اندر اچي سگهان ٿي؟"

فرش تي ويٺي ٿي ان پاڻ کي دروازي کان ٿورو پرتي ڪيو ته جيئن هو پئي اندر اچن. هو ڪو نه ٿي ٻڌائي سگهيا ته سوڪي ڪو دانهون ڪيون هيون، پر رينا لاءِ

"هن اجا تائين بابي کي ڪونه ٻڌايو آهي."

"نه، پر توکي خبر هجي هو سخت ڪوشش پيو ڪري. مون کي پڪ آهي ته تون ان تي ڀروسو ڪري ٿي سگهين. صرف اعتبار ئي ڊان جي پياري لاءِ ڪافي سٺو آهي!"

پوءِ وري هوءَ مرڪڻ لڳي ۽ هوءَ شرمندي هُئي ته اها هراسجي وئي هئي. "توهان کي خبر آهي، مان مستقبل لاءِ گهبرايل آهيان، ۽ اهو مون کي بي صبر ٿو ڪري ڇڏي،" هوءَ پيار مان مرڪڻ لڳي. "ڇا ٿيندو جيڪڏهن مان اتي آمريڪا ۾ ٺيڪ نه لڳان؟ رينا، مان نٿي ڄاڻان منهنجو تعلق ڪٿي آهي."

"مٺي، اسان کي خبر آهي اهو تنهنجي لاءِ ڏکيو آهي، توکي انهيءَ انتظار ۾ صابرين ٿيڻ جي ضرورت آهي. هن وقت تون بلڪل ٻن دنيائن جي وچ ۾ هڪڙي پل تي بيٺي آهين --- هڪ روشن مستقبل ۾ وڃڻ لاءِ تيار، ۽ اهو نه وسار ته ٻنهي طرف تنهنجا همدرد آهن."

"هائو، نانيءَ مون کي سيکاري هئي، هوءَ روزانو صبح سوير دعا گهرندي هئي." ڇوڪري گهڻو ڪري پنهنجي گنگنائيندڙ نانيءَ جي چوٽين يا ڪرٽين جي حوالي سان شروع ڪندي هئي.

"پوءِ اڇو ته گڏ جي عا گهرون اتي ڊان لاءِ ۽ پٺين لاءِ."

پنهنجا هٿ سوان رکندي جڏهن ته رينا ۽ جوهان پنهنجا ٻڏا، سوکيءَ پنهنجون اکيون بند ڪيون. جڏهن اهي قادر مطلق جي حضور ۾ پهچي ويا ته ان رهائشي ڪمري ۾ ماٺ پٿي راڄ ڪيو. رينا سمجهيو ته اهي ساڳئي خدا کي ٻاڏائي رهيا آهن توڻي ڪٿي جو اهي ان کي مختلف نالن سان ٿا سڏين.

جيستائين ڪجهه منٽن کان پوءِ ڪنهن ماٺهوءَ دروازو کڙڪايو، هو پنهنجي صدق دل واري عبادت ۾ گم هئا. پوءِ جوهان کي پڪ هئي ته جواب ضرور ايندو.

# ٣٢

دوريءَ ڏان لاءِ سوڪيءَ جي پيار کي شديد ڪري ڇڏيو. جڏهن رواني ٽيڻ جو ڏينهن ويجهڙو پهتو، هن سمجهيو تہ هوءَ تيار هئي توڙي ڪٽي جو ڪوريا کي الوداع چوڻ ڏکيو ٿيندو.

" مان واپس ايندس،" هن پنهنجو پاڻ سان وعدو ڪيو، اسين ايندا سين" هن پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نهاريو جيڪو هاٽي ٻي ڪنهن جو اجهو ٿيڻ وارو هو.

"هائو، اسين واپس ايندا سين" هن ورجايو، مجيندي تہ اهو ڏان هو جنهن هن کي هن جي نئين دنيا لاءِ آماده ڪيو هو.

ڪم وارن شام جو هن کي دعوت ڏني هئي. انهن کي ٻڌائي سگهڻ کان وڌيڪ هن ان جو قدر ڪيو هو.

"اتي مرچن وارو ٻوڙ ڪونهي،" انهن يوگ ڪيس.

"مهربان ، مون ڏي ڪجهہ موڪلجو-"

"ءَ ڪيڪ بہ ڪونہ آهن - سنو آهي هڪڙو وڌيڪ ڪاءَ."

اها آخري شام هئي. هاٽي سوڪيءَ پنهنجي سامان جي پيتي بند ڪري ڇڏي هئي ءَ رواني ٽيڻ لاءِ آخري رات جي ختم ٿيڻ جو انظار ڪري رهي هئي.

" مان وري ڏان سان گڏ ٽيڻ لاءِ وجي رهي آهيان. ءَ بابي سان ملڻ پڻ- جيڪڏهن ڏان ڪامياب ٿو ٿئي." هن جي دل ۾ سڀ نفرتون ختم ٿي ويون هيون. اتي صرف ان ماٺهوءَ کي ڏسڻ جي تمنا رهي هئي جنهن کي هن هڪڙو پيرو پيسٽر نالو ڏنو هو. جوهان جي خط جا تفصيل نہ ڄاڻندي هوءَ پنهنجو پاڻ کان پڇڻ لڳي بابو ڪيئن هوندو. هن ان کي تصور ۾ اڪيلو وانگر هن جي ڏسڻ لاءِ منتظر محسوس ڪيو.

قسمت ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، هن خيال پچايو- ءَ اهو هن جو مشرقي ماڻهن وارو نمونو هو - مان خدمت ڪنديس. رينا ءَ جوهان هن کي صبح جو ڪمپو هوائي اڏي تي وٺي وڃڻا هئا.

"ڪهڻ ۾ ڪهڻ هن جي هنري اسڪول ۾ داخلا ٿي وئي آهي" سوڪيءَ رينا کي پنهنجي مڙس کي چوندي ٻڌو" پر منهنجو خيال آهي تہ اسان هنجي پيءُ بابت پڻ صفائي ڪريون ها."

"تون صحيح آهين. هن جو اميدون تمام وڏيون آهن، مان ڄاڻان ٿو."

"اسان کي اها به اميد ڪرڻ گهرجي ته ڊان جا والدين به هن کي قبول ڪندا. اهو ڪو سولو نه آهي، جوهان، پوءِ به، انهن کي صرف هڪڙو پٽ آهي ----"

سوڪيءَ انهيءَ تي ٿلهو ساهه پريو.

"هائو، پر اهو ملاوتي نسل جي شاديءَ پر سدائين جو جهڳڙو آهي، توڻي ڪٿي جو مان محسوس ٿو ڪريان ته سوڪي انهن جي دل وٺي ويندي؛ رڳو ان کي ٿورو وقت ڏجي ---"

رينا ڪنڌ لوڏيو.

"منهنجا سائين، اسان اهو ڪيو جيڪو ڪجهه ڪري ٿي سگهياسين." پوءِ رينا جوهان کي چمي ڏني؛ جڏهن هو ٻئي پنهنجي ڪمري لاءِ ٽڪڙا هليا ويا. سوڪي جڏهن انهن بابت سوچيو، مرڪڻ لڳي.

پنهنجو سمهڻ وارو ٿلهو آخري ڀيرو وڇائيندي، هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو، جيئن ته اتي ٻيو ڪوبه ماڻهو ڪو نه هو، اڳتي انهي تي ڪير سمهندو. اهو ڏينهن سياڻي هو ۽ هاڻي ڪا به غلط ڳالهه ڪين ٿيندي. سامان کي جاچيندي، هن ننڍڙي ڪنجي هٿ ۾ سڪ ڪئي. هر شي اتي هئي. هاڻي هن کي ڪير به روڪي نه سگهندو.

ڪمري وارن جي گهر واري حصي ۾ فون جي گهنٽي وڳي.

"اها هتي آهي،" سوڪيءَ ٻڌو. اهو نه ته ڪو هن ٻڌو، پر اهو نه ٻڌڻ ناممڪن هو.

"هائو --- رڳو هڪڙو منٽ."

اها ريناتي هوندي جو ته ڪمري جي زال انگريزيءَ ۾ ٻئي ڳالهايو.

"صرف هڪڙو منٽ،" ۽ پوءِ جوش مان،"سوڪي، جلد اچ، اها تهنهنجي لاءِ آهي. سمنڊ پار کان فون."

سوڪي سن ٿي وئي. گلن جي ڇٽن وارا ڦڪي رنگ جا پردا هن جي منهن ۾ ڦڙڪڻ لڳا. "سمنڊ پار کان؟"

"جلدي اچ، اها آمريڪا کان آهي."

"مان اچان پئي." هوءَ گرم فرش تان اٿي، ڪنجي هٿ ۾ هيس. شيشو هن جي ڦڪي منهن تي اولڙ وجهڻ لڳو.

دعوت وارن مهمانن مان ڪي اڃا ڪمري وارن سان ويٺا هئا. اهي سڀ فون جي چوڌاري ميڙ ڪري بيٺا. فون جي هٿئي کي جهليندي هن هٻڪندي چيو "هيلو" هوءَ گهبرايل هئي.

آمريڪي فون ڪلارڪ هن کي هڪڙي مرد جي آواز سان ملايو. ايترو ڇنو ڇڻ

اهو سپتال ۾ هيو.

"هيلو، سوڪي--- آءٌ آهيان--- ڊان." (او، نہ، انهيءَ سفر کي رد ڪرڻ لاءِ سڏيو آهي.)

......................

"سوڪي --- تون اتي آهين؟" (هائو، پر هن جي زبان اقرار ڪرڻ کان انڪار ڪيو) هن ڊان کي رڙڪندي ٻڌو جيڪو فون ڪلارڪ کي رابطو صحيح ڪرڻ لاءِ چئي رهيو هو. " مان ان جو آواز ٻڌي ڪو نہ ٿو سگهان،" هن چيو، "هيلو."

"هيلو،" هن چيو، "مان هتي آهيان."

"او، سٺو، مٺي." بلڪل ائين جيئن چوندو هو.

"تون ٺيڪ ٺاڪ آهين؟"

"هائو." هن ڪنجي کي هٿ ۾ ايترو زور ڏنو جو اها چيڪڻ لڳس.

"۽ سفر لاءِ تيار؟"

"هائو."

"سوڪي، پياري، مون صرف پڪ ڪرڻ لاءِ سڏيو. مان انتظار ڪري نہ سگهيس."

هن ايترو تہ هلڪائي محسوس ڪئي جو اها سندس دعوت ڪري چوڌاري پکڙيل ريشمي وهاڻن مان هڪڙي تي ڪري پئي.

"تو وٽ پاسپورٽ آهي؟"

"هن -م-م-م-م-" (فون ڪلارڪ ٽن منٽن پوري ٿيڻ جو اشارو ڪيو)

"۽ ويزا؟"

"هائو، ڊان. منهنجي ٿيلهي ۾." (۽ ان کي اها ڪڏهن بہ خبر نہ هوندي تہ هن انهيءَ کي ڪيترا ڀيرا ڏٺو هيو.)

"مٺي، پوءِ ٻڌ، ٽوڪيو ۾ خيال ڪجانءِ. رڳو ٻاهرين ملڪن ڏانهن ويندڙ مسافرن واري انتظار گاهہ ڏانهن ويندڙ مسافرن جو پيڇو ڪجانءِ. تون مون سان ملنديئن."

سوڪيءَ جي چوڌاري بيٺل ٽولي جي هورا ڪورا وڌي وئي. ڇا ڪا غلط ڳالهہ هئي؟ اگهہ ۾ گهٽيءَ ڇوڪرين سان ائين ٿيو هو. انهن انديشي ۾ هڪ ٻئي ڏانهن ڪنڌ لوڏيو.

"پوءِ سوڪي، هيءَ اصل ڳالهہ آهي جنهن لاءِ مون سڏيو، مون وٽ تنهنجي لاءِ هڪڙي حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ آهي. پيءُ بابت."

"او ---"

"مون بهتر سمجهيو توکي تيار ڪريان."

"ڇا اهو --- مري ويو آهي يا ٻيو ڪجهه؟"

ڊان ڊاڍيان ۽ خوشيءَ مان ڪليو. "نه، منهنجي، ائين بلڪل نه آهي. هو ڊاڍو خوش آهي، ايترو خوش ڪڏهن به نه ٿيو هوندو.

اهو توسان ملڻ لاءِ مون سان گڏ سيئٽل شهر اچي رهيو آهي. اسان هوائي جهاز ۾ روانا ٿيڻ وارا آهيون."

"ڇا؟"

"هائو، اهوئي سبب هو جو مون توکي تيار ڪرڻ پٺيان گهريو. سوڪي، اهو ڊاڍو سٺو ماڻهو آهي. تون ان سان پيار ڪنديءَ ----"

"مان اڳيئي ڪيان ٿي --"

سوڪي ايترو ته زور سان ٿڌو ساهه کنيو، جو ڊان سمنڊ پار ٻڌو هوندو جيڪو سمنڊ هوءَ سياڻي پار ڪندي. فون ڪلارڪ جي خشڪ آواز پنجن منٽن جي ختم ٿيڻ جو اعلان ڪيو. ڊان وٽ رڳو واڪي ڪرڻ لاءِ وقت هو، "باقي ٻه ڏينهن سوڪي. منهنجي محبت!" پوءِ لائين ڪٽجي وئي.

هوءَ فون جو هٿيو فون تي رکڻ وسري وئي.

"منهنجي محبت!" ان چيو هيو. ۽ مون هن کي صرف خدا حافظ به ڪو نه چيو. سوڪيءَ هلڪي دانهن ڪئي.

"اهو ڇا آهي؟" هر هڪ پڇيو. "ڇا سفر رد ٿي ويو آهي؟"

"نه،" سوڪيءَ پنهنجو مٿو ڌوڻيو. ڳوڙها سندس ڳلن تان وهڻ لڳا. "نه!"

"ته پوءِ تون دانهون ڇو ٿي ڪرين؟"

سوڪي وهاڻي تي ويني پنهنجي جاءِ تان مٿي نهاريو.

"پوءِ، تون، دانهون ڇو ٿي ڪرين؟" هن ورجايو.

"ڇو ته،" هن چيو --- ۽ هڪڙي خوشيءَ واري مرڪ ساين اکين واري ڇهري کي ٻهڪائي ڇڏيو.

"---- ڇو ته مان خوش آهيان. آخرڪار، مان خوش آهيان."

# ناري پبليڪيشن جا شايع ٿيل ڪتاب

| ڪتاب جو نالو | قيمت | |
|---|---|---|
| 1. هيل نه ڪو سنگ ڪاڏهن | 5.00 | مئگزين |
| 2. ڪل جا ڪيتوري | 5.00 | == |
| 3. منهنجون اکيون آليون | == | == |
| 4. ڏاهيون ڏک ڏسن | == | == |
| 5. مان اڪ جو پن | == | == |
| 6. اجايل ناري | == | == |
| 7. اڏران ماهن پار | == | == |
| 8. تنهنجي تند تنوار | == | == |
| 9. ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان | == | == |
| 10. ڏنڏلا ڏنڏلا خواب | == | == |
| 11. هي ڪهڙو ٻنڌڻ | == | == |
| 12. سنگت رک سچن سان | 20.00 | == |
| 13. هڪ ڇوڪري هڪ عجيب ملڪ ۾ | == | (ٻارن جي لاءِ) |
| 14. سوني زنجير (ڪهاڻيون) | سنڌيڪار حميد سنڌي | (ٻارن جي لاءِ) |
| 15. ميلو ڪو وري آ (ڪهاڻيون) | نذير ناز | (30) |
| 16. دائا جي رجپوت (ڪهاڻيون) | حميد سنڌي | (15) |
| 17. جهرٽا (ڪالم) | نذير ناز | (15) |

اسان جي معاشري جي اهڙن ڪردارن ۽ ڪتاب ۾ ڇاپايل ڪردارن ۾ فرق صرف اهو آهي تہ هن ڪهاڻي ۾ ڇاپايل "مما" يعني ماءُ صرف هڪ سوڪيءَ نالي ڇوڪري کي جنم ڏئي ٿي ۽ اها ڇوڪري سدائين انهيءَ ڪردار ۾ رهي ٿي ۽ ڪيس وقت بہ وقت همدرد ماڻهو ملن ٿا جيڪي ڪيس تعليم ڏيارڻ، نوڪري ڏيارڻ ۽ پنهنجي پيءُ تائين پهچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. پيءُ بہ ڪيس قبول ٿو ڪري ۽ پنهنجي دل ۾ هن لاءِ اڪير ٿو محسوس ڪري ۽ ائين اها پنهنجي ڪردار کي بدلائڻ يعني معاشري جي زيادتين ڪري ماءُ وانگر ڪنهن جي "مما" ٿيڻ يعني ماءُ جي ڪردار اختيار ڪرڻ کان بچي ٿي وڃي ۽ ڪنهن نئين سوڪيءَ کي جنم ڪو نہ ٿي ڏئي، جڏهن تہ اسان جي ڇوڏاري سماج ۾ ڪيتريون ئي مائرون معاشري جي ظلم جو نشانو بڻجي گهمنديون رهن ٿيون ۽ "سوڪيءَ" جهڙن ڪردارن کي جنم ڏين ٿيون ۽ اهي سوڪيءَ جهڙيون نياڻيون بجاءِ همدرد ۽ محسن هٿن ۾ وڃڻ جي ۽ پنهنجي پيئرن سان ملڻ جي انهيءَ ئي معاشري جي ظلمن جو نشانو ٿين ٿيون ۽ ائين هر "مما" يعني ماءُ "گرانڊ ما" يعني نانيءَ جي ڪردار ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ هر "سوڪيءَ" نئين سوڪيءَ کي جنم ڏئي "مما" يعني ماءُ جي روپ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي! وڏو افسوس تہ اهو آهي تہ هتان جي "سوڪيءَ" کي اها بہ خبر نہ آهي تہ آيا هوءَ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي ٻار جي "مما" (ماءُ) آهي يا پنهنجي ئي پيءُ جي ٻار جي ماءُ بڻجي وئي آهي!!

اهو ئي سبب آهي، جڏهن مان رستن تان لنگهندو آهيان ۽ معاشري جي ظلم جو نشانو ٿيل نياڻيون پننديون نظر اينديون آهن تہ سوڪيءَ پنهنجي مظلوم چهري سان منهنجي آڏو اچي بيهندي آهي ۽ اهي پننڌڙ نياڻيون مون کي "مما" ۽ "سوڪي" لڳنديون آهن ۽ منهنجيون اکيون ڳوڙهن سان پرجي وينديون آهن تہ آيا سوڪيءَ جهڙيون هتان جي نياڻين کي بہ ڪڏهن سوڪيءَ وانگر سک ۽ عزت جو مقام نصيب ٿيندو يا اهي سدائين معاشري جي ظلم جو نشانو ٿي "مما" جي روپ ۾ تبديل ٿينديون رهنديون ۽ ائين اسان جي معاشري ۾ "سوڪيءَ" کان "مما" ۽ "مما" کان "گرانڊ ما" جو اڻ کٽ سلسلو جاري رهندو!!!

**منور ٻٽ**